
مان
انسان
ٿيندس
(ڪهاڻيون)
محمد دين راڄڙي
SAMBARA PUBLICATION HYDERABAD

مان انسان ٿيندس

(ڪهاڻيون)

محمد دين راڄڙي

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن:

2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”مان انسان ٿيندس“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب نامياري ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار **محمد دين راڄڙي** جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

محمد دين راڄڙي جي قلم مان سرجندڙ احساسن جي مهڪ من اندر تادير تاثير ڇڏڻ جي قوت سان سرشار ملي ٿي، سندس دلفريب ڪهاڻين جا ڪردار ۽ موضوع ظاهري طرح ته پنهنجي معاشري جا عڪاس آهن، پر مختصر ترين ڪهاڻين ۾ به هو سهڻي چترڪار جو روپ ڌاري پنن جي ڪئنواس جي لفظن جي موتين جا اهڙا ته نقش چٽيا آهن جو سندس معصوم سياءَ جيان لڪٽين سان به پيار جي پالوت ڪي پسي سگهجي ٿو، ۽ يقينن انهن مان ڪي اڻ ڇهيا احساس پاڻ ڪي پنهنجي ڪهاڻي بيان ڪندي سڪ ۽ سوز جي رشتي سان پاڻمرادو ڳنڍي وٺن ٿا.

هي ڪتاب سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون سمبارا جي سرواڻ ساجد سنڌيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ مهربانيون ياءُ محمد دين راڄڙيءَ جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪتاب نمبر 93

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: مان انسان ٿيندس
موضوع: ڪھاڻيون
ليکڪ: محمد دين راڄڙي
ڇاپو پھريون: مارچ 2018ع
ڪمپوزنگ/لي آئوٽ: آفتاب احمد هنگورو
ٽائيٽل: آصف رضا نظاماڻي
ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي سنگت ڍھرڪي
ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن
منو ٽاور سامھون عبرت پريس، ويجھو دوابہ پوليس لائين، گاڏي کاتو، حيدرآباد
03003513966

مُلهہ: 200 روپيا

Maan Insan Thiendus
(***Stories***)
By: Muhammad Din Rajri
Sambara Publication Hyderabad
03003513966

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

پيڪاڪ ڪتاب گھر حيدرآباد. فڪشن هائوس حيدرآباد. ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد. قليچ ڪتاب گھر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد. ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد. ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو. رابيل ڪتاب گھر لاڙڪاڻو. مھراڻ ڪتاب گھر لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گھر شڪارپور. سنڌيڪا ڪتاب گھر سکر. تھذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس. ٽر ڪتاب گھر مٺي. الفتح نيوز ايجنسي سکر.

فھرست

1. اداري پاران 07
2. پنھنجي پاران 08
3. ڊسڪورس 19

- خليق ٻگهيو
- ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري
- مجيب اوٺو
- ملزم سومرو
- جي ايم لاڙڪ
- فدا ملڪ

4. ڪھاڻيون

- ٽوٻو...! 56
- سرڪس 60
- جاڳر... 64
- ڦاٽڪ 68
- اندر ٿو سڏي مونکي...! 73
- اندر وارتا...! 77
- سچ ڪي پُٺي...! 81
- ڪراچي... 88
- سيڪنڊ اسٽيٽمنٽ 93
- بودلو... 97
- پٽرائجي ويل اکيون... 110
- پيرا ڊو 113
- ماڻ انسان ٿيندس 118

- احساس! 122
- امداد...! 123
- انگ اگهاڙا ٽري پار...! 125
- پريت...! 128

مختصر ڪهاڻيون...!

- ٻه مانيون 131
- پئسو ڪونهي 132
- اُساٽ 133
- تضاد 134
- اڇي پڳ مَ پس 135
- ڏڪار 136
- وزن 137
- ATM مشين 138
- سَرلان...! 139
- تضاد 143
- هڪ سٽ ڪهاڻي 144
- نئين دور جي مارئي...! 145
- ٻچل ڪلينڪ 146
- پارٽي.... 149
- اُٺ ڏونگر ڏاري ويندا سين 150

اداري پاران

سنڌي ـ ڪهاڻي ڪيتر ۾ جتي معاشرتي پيچ ڍاهه ۽ رومانوي پسمنظر جا اولڙا جابجا جهلڪندي محسوس ٿين ٿا، اتي من اندر اٿندڙ اڇل ۽ ذهن ۾ چپيندڙ احساسن جون ڇهندڙيون پڻ هڪ ڪهاڻيڪار جي حساسيت ڪي اپاري سامهون آڻين ٿيون. اتر سنڌ جي ملوڪ ليکاري ۽ ڪهاڻيڪار محمد دين راڄڙي جي قلم مان سرجندڙ احساسن جي مهڪ پڻ من اندر تادير تاثير ڇڏڻ جي قوت سان سرشار ملي ٿي، سندس دلفريب ڪهاڻين جا ڪردار ۽ موضوع ظاهري طرح ته پنهنجي معاشري جا عڪاس آهن، پر مختصر ترين ڪهاڻين ۾ به هو سهڻي چترڪار جو روپ ڌاري پنن جي ڪئنواس جي لفظن جي موتين جا اهڙا ته نقش چٽيا آهن جو سندس معصوم سپاءَ جيان لڪٽين سان به پيار جي پالوٽ ڪي پسي سگهجي ٿو ۽ يقينن انهن مان ڪي اڻ ڇهيا احساس پاڻ ڪي پنهنجي ڪهاڻي بيان ڪندي سڪ ۽ سوز جي رشتي سان پاڻمرادو ڳنڍي وٺن ٿا.

گلاب جي پنکڙين تي پوپٽ جي ڇڏيل رنگن جهڙيون ڪهاڻيون سرجيندڙ محمد دين راڄڙي پنهنجي زندگيءَ جو اڌ حصو سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ تان پاڻ وارڻ ۾ وقف ڪري چڪو آهي، جهڙي طرح سندس شخصي ڪردار ۾ نهنائپ ۽ بيساختگي ڪليل ڪتاب جيان پڌري پٽ آهي، اهڙي طرح سندس ڪهاڻين مان انساني الميا، پريت پچارون ۽ سرت سنيها جيون ريکائن ڪان پلي پت روشناس ڪرائڻ لاءِ اتساهن ٿا، هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻيون دين محمد راڄڙي جي داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن جو اهڙو نچوڙ آهن، جنهن ۾ نه فقط پنهنجي آس پاس جي ماحول پر اندورني اٿل پٿل کي به پنهنجي وجود مٿان گذرندي محسوس ڪيون ٿا، اميد ته سمبارا پبليڪيشن پاران پڙهندڙن لاءِ هيءَ سوکڙي نئنهن اس جي ٽڪاوت ۾ پنبڻين مٿان ٿڌڙي ڇٽڪار جو روپ ضرور ڌاريندي.

ساجد سنڌي
03003513966

پنهنجي پاران

ڪهاڻي تاريخ جي ماءُ آهي. ڪهاڻي جو آستان ماڻهو جو روح آهي. ڪهاڻي جي تاريخ، خود تاريخ کان بہ اوائلي آهي. پهرئين ڪهاڻي تڏهن جنم ورتو هوندو، جڏهن ڪنهن پکيءَ، جيوءَ انسان پنهنجي درد ڪٿا پيرائتي نموني ڪنهن سان اوري هوندي.

ڪهاڻي جا انيڪ روپ آهن، جيڪا شڪل تہ مٽائي ٿي پر ختم نہ ٿي ٿئي. هڪ اها ڪهاڻي آهي، جيڪا لکت ۾ اظهاري ويئي آهي، ٻي زبان سان ٻُڌائي ويئي آهي ۽ ٽيئن اها ڪهاڻي آهي، جيڪا ”راز“ ٿي پنهنجو انت آڻي چڪي آهي. هر گهر ڪهاڻي آهي. هر شخص ڪهاڻي آهي. بي شمار ڪهاڻيون آهن، ماڻهو ٿڪي ٿڪي ننڊ ۾ پناهہ ڳوليندو آهي، پر ڪهاڻي مسلسل اُٿجي رهي آهي بنا ڪنهن ساهي جي، بنا ڪنهن ننڊ جي. تنهنڪري ڪهاڻي جا انيڪ رنگ آهن، بي شمار گهاڙيٽا آهن، رخ ۽ مهانڊا آهن، ڪهاڻي جي بہ هڪ ڪهاڻي آهي. ڪهاڻي جي هڪ زمين آهي، آسمان آهي ۽ ڪهاڻي جو هڪ سمنڊ اهي ۽ ڪهاڻيڪار هڪ ماهيگير آهي، جنهن جي ڄار ۾ ڪهاڻين جا پلو مڇي جهڙا منفرد ڪٿا جهلجي پوندا آهن.

ڪهاڻي احساسن جي، ڪيفيتن جي، وارتائن جي احساساتي ريڪارڊنگ آهي. سماج ڪهاڻين جو ڪارخانو آهي. جيتري ڪهاڻي جي پئداوار آهي، اوترو اها لکجي، محفوظ نہ ٿي رهي آهي. نتيجي ۾ اڻ اظهاريل، اڻ ٻڌايل ئي رهي ٿي. ڪهاڻي جو وهڪرو بليڪ هول جي ڪُن جيان مسلسل پئداواري صورت ۾ رهي ٿو. بي شمار ڪهاڻيون اندر جي مُقام ۾ مدفن ٿيل آهن. جيڪي ڪڏهن ڪڏهن اپار ڪائي ڳوڙهن جي صورت ۾ اکين مان وهي ايندیون آهن.

لکڻ منهنجي لاءِ عبادت جهڙو آهي. ڇو تہ لکڻ مهل اڪثر ماڻهو نرم ٿي وڃي ٿو.انسان ٿي سوچي ٿو. ان منجهہ احساس پيدا ٿئي ٿو. ليکڪ گوناگون ڪيفيتي,احساساتي لقائن جو مشاهدو ماڻي ٿو. لکڻ جو عمل لکندڙ ۾ نرمي پيدا ڪري ٿو. ماڻهو پنهنجي ڪردارن ۾ پيوست ٿي نہ فقط پيڙاءُ جي ڪيفيت مان گذري ٿو پر لکندي ست رنگي ڪيفيتن جي وجهہ ۾ رهي ٿو. هو ڪنهن مهل جذباتي ٿئي ٿو. ڪنهن مهل نراش,اداس,خوش,۽ ڪنهن مهل روئي ٿو ويهي.مان ٿوپي، سرلان، ڦاٽڪ، پٽرائجي ويل انسان، ٽري بارن، پنهنجي مزدور ڪردارن ۽ ڪوڏو تي لکڻ مهل رنو آهيان. مان پنهنجي سپني ڪردارن ۾ پاڻ کي لاهي ڏٺو آهي. منهنجي ڪهاڻي اڪثر ڪنهن جي ڪهاڻي آهي. فنيءَ طور مون ڪهاڻي جا سڀ تفصيل ڪهاڻي ۾ بين المتن_Inter) textuality(ٽيڪنيڪ اپنائيندي اظهاري ڇڏيا آهن. منهنجي ڪهاڻي جو هڪ حصو(Textual متن) ۾ آهي; تہ ٿي حصا اڻ لکيل هوندي ڪهاڻي ۾ موجود آهن انڪري، انهن جي محسوسات تائين پڙهندڙ يقينن پهچندو. مان لفاظي بدران اختصارپڻيءَ ۾ احساساتي ڳَر سمائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ڪجهہ ڪهاڻين کي نہ چاهيندي بہ طوالت کان بچائي نہ سگهيو آهيان. ٻولي جي حوالي سان مان پنهنجي علائقي جي ٻولي جي لهجي کي بہ استعمال هيٺ آندو آهي.

منهنجي ڪهاڻين ۾ ڊاٽس.(...........)کي ڪوڊ آهن شايد,يا کي منهنجا احساس، جيڪي پڙهندڙ ئي ڊي ڪوڊ ڪري سگهندا. مان پنهنجي ڪهاڻي کي فطري طور آزاد رکي پنهنجي انداز سان لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مان پنهنجي ڪهاڻين تي تحقيق بہ ڪئي آهي. مان پنهنجي ٽارگيٽيڊ ڪردارن کان انٽرويو بہ ڪيا آهن. انهن سان ڪچهري بہ ڪئي آهي. منهنجيون ڪهاڻيون منهنجي ڪردارن ۽ سماجي اڻبرابرين، ڏاڍ، استحصال سان تعزيت آهن. يقينن منهنجي ڪوشش آهي. مڪملتا ڪڏهن ٿيڻي ئي ڪونهي. بس هڪ مزاحمت

آهي، ڪو مقصد آهي، ڪا دانهن يا ڪو احتجاج آهي؛ جيڪو مون ريڪارڊ ڪرايو آهي. لکڻ جي ماڻهو ڪوشش ئي ڪندو آهي، لکي ڪٿي سگهندو آهي، مان بہ فقط ڪوشش ئي ڪئي آهي.

مان لکڻ جي شروعات ٻاراڻي ادب سان 'گل ڦل' ۽ ٻيا ٻاراڻا رسالا پڙهي ڪئي.پر ادب طرف لاڙو ٻالڪپڻيءَ کان هو.پرائمري جا پنج درجا پنهنجي ڳوٺ سانڪو (عبدالله راڄڙي)جي اسڪول مان پڙهي ڇهين ڪلاس ۾ گورنمينٽ پرونشلائيزڊ هاءِ اسڪول ڏهرڪي ۾ داخل ٿيس تہ رسيس مهل چاچي عبدالڪريم جي بڪ اسٽور ۽ غفار بڪ ڊپو تي هليو ويندو هيس.جتي چاچو حقو چڪي رهيو هوندو هو ۽ سامهون ٽيبل تي ڪتاب پيل هوندا هئا.پر پئسن جي اڻاٺ سبب هڪ رپئي.يا ڏيڍ رپئي ۾ ملندڙ ننڍڙا ڪتاب عمرو يار ۽ ٽارزن جي ڪهاڻين وارا ڪتاب وٺي سگهندا هئاسين، اسڪول ۾ ئي ادبي استاد مليا، سائين عبدالقدير ڪانيجون جيڪو اسانکي ڪلاس ۾ پنهنجي فوٽو ڪاپي ٿيل ڪهاڻين جي ڪتاب مان سماجي، اصلاحي ڪهاڻيون پڙهي ٻڌائيندو هوسائين عبدالرزاق ڊڪڻ جيڪو ادبي ڳالهيون ڪندو رهندو هوٿيون استاد جميل سومرو جنهن کان متاثر ٿيس. ايئن سائين عبدالمجيد ڪانيجون صاحب، سائين گل حسن ڪولاچي جو شفقت ڀريو ورتاءُ اڄ ڏينهن تائين نہ وسريو آهي. پرائمري جي استادن سائين نظر محمد ڏهر، استاد حاڪم علي راڄڙي، غلام فريد راڄڙي، لطيف يونيورسٽيءَ ۾ سائين مڪيش ڪمار منڌاڻ، سائين ذوالفقار شاهہ سيد ظفر شاهہ ميڊم شميم گهمرو، سائين ممتاز مري، سائين حسن شيخ، غلام مصطفي مشوري، عبدالرشيد سومرو، حسن بخاري، انصاري صاحب، جهڙا استاد پئدا ٿيڻ ۽ منهنجو انهن وٽ پڙهڻ منهنجي لاءِ اعزاز آهي.

واقعي، مبارڪ صاحب چواڻي مان پاڻ بہ هڪ ڪهاڻي آهيان. مان غربت کي تمام ويجهو کان ڏٺو آهي. مونکي فخر آهي تہ مان ان پيءُ جو پٽ آهيان، جنهن جا هڏا نيڊي هوندي کان هر هلائڻ سبب مُڙيل آهن. منهنجو عظيم بابا، جنهن وٽ داستان آهن تہ محنتن جا، مشڪلتن جا، جيڪو مونکي ڪلهي تي ٻني ءَ تي ڪٺي ويندو هو ۽ ڏاندن ۾ هر جوتي زمين کيڙيندو ويندو هو ۽ ڏاندن جي جوڙي کي سڄي، ڪٻي جون هدايتون بہ ڏيندو ويندو هوندو هو ۽ ويجهو اچڻ تي: بس هڪ جاٺ ڏيئي گهر هلڻ جون تسليون بہ. منهنجا پورهيت بابا منهنجو هي ننڍڙو پورهيو، تنهنجي اُتم پورهئي کي ارپيان ٿو.

مان انتهائي بي ڏياني، ويڳاڻائپ، اٿهوند کي بہ محسوس ڪيو آهي. تہ بلاوجہ شديد نفرتن، دشمنين کي بہ منهن ڏنو آهي. پر پنهنجي ورثيءَ ۾ مليل دشمنن سان بہ محبت، همدرديءَ، نيڪ نيتيءَ جو دامن ڪڏهن بہ نہ ڇڏيو آهي نہ ڇڏيو. الائي جي ڇو مونکي، مونسان انتهائن جي نفرت ڪندڙ ماڻهن تي رحم ايندو آهي، تہ خوامخواہ ڪيڏي خفي ۾ آهن. ڪنهن ڏاهي چواڻي: اسان وٽ محبتن لاءِ بہ انتهائي محدود وقت آهي، ماڻهو نفرتن لاءِ الائي ڪٿان ٿا وقت ڪڍي اچن. شال اسان سڀ سک پرئي، پر امن، تعليم يافتہ، خوشحال، معاشي خودمختيار، مهذب سماج جي اڏاوت لاءِ پاڻ پتوڙيون. ۽ جيترو ٿي سگهي، ڪنهن جي ڪم اچون، ڪنهن جو ڀلو ڪيون. ڇو تہ منفيت، نيت جي بدي، ٻيائيءَ، نڳيءَ، ڏوڪو ڀهروپٽو پنڌ بہ ڪندو آهي ۽ ان کي اڪيون بہ ٿينديون آهن، جيڪو آخرڪار ٻي ڪنهن نہ اسانکي ئي ڳولي لهندو آهي. تنهنڪري، ڪر ڀلا، هو ڀلا. منهنجي خاندان ڏاڏاڻي ۽ ناناڻي ٻنهي پاسن کان پيڙهين کان وٺي شديد استحصال جو شڪار رهندو پئي آيو آهي. منهنجي ڏاڏي کان ان جي نہ ڪيل گناهن عيوض نہ فقط تيار ڪيل فصل کسيا ويا، پر ڳوٺ جي سوين ايڪڙ زمين مان بہ ان وقت جي وڏيرن خرد برد ڪري ان کي هڪ ايڪڙ بہ نہ ڪٽڻ ڏنو.

انڪري هو آخر تائين مفلسيءَ ۾ رهندي. پرائي رهڪي پوکي ڪندي ٻچا پاليندو رهيو. ساڳي ڪار منهنجي نانا بابا سان بہ ٿيندي رهي. نانا ڪي پٽ جو اولاد نہ هو انڪري، جڏهن مان ڄايس تہ ڇهن مهينن جو مس ٿيم تہ امان مونکي نانا کي بخشش ڪري ڏنو. انڪري هن مهل تائين مان ان گهر ۾ رهان پيو. منهنجو نانا بابا بعد ۾ وڏي جدوجهد ڪانپوءِ پنهنجا حق وڙهي ورتا.

مان شايد ڪهاڻي طرف انڪري بہ آيس ڇو تہ مون گهڻ رنگي استحصال کي بہ محسوس ڪيو. ٻيو مان ننڍپڻ کان وني ڪن لائي ٻڌڻ جو شوقين رهيو آهيان.مان استاد شهزادي ڇجڻ ۽ عبدالرحيم سومري کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٻڌو آهي. نانا بابا جي پڳ مٽ يار نانا رسول بخش ڏهر جي چورين جا پيرائتا ڪارناما هجن، يا مامي علي حسن ڏهر جا قصا، ڪُتن جي شوق جا داستان، تڏن، شادين، فيصلن، ڳوٺاڻن پوڙهن ماڻهن، حمل فقير شر، ملهار ٽانگي واري، مرحوم الله بچائي راڄڙي جهڙن سگهڙن، توڙي پوڙهي عورتن جي سگهڙ ڪچهرين، خاص طور ڏاڏيءَ جي گفتگو مان ٻولي گڏائيندو رهيو آهيان. ننڍي عمر کان منهنجي تحت الشعور ۾ ٻولي جا پنڊار سمايل آهن.انڪري،شايد مان نوجوان هوندي پنهنجي ڪهاڻين ۾ پوڙهو ٿي ڳالهائيندو آهيان. منهنجي اڪثر ڪهاڻين جي ٻولي جينيئن ٻولي آهي. جيڪا مون ڪٿي نہ ڪٿي ٻُڌي آهي.

منهنجي ذاتي ڪهاڻي کي منهنجي ڪنهن شاهڪار پينٽنگ جي نموني جهڙي نرلي واهہ جي ڪنڌي تي اڏيل ڳوٺ سانڪو (عبدالله راڄڙي) جي گهٽين ۾ ڪيڏنڌڙ ٻار کان شروع ٿي، ليڪچرر ٿيڻ تائين منهنجي بي شمار دوستن، محترم استادن ۽ منهنجي ڀائرن پئي لکيو آهي. منهنجي وڏي ڀاءُ منير احمد قادري، عبدالشڪور جنهن منهنجي ننڍيءَ ڀاءُ هوندي مونکي ننڍي ڀاءُ جيان پڙهايو. منهنجا تعليمي خرچ

پريا، هميشه مون تي اعتماد ڪيو بلڪ سموري خاندان جو ايئن پرجهلو ٿي بيٺو جيئن ڪو وڏو سياڻو ملاح ٽٽل ٻيڙي کي وڏي مهارت سان ڪناري تائين رسائيندو آهي. اسانجي خاندان ۾ اسانجو هي ڀاءُ جڻ هڪ ڀاءُ ٿي نه پر سموري خاندان جي حياتي پيو گذاري، سيئي بار ان جي ڪلهن تي آهن الله سائين کيس وڏي حياتي عطا فرمائي، مقبول ڀاءُ جيڪو بابا جي ٻانهن جو ٻل آهي، عمران ننڍو ڀاءُ جنهن هڪ ڏينهن شهدادپور مان منهنجي ڪهاڻي ڪاوش اخبار ۾ پڙهي ميسيج ڪيو هو: ”ڀائو بهترين ڪهاڻي 50 رپئي جو نوبل انعام ايزي لوڊ ڪرايان ٿو“. يقين ڪيو جڻ ته مونکي ايزي لوڊ جي صورت ۾ واقعي نوبل انعام مليو. هي ڀاءُ ۽ دوست ئي آهن. جيڪي مونسان منهنجي سنگين حالتن ۾ ڪلهو ڏيئي بيٺا آهن. پوءِ اهي جهيڙا هجن، منهنجي ننڍڙي پري فائزه جي دل جي سرجري هجي،فصل ٽٽڻ جا قرض هجن، اسان ڀائرن هڪ ٻي جو ساٿ ڏنو آهي. جڏهن ڪراچي ۾ پنهنجي پياري ڀائٽي رضوانه کي جناح اسپتال ۾ وچي داخل ڪيوسين،جيڪا اسانکان وڇڙي ويئي،جيڪا هميشه اسانکي ياد رهندي... پر عبدالشڪور ڀاءُ انجي حياتي بچائڻ لاءِ پئسن جون ٿهيون ڪٺي آيو.حقيقت ۾ هي ڪتاب پنهنجي سموري خاندان خاص طور ڀاڻيجن، ڀائٽن، بابا، امان، نانا، بابا، ڏاڏا، ڏاڏي، جيون ساٿي ۽ ٻينرن کي اربيان ٿو، منهنجي ڪهاڻي ۾ منهنجي خاندان جو ڪردار رهيو آهي. هڪ سيلف ميڊ ماڻهو گهڻو تڻو اوڏر تي گذارو ڪندڙمنهنجي لاءِ دنيا جو مشڪل ترين ڪم ڪنهن ڪان پئسا گهرڻ رهيو آهي؛ جيڪو مان ڪيو به تمام گهڻو آهي.شهر پهچڻ تائين ڪرايو به نه هجڻ، پر تنهن هوندي، سياست به ڪئي، ادب، اسٽيج ڊرامه نگاريءَ جتي استاد اورنگزيب ساگر، جاويد ڪانجون، نديم شاهه، حسين مهر، معشوق چاچڙ، لطيف مهر، عزيز سومرو، احسان سومرو ۽ استاد جمال پنو جهڙا

دوست مليا، سوشل ورڪ ڪان ويندي، ليب ٽيڪنيشن، پرائيويٽ اسڪول ٽيچنگ، ان ڪيترن ئي سالن جي جدوجهد ۾ منهنجي ڪهاڻي جڙ ته منهنجي دوستن ۽ استادن لکي آهي، مان سائين شهزادي ڇجڙ صاحب کي ڪيئن ٿو وساري سگهان جيڪو منهنجو يارهين ڪلاس جو پرائيويٽ فارم وٺي آيو ۽ مان 1999 ۾ مئٽرڪ پاس ڪري تعليم کي خيرآباد چئي چڪو هُيس،اهو فارم ڀرجڻ منهنجي حياتي جو يو ٽرن هوجو بعد ۾ مان شاهه لطيف يونيورسٽيءَ جي انگريزي ڊپارٽمينٽ تائين پهتس ۽ اها سائين شهزادي جي ڪيريئر ڪائونسلنگ هئي جنهن سي.ايس.ايس،پي. سي. ايس،جهڙا امتحان ڏياريا،منهنجي ڪهاڻي ۾ استاد شهزادي جو ڪردار مرڪزي رهيو آهي،جنهن نه فقط بنيادي برين واشنگ، شعور سازيءَ ڪئي، پر ڪردار سازي به ڪئي. انڪري، مان انهن کي ميرپور ماٿيلي جو سقراط چوندو آهيان. مان ڪيئن ٿو وساري سگهان زاهد ڀنگر کي جنهن مونکي پرائيويٽ اسڪول پڙهائڻ جي صلاح ڏني. ۽ منظور احمد لغاري صاحب جي اسڪول ۾ محترم تقي محمد شاهه ڏانهن موڪليو،جنهن اٿندي ئي انگريزي جي ٽيسٽ ۾ فيل ڪري وڌو ۽ سنڌي سني هجڻ سبب سنڌي جو استاد ڪري رکيو. پوءِ انگريزيءَ سان دل لڳي...۽ هڪ بهترين شريف النفس دوست به مليو. ۽ اتان عبدالشڪور ڪانجون، واجد محمود، استاد عبدالقدوس، زاهد نائچ، حفيظ ڀنڀ، آصف ملڪ جهڙو درياءَ دل انسان، امجد چنه، حافظ فاروق سميجو، مشتاق لاشاري، ۽ ڪيترائي ٻيا بهترين دوست مليا.

عبدالرحيم سومرو اهڙو ڀائرن جهڙو دوست به مليو،جنهن مونکي بي شمار ڪتاب پڙهايا. هيءُ اهڙو انسان آهي، آدرشي،نيڪ نيت،ايماندار، سڀ ڪنهن جي هڪ جهڙي عزت ڪندڙ، بااخلاق، ذميوار، حساس، انسان دوست روح. مان عبدالرحيم سومري کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ ڪان قاصر

آهيان.هي اهڙو شخص آهي. جنهن ڪڏهن به ڪنهن جي لاءِ من ۾ مير نه رکيو هوندو. ويتر استاد شهزادي جي صحبت. اسانجي سنگت ۾ استاد جي حيثيت رکندڙ منهنجي ڪهاڻين جو بهترين نقاد، ۽ مونکي حوصلو ڏيندڙ هڪ گمنام اديب.

منهنجي تربيت ۾ محترم محمد اسماعيل سميجو،ڊاڪٽر مظهر اسحاق آرائين،سياسي،سماجي شعور،ادبي شعور جي حوالي سان محترم ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري صاحب،استاد مفتون ڪورائي جيڪو منهنجو ادبي استاد، اتساهيندڙ ڪردار، پاڻ به اتساهه جي علامت، ڪچهرين جو ڪوڏيو، محفل جو مور، مان اڪثر چوندو آهيان. هي ڪيترو حساس شخص آهي.فيض جي انقلابي نظمن کان ويندي پٺاڻي رح جي سٽن تي روئي ڏيندڙ مان هن شخص کي ڏٺو آهي ته هن جي داد هن جا ڳوڙها هوندا آهن. جڏهن به ڪا شاهڪار شاعري ٻڌندو،ڪنهن ظلم جو اظهار ٻڌندو،ڪو راڳي بهترين سُر وچان ڳائيندو،ڪا ڏک ڀري خبر پڙهندو،ٻڌندو،هڪدم روئي ڏيندو! مان هن جي شاعري کي هن جي عبادت سمجهندو آهيان.مان پنهنجي نظماڻي ڪهاڻي آدرشي استاد مفتون کان متاثر ٿي لکي هئي.اهڙن ماڻهن تي لکڻ ويهجي ته ڪتاب لکجي وڃن.

ان کانپوءِ استاد جميل سومرو،جنهن سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏهرڪي ۾ مونکي ۽ رميش ڪمار بي ايم کي به رڳو ڪم ڪرڻ جو اسپيس ڏنو،پر اڳتي وڌڻ جو اعتماد به ڏنو.جيڪو اڄ ڏينهن تائين مختلف صورتن ۾ جاري آهي.استاد جميل صاحب مون سميت ڪيترن ئي نوجوانن جي تربيت پئي ڪئي آهي. ۽ ڪڏهن به ناهي ڳڻائي.مان سائين جي خداداد صلاحيتن، سنڌس ٻولي جي اپروچ، شعور جي عملي صورت،۽ سنڌي ٻولي جي دسترس، شاعري کان بي حد متاثر رهيو آهيان. جميل صاحب ڪڏهن به پنهنجي ادبي حيثيت

ڪيش ناهي ڪرائي. هو غير محسوساتيءَ انداز سان نوجوان دوستن جي ادبي، علمي رهنمائي ۾ هميشه اڳيان رهيو آهي. ايئن محترم پريم پتافي، سائين حقنواز شيراز چانڊيو جي ايم لاڙڪ، امر ڪهاوڙ سائين مشتاق گبول، سائين اياز لطيف دايو، محترم عبدالروف پارس دايو، وجيش ڪمار، سائين سڪندر مگسي، سائين عبدالحئي پتو سڪندر اوڳاهي، مير احمد مير، طالب ڪوڪر، غلام حسين سيال، عرفان لنڊ،گل لنڊ،دوست سومرو، فهيم گبول ڪان ويندي سموري سنڌ جي ادبي حلقي ڪان مون ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ پرايو آهي.

ان لمحي مان ڪيئن ٿو وساري سگهان پنهنجي سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏهرڪي کي جنهن منهنجو هي ڪتاب ڇپايو آهي. ۽ پياري فدا ملڪ کي جنهن هميشه مونکي پنهنجي ننڍي ڀاءُ جيان پيار ڏنو آهي. ۽ منهنجو ،منهنجي قد کان وڌ احترام ڪيو آهي.مونکي به هُن لاءِ بي حد احترام رهيو آهي.ايئن ادبي سنگت ڏهرڪي جي سينيئر ساٿي سائين ملزم سومري لاءِ به بي حد احترام آهي. جي ايم لاڙڪ جنهن جي ادبي جنون کي ڏسي، اسان به اتساهه وٺندا آهيون.ٻين محترم دوستن ۾ منظور بيدار پتو،حقنواز آڪاش ٻرڙو،سرمد مظهر، پيارو مسافر پتافي، غفار شيخ، باسط سومرو، سائين عبدالغفار ڊڪڻ، سڪندر فراق لغاري جنهن سان ٻتيهه دليون، غلام شبير لغاري، اشوڪ ڪمار بيڪس، پيارو عاشق راڄڙ جنهن جي لوڪ ڏاهپ، لاجيڪل ڊسڪشن مان پنهنجي ڪهاڻين جا موضوع ڳوليندو رهندو آهيان. ان جي ڪچهري مونکي گهڻو مواد ڏيئي ويندي آهي. نور احمد سومرو کان ته ڪافي پرايو. وڏي ڳالهه اها ته انگريزي ليڪچررشپ جي انٽرويو جي تياري مهل هفتو ان جي اوطاق تي رهيس.رات جو دير تائين گڏجي پڙهنداهياسين ۽ صبح جو نماز مهل اچي اٿائيندو هو ۽ پڙهڻ لاءِ زور ڀريندو هو.مان هن دوست کان اڌاري ورتل ٽري پيس سوٽ

۾ انٽرويو ڏنو..ائين ئي ممتاز جلباڻي، سليم چنو علي نواز نائچ، غلام نبي گبول، فرحان سومرو وري يونيورسٽيءَ جي آڻيون ۾ چاڙهيون دور جا اهڙا دوست رهيا...جنهن سان ڏنل سنگين حالتن ۾ ٺهڪ اجان خيرپور جي فضائن ۾ گونجندا هوندا.پرڀ داس پپو به هڪ يگانو دوست،جنهن حالتن سان نه فقط مڙس ٿي منهن ڏنو آهي، پر پاڻ ملهائي ڏيکاريو آهي.ايئن ئي مجيب الرحمن راڄڙي. جنهن لاءِ فقط ايترو چوندس ته هن ماڻهو سان اختلاف رکڻ لاءِ بلاوجه سبب ڳولڻا پوندا. انتهائي صابرين، مهذب ۽ ملائم طبعيت جو مالڪ. جنهن جي فطرت ۾ آهي ته فقط احساس ۽ محبت. پير بخش راڄڙي جنهن نانا بابا جي بيماري ۾ وڏي ڀاءُ جيان ساٿ نڀايو. استاد عبدالقادر چاچڙ جنهن قرآن پاڪ پڙهايو.

ها،ان سيني دوستن کان منفرد محبوب دوست کي ڪيئن ٿو وساري سگهان،جنهن منهنجي جيون ۾ رنگ ڀريا،مونکي اعتماد ڏنو،مون تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ايئن ڳالهائيندو هو جيئن ڪو گڙنگ نقاد ڪنهن ڪتاب جي اکر اکر ۾ لهي وڃي.ان لاءِ فقط اردو جا به شعر ئي ارپيندس:

ملنے لگتا ہے جب کسی کی رفاقت میں سکون،
پھر یوں ہوتا ہے! کہ وہ شخص بچھڑ جاتا ہے۔

*

تم نے کہا تھا آنکھ بھر کے دیکھ لیا کرو مجھے،
اب آنکھ تو بھر آتی ہے، پر تم نظر نہیں آتے۔

لڪ ٿورا محترم مشتاق گبول صاحب، مجيب اوني،مبارڪ صاحب،جميل سومرو صاحب،ملزم سومرو،فدا ملڪ،جي ايم لاڙڪ جنهن ڪتاب تي رايا ۽ بئڪ ٽائٽل لکي ڏنو.

انتهائي گهڻو مشڪور آهيان ناميارين نقاد محترم خليق ٻگهيو صاحب جو جنهن دل ۽ روح سان منهنجي ڪتاب تي مفصل انداز ۾ لکيو.ٿورائتو پياري آصف رضا نظاماڻي جو جنهن خوبصورت ٽائٽل ٺاهي ڏنو.

۽ سمبارا پبليڪيشن جي سموري سٿ ۽ خاص طور محترم ساجد سنڌي جو جنهن ڪتاب اوهانجي هٿن تائين پهچايو.

منهنجي فقط هڪ ئي خواهش آهي تہ اوهان منهنجو ڪتاب دل سان پڙهي پنهنجو رايو ضرور ڏيندا.

مهرباني.

محمد دين راڄڙي
ليڪچرر انگريزي گورنمينٽ
بوائز ڊگري ڪاليج، ڏهرڪي
03324177619

ڊسڪورس

محمد دين راڄڙيءَ جون ڪهاڻيون

هر دور ۾ ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنڪ، ٻولي، اسلوب، موضوع ۽ پيشڪش تبديل ٿيندي رهي ٿي، هيءُ دَور سنڌي سماج جو هڪ عبوري دور آهي، هن دور ۾ سنڌي سماج جي اندر ڪنهن وڏي اُجل جي اُميد ڪانهي، پيچ ڊاهه جي هڪ مسلسل عمل ۾ جتي نظرين جي رومانس جو دور ختم ٿي ويو آهي، اُتي آرٽ جو معيار چئلينج ٿي ويو آهي، شيون، ڳالهيون، رخ، رويا ۽ قدر اڻ طرفا بڻجي ويا آهن، جنهن جي ڪري آرٽ جا نوان زاويا دريافت ٿي ڪونه پيا ٿين، هن وقت سنڌي ادب، آرٽ نه سياست جي سرواڻي ٿو ڪري، نه وري سياست آرٽ جي سرواڻيءَ جي قابل رهي آهي، محنت، رياضت، مطالعو، مشاهدو، تجربو ۽ فڪري سمتون اڳ سنڌي آرٽ جو مقدر هونديون هيون، جنهن جي جاءِ تي هاڻي آرٽ جي دنيا ۾ ڪثير سهل پسندي اچي ورتي آهي، گهرائيءَ جي جاءِ سطحيت پسنديءَ ورتي آهي، نظرين جي جاءِ فيشن ورتي آهي، منزلن جي جاءِ بي راهه رويءَ ورتي آهي، تسلسل جي جاءِ ٽُڪرن ورتي آهي ۽ فڪر جي سجاده نشينيءَ واري مسندتي ٻوليءَ جي هڪ طرفي بادشاهت قبول ڪئي وئي آهي، ڪو به اسلوب، ڪو به تخيل، ڪا به پيشڪش آئيڊيل ناهي رهي، جتي سچ ۽ حقيقتن ڪي نسبتي بنايو ويو آهي، اُتي سوچن ۽ خيالن جا مرڪز ٽُٽي ويا آهن، نظرين کي شڪ جي نگاهه سان ڏسي، هڪ بي ترتيب، اڻ سڌي ۽ بي ڍنگي صورتحال کي جنميو ويو آهي، هر طرف عڪسن جي اوٽ ۾ ڏوڪا آهن، ڪجهه به ڪتڻ جي لاءِ ڪونهي، ڪجهه به هارڻ جي لاءِ ڪونهي، ڪتڻ، هارائڻ وارا تصور ۽ فڪر جمود جو شڪار آهن، هر طرف فتح ئي فتح جو سلوگن آهي پر ڪا به فتح ڪانهي، تضادن جي

سائنس وسيلي اڳ انسان، سماج ۽ پنهنجي پاڻ کي سمجهڻ شروع ڪيو هو پر هاڻي تضادن ۾ مماثلتون ڳولي وڏيڪ پيچيدگين کي خلقيو ويو آهي، فارمولائيز پئمانا پيجي پوريا ويا آهن.اِهڙي سموري لقاءَ ۾ جتي ادب، آرٽ پنهنجي سماجي بقا جي جنگ جي حالت ۾ هُجي، اُتي باشعور تخليقڪارن جون ذميواريون اجا بہ وڌي ويون آهن، موجوده دور ۾ سنڌي ادب، شاعري/فڪشن لٽريچر ۾ ڪي چند نالا آهن، جيڪي هن سموري آرٽسٽڪ، سماجي، تهذيبي ۽ ثقافتي بحرانن جي آگاهي رکن ٿا، آرٽ کي سماج جي اڳيان ذميوار سمجهن ٿا، ۽ پنهنجي فن ۾ مقصديت پيري، پنهنجو ئي تخليقي دڳ وٺن ٿا. محمد دين راڄڙي بہ سنڌي ادب، آرٽ، شاعريءَ ۽ ڪهاڻيءَ جو هڪ اهڙو نانءُ آهي، اهو هڪ ئي وقت نثري نظمن کان وٺي مضمونن، مقالن، تنقيدَ ۽ ڪهاڻين تي پنهنجي هڪ جداگانہ تخليقي پريڪٽس ڪندو رهي ٿو.

محمد دين راڄڙي سنڌي ادب جو هڪ اهڙو نوجوان تخليقي لڪاري آهي، جيڪو پنهنجي دور جي معروضي حالتن کي سمجهندي، پنهنجو نئون دڳ تلاشي ٿو هُو رڳو رائج الوقت نظرين جي پوئواري نٿو ڪري، پر بحيثيت تخليقڪار جي، پنهنجي شعوري آئيڊيالاجي جنمي ٿو چو تہ رڳو نطرين جي پوئواري ڪرڻ سان اَدبُ تخليقي ۽ فڪري آزاديءَ کان محروم ٿي ويندو آهي ۽ مقرر ڪيل پابندين جو هيراڪ بڻجي ويندو آهي، محمد دين راڄڙيءَ جو تخليقي ادب، سندس اُنهيءَ شعور جو عڪاس آهي، سندس فڪشن لٽريچر ڏانهن ئي هڪ نظر ڪجي تہ سندس ”خيالات جي سائنس“ مخصوص نظريات بنديءَ کان ٻاهر نڪرندي، پنهنجي ئي سماج سان گهري رشتيداري جوڙي ٿي، پنهنجي ئي سماج جي ڏکن سُکن، الميا ۽ گوندرن، خاموشين ۽ حادثن جي نفسياتي ڪلچر جي اوک ڊوک ڪري ٿي، جنهن کي ميٽا آئيڊيالاجي وسيلي ئي سمجهي سگهجي ٿو.

سندس ڪهاڻيون سنڌي سماج جي رڳو عڪاسي نٿيون ڪن، پر سنڌي سماج جي اندر موجود ناڪاريت خلاف تنقيدي زاويا بہ بخشين ٿيون، هُو نظرين کي يڪسر رد نٿو ڪري، ڇو تہ هُو سمجهي ٿو تہ نظريا سماجن جي لاءِ ڪَرَنگهي جي هڏن جيان هُوندا آهن، پر سماجي حقيقتن کي بحثيت هڪ ڪهاڻيڪار جي، هُو مخصوص نظرياتي عينڪ جي برعڪس، پنهنجي تخليقي آئيڊيالاجيءَ سان ڏسي ٿو هُو حقيقتن کي ڪنهن قطعي روپ بنديءَ جو محتاج نٿو ڪري، پر حقيقتن کي مصنوعي عڪسن مان پناهيندي، فطري نوع ۾ پيش ڪري ٿو، هُو ڪنهن وڏي مرڪزيت جي پوئواري ڪرڻ جي برعڪس، سماج جي ننڍن ننڍن حادثن تي بہ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو ردعمل ظاهر ڪري ٿو، هڪ طرف هُو سماج ۾ تيز شعوري وهڪري وارو ڪهاڻيڪار آهي، ٻئي طرف فني سطحَ تي هُو تجرباتي ڪهاڻيڪار آهي، فني ۽ فڪري سطح تي هُو ملٽي ڪلرس ۽ ملٽي ڪلچر بخشڻ ۾ ڪامياب ويو آهي، محمد دين راڄڙيءَ جو هي ڪهاڻين جو مجموعو بعنوان ”ماڻ انسان ٿيندس“ جتي مٿين سمورن راين جو گواهہ آهي، اُتي بحيثيت ڪهاڻيڪار جي سندس مقام/درجي جو پڻ تعين ڪري ٿو. سندس هن ڪهاڻين جي مجموعي ۾ 31 ڪهاڻيون آهن. هڪ ڪهاڻي ڊرامي جي روپ ۾ هڪ نئون تجربو آهي.

محمد الدين جون ڪي ڪهاڻيون مختصر ترين آهي، ڪي وچوليون آهن تہ ڪي ڪهاڻيون روايتي هيئت جي تشڪيل ويجهو آهن، ڪي ڪهاڻيون ڊگهيون آهن. پر ڪهاڻين جا سمورا فني ۽ فڪري تجربا جتي جدت خلقين ٿا، اُتي ڪلچرل سياءُ کان بہ ڏور نہ آهن. هُو جدت جي جنون جو شڪار ٿي لوڪ مزاج جو دامن ڪونہ ٿو ڇڏي، پر ڪلاسڪ قدرن ۽ نواڻ جا ڪي سنگم تخليق ڪري ٿو هر اعتبار کان سندس ڪهاڻيون جديد سماج جي عصري تقاضائن جون

شاهد آهن ۽ فني سطح تي فليش فڪشن جون ھُو بنھو مظهر آهن. جيئن جيئن سندس ڪهاڻين جي گهرائيءَ ۾ وڃبو تيئن تيئن پڙهندڙن نَون نَون فڪري زاوين سان هم ڪلام ٿيندو ويندو!

محمد دين راڄڙ جي هڪ ڪهاڻيءَ جو عنوان ”اندر وارتا“ آهي.

هيءَ ڪهاڻي اسٽريم آف ڪانشينيس ۾ لکيل آهي. هن ڪهاڻيءَ جا ڊائيلاگ ڪوٽيشنس جهڙا آهن. ڪهاڻيءَ جي جتي نيوسينسبلٽي آهي. اُتي ”دانشورانہ تنهائي“ کي بہ فوڪس ڪيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ڪردار جي لاشعوري وهڪري جو فائدو وٺندي. سماجي بدحالي جي خوبصورت عڪاسي ڪئي وئي آهي. سماجي بدحاليءَ جي عڪاسيءَ سان گڏوگڏ آرٽ جي بدحاليءَ ۽ آرٽ جي نقاليءَ واري درد کي بہ هڪ ئي جاءِ تي ڪرافٽمئنشپ سان پيش ڪيوويو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ئي ڪردار آهي. ڪهاڻيءَ ۾ سماجي ويگاٽائپ ۽ سماجي مايوسيءَ کي جيئن جو تيئن فطري رنگ ۾ نمايان ڪيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ آدرش نالي هڪ ڪردار آهي. جنهن جي ڪهاڻي هڪ سندس دوست ئي چوري ڪري. اُن ڪهاڻيءَ تي سندس سامهون ايوارڊ وٺي ٿو. جنهن جي درد عمل ۾ آدرش جي جذبن. درد. احساس کي اُپٽاريو ويو آهي. پر ڪهاڻيءَ ۾ آدرش موٽ ۾ پنهنجي باظرف هجڻ جو ثبوت ڏيندي تخليقي چوريءَ کي لڪائي ڇڏي ٿو ۽ پنهنجي اندر جي آنڌ مانڌ جي باوجود. پنهنجي. ضمير کي مطمئن ڪري وٺي ٿو. پر اُن چوريءَ واري سماجي مايوسيءَ کي پاڻ تي غالب پوڻ نٿو ڏي. هن ڪهاڻيءَ جو ڪلائيمڪس مصنوعي نٿو لڳي. پر اصلاحي ۽ هاڪاري آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هن دور جي آرٽ واري نقل پرستيءَ واري رجحان کي ڪمرشلائيز ڪري سستي شهرت وٺڻ واري عمل کي منفي سمجهي. تاريخ جي وهڪري سان روان رهڻ صبر. استقامت. برداشت وڏيڪ محنت ۽ خودداريت جهڙن سونهري قدرن کي هٿي ڏني وئي آهي.

ڪهاڻيڪار آدرش جي ڪردار وسيلي اسٽريم آف ڪانشينيس جي تجربي ۾ ڪامياب ويو آهي. ڪهاڻيءَ جي جتي ٽريٽمينٽ خوبصورت آهي، اُتي آدرش جي سوچن جي ساگر ۾ ٻُڏي وڃڻ واري ڪيفيت پڙهندڙ کي تمام گهڻو متاثر ڪري ٿي ۽ اُنهي ڪيفيت جي برملا اظهار ۾ ڪهاڻيڪار شعوري وهڪري کي جتي هنرمنديءَ سان ٿاڪي ورتو آهي، اُتي ادبي دنيا جي لاءِ بہ اصلاحي نياپو ڏنو آهي. ڪهاڻيءَ جي اهڙي قسم جا ڊائيلاگ قابل گواهہ آهن.

”.... سوچيائين: سڀئي نفرتون اظهاري ڇڏي..... پر سوچيائين منهنجي نفرت جو قد ڇامڙو آهي، دوستيءَ جو پرم الاهي وڏو آهي.... ڪڏهن ڪڏهن اِئين ڇو ڪندا آهيون اسين.....! مداري جي پولي تي پوندا آهيون، مداري جي اشارن تي نچندا آهيون. تماشبين خوش ڪندا آهيون.... ڪڏهن خواهشون اسان کي نچائينديون آهن، ڪڏهن سمجهوتا نچائيندا آهن، ڪڏهن سماج نچائيندو آهي، ڪڏهن دشمن تہ ڪڏهن دوست.... اسان بنا ڪنهن وقفي جي نچندا رهندا آهيون.....! ماڻ ايڏو سطحي ڇو ٿو سوچيان باظرف ماڻهو تہ مشهورين، چاپلوسين کان مٿڀرا هوندا آهن... گُمنام جينيس جيان، اُهي شهرت جا نہ شهرت انهن جي محتاج هوندي آهي.... هر ماڻهو چالاڪي ذريعي ٻين کي بيوقوف بڻائي پنهنجو ئي تعارف ڪرائي ٿو... ماڻهو آخر ڦِري ڇو ٿا وڃن؟.....!

محمد دين جي ڪهاڻين ۾ واقعي جي عڪس بنديءَ کان پوءِ تعميري سوچ جي پرورش ٿئي ٿي، ضمير جهنجهوڙجن ٿا. سڪڻي مادي پرستيءَ واري نام نهاد سائنسي سوچ جي مقابلي ۾ اخلاق جي روحاني قوت فتحياب ٿئي ٿي، سماج جي ڪلاسڪ قدرن جي اڳيان جنسي بي راهہ روي شڪست کائي ٿي ۽ شعور جون وِڪون سڦلتا ماڻين ٿيون ۽ ناصحانو نياپو سرخرو ٿئي ٿو جيئنءَ سندس هڪ ڪهاڻي ”اندر ٿو

سڌي مون کي....!“ آهي، جنهن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اديب جي سيڪسي بک جي صورت ۾ چڙواڳ سوچن کي فوڪس ڪيو ويو آهي، احمد صاحب جيڪو خود هڪ ليکڪ آهي، سندس فيملي پيڪين هجڻ ڪري سندس خالي گهر ۾ سندس نوڪرياڻي (ماسيءَ) جي جوان ڌيءَ کي هڪ ڏينهن ڪم ڪار ڪندي ڏيکاريو وڃي ٿو جوان نوڪرياڻي مهران ڏانهن ليکڪ جي جنسي رغبت ۽ جنسي بي راهه روي واري بدنيتي تحت ليکڪ جي اسٽريم آف ڪانشينيس کي عڪس بند ڪيو ويو آهي، ڪهاڻيءَ جو تجسس پڙهندڙ کي موهي وجهي ٿو هيءَ ڪهاڻي فني سطح تي پلاٽ سان گڏوگڏ ڪردار نگاريءَ ۾ به سگهاري آهي، هن ڪهاڻيءَ جي اندر جنسن جي بي راهه رويءَ يا اخلاق کان عاري نام نهاد سائنسي سوچ مُروج تخليقي، تهذيبي سماجي قدرن سان ٽڪراءَ ۾ ايندي ڏيکاري وئي آهي، احمد صاحب جو ڪردار، سماج جي اهڙن ڪردارن جي سوچ جي ساک پٽ وائکي ڪري ٿو جيڪي پنهنجي سوچ جي ماديت پرستيءَ جي اڳيان سموري سماجي ۽ اخلاقي نظام کي هارائڻ چاهين ٿا، ڪهاڻيءَ ۾ سيڪس جي بي راهه رويءَ واري سوچ کي ڪلائيمڪس جي وقت آخر ۾ ضميري شعور سان شڪست نصيب ٿئي ٿي، چو ته احمد صاحب واري ڪردار کي وڏي فڪري ولوڙ کان پوءِ سماج سڌار واري جذبي سان شرسار ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي، جنهن تحت هُو سنڌ جي ڪلاسڪ ڪردارن ٻاگهل، مارئي، سسئي يا ست سورمين واري آئيڊيلزم کي ياد ڪري، عورت جي تقدس جو خيال رکندي، نوڪرياڻي مهران کي نيٺ آخر پنهنجي ڌيءَ سمجهي وٺي ٿو، جنسي بک کي ڪهاڻيڪار شعور جي ادبي عدالت ۾ شرمسار ڪندي، هن ڪهاڻيءَ ۾ سماج جي تاريخي ۽ ڪلچرل روين کي تحفظ ڏيڻ جو سعيو ساريو آهي، اُتي ادب جي سماج سڌارڪ نظريي جو به ابلاغ ڪيو آهي، هيءَ ڪهاڻي روايتي ڪلائيمڪس جي ابتڙ اميد

جاڳائيندڙ ڪهاڻي آهي، ڪهاڻيءَ ۾ اندر جي اُڇل جي زبردست نقاشي ڪئي وئي آهي، هيءَ ڪهاڻي بديءَ کي روڪي ٿي ۽ نيڪيءَ طرف راغب ڪري ٿي، ڪِن پڙهندڙن کي هن ڪهاڻيءَ جو ڪلائيمڪس اتفاق سان جيڪڏهن مصنوعي لڳي ٿو تہ اُنهن جي اڳيان هي ڳالهہ بہ سامهون رکي سگهجي ٿي تہ ڪهاڻي رڳو اُها ڪانهي تہ جيڪي ڪجهہ ٿيو آهي، سو ڪهاڻيءَ جو روپ ڌاري، پر ڪهاڻي بہ فلسفن جي پيروي تحت ۽ تنقيد جي روشنيءَ ۾ اهڙي بہ هجڻ گهرجي تہ ڇا ٿئي؟ جيڪو ٿيڻ کپندو هو! اُها روشني بہ مارڪسٽ فڪر ۽ ارسطوءَ جي فلسفن مان حاصل ٿئي ٿي تہ ادب جي سماجي ڪارج تحت ليکڪ جي اُها بہ ذميواري آهي تہ ناڪاريت کي هاڪاريت طرف راغب ڪجي، هن ڪهاڻيءَ ۾ بہ ڪهاڻيڪار حياتيءَ جي روشن روحاني اخلاقي پهلوئن ڏانهن اهڙن سماجي ڪردارن کي موڙڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ پنهنجي ادبي ڪرافٽ وسيلي، ڪردارن جي بقائن کي ضمير، ظرف، من، روح جي موضوعي قوت وسيلي جاڳائي ٿو.

محمد دين جون مختصر ڪهاڻيون اڪثر ڪري آفاقي صداقتن کي ڳولين ٿيون ۽ ابدي سچ جي تلاش ۾ ڪنهن بہ طبقاتي فرق جي رنڊڪ برداشت نٿيون ڪن جيئنءَ سندس هڪ ڪهاڻي ”امداد“ آهي، جنهن ۾ هڪ لوئر وچولي طبقي جي زميندار جي خود ڪلامي ڏني وئي آهي، زميندار جي خود ڪلاميءَ مان واضح ٿئي ٿو تہ ٻوڏ جي ڪري آيل ڏڪار جي صورت ۾ هُو بہ امدادي راشن جو بيگ وٺي ٿو ڇو تہ هُو وڏيري خانڻ کي راشن جا پنڌرهن بيگَ، خانو ٺيڪدار کي ڏهہ ٻاچڪا ۽ ٻين زميندارن، سُکين زمينن وارن آفيسرن ۽ پگهاردار ماڻهن کي بہ امدادي راشن وٺندي ڏسي ٿو، پر لوئر وچولي زميندار کي هڪ راشن جي امدادي بيگ وٺڻ ڪان پوءِ ملامت طور سڄي رات ننڊ نٿي اچي، سندس ظرف ۽

ضمير کيس سڄي رات جهنجهوڙيندو ٿو. هن کي اندر ئي اندر ۾ احساس ٿئي ٿو تہ هُن غريبن، مسڪينن، بي پهچ ماڻهن جو حق ڪائي قومي، اخلاقي ۽ مذهبي ڏوهہ ڪيو آهي. جنهنڪري هُو راشن جو بيگ واپس ڪرڻ جو فيصلو ڪري، پنهنجي پاڻ کي مطمئن ڪري وٺي ٿو. هن ڪهاڻيءَ جو ڪلائيمڪس زبردست ناصحانہ آهي ۽ خود ڪلاميءَ واري پيشڪش بہ پُرڪشش آهي. هن ڪهاڻيءَ جو پيغام هيءَ آهي تہ ”ماڻهو نہ، ماڻهوءَ جو ظرف وڏو هجڻ گهرجي“ خودڪلاميہ Monologic ڪهاڻين ۾ ڪردار آزاديءَ سان سفر ڪري نہ سگهندو آهي، ڇو تہ بقول روسي نقاد ميخائل باختن جي تہ ”جيڪو ادبي متن خودڪلاميہ هوندو آهي، اُهو ليکڪ جي نجي ۽ محدود نقطہءَ نظر تائين محدود ٿي ويندو آهي، ڪردارن جي هڪ الڳ شخصيت انهيءَ ۾ نہ رهندي آهي، جنهن جي ڪري متن فقط ذهني دنيا جو عڪس بڻجي رهجي ويندو آهي“ جيستائين محمد دين جي مونولاگڪ ڪهاڻين جو تعلق آهي تہ سندس مونولاگڪ ڪهاڻين ۾ سندس اُنهيءَ قسم جو عڪس، سندس بحثيت، ڪهاڻيڪار جي آئيڊيالاجيءَ ۾ پَسي سگهجي ٿو. ليکڪ جي حيثيت ۾ هُو جڏهن ڪردارن کي ڪلائيمڪس يا اينٽي ڪلائيمڪس ڏانهن موٽائي ٿو، تڏهن سندس وجودي احساساتي ۽ ترقي پسند فڪر توڙي ناصحانہ/اصلاحي آئيڊيالاجي، سندس، ڪهاڻين کي پنهنجي سحر ۾ وٺي ڇڏي ٿي. ارسطو يوناني ڊرامي ليکڪ يوري پيڊز بابت چيو هو تہ يوري پيڊز حياتيءَ جيئن آهي، اُن کي تيئنءَ ئي ڏيکاري ٿو. پر حياتيءَ کي ايئنءَ نٿو ڏيکاري جيئنءَ اُها هئڻ گهرجي. چيخوف جون ڪهاڻيون بہ حياتيءَ کي جيئنءَ جو تيئن ڏيکارين ٿيون. پر اُنهيءَ قسم جي تخليقي ادب جي اڳيان فلسفن ۽ نظرين رڪاوٽ وڌي. فلسفن ۽ نظرين موجب ادب کي اُنهيءَ گس پنڌ جو بہ ذميوار هئڻ گهرجي تہ سماج يا دنيا کي ڪيئنءَ هئڻ گهرجي؟ فڪشن لٽريچر ۾ ڪهاڻين جي ڪردارن کي

بدلاءَ ڏانهن آماده ڪري، سماجي ڪارج ڪي وڏيڪ ڪارائتو ڪري سگهجي ٿو محمد دين رڳو خود، ڪلاميہ ڪهاڻيون ڪونہ لِکيون آهن، پر آزاد ڪلاميہ Dialogic ڪهاڻيون بہ لکيون آهن، ڇاڪاڻ تہ هڪ باشعور تخليقڪار جي حيثيت ۾ هُو ڄاڻي ٿو تہ آزاد ڪلاميہ متن Dialogic ڪهاڻين ۾ ڪهاڻيڪار جي وجودي خودارادي، ڪهاڻيءَ جي آزاد تخيل تي غالب نہ پوندي آهي، پر آزاد ڪلاميہ Dialogic ڪهاڻين ۾ خود ڪهاڻيڪار آزاد تخيل جي پٺيان سفر ڪندو آهي، ڊائيلاگس وارين ڪهاڻين ۾ تخليق جو اسٽرڪچر ”سوانحي نوعيت“ جو نہ هوندو آهي ۽ ٻيو تہ ڊائيلاگس وارين ڪهاڻين جا ڪردار پنهنجي اصلوڪي شخصيت جي فطرت جي مطابق رهندا آهن، جيئنءَ محمد دين جي هڪ ڪهاڻي بعنوان ”احساس“ آهي، هن ڪهاڻيءَ ۾ ماءُ ۽ پُٽَ جا ڊائيلاگس آهن، اُهي ڊائيلاگس فون تي ڳالهايل آهن، ڊائيلاگس ڪي اهڙي فني ندرت سان ٽوپيو ويو آهي، جو اُهي فطري ۽ بي ساختہ گفتگوءَ جا مظهر پائنجن ٿا، ڪهاڻيءَ جو ٿيم هيءَ آهي تہ پُٽُ پرديس ۾ رهي ٿو فون تي پنهنجي پوڙهيءَ ماءُ ڪان طبيعت پڇي ٿو سندس لاءِ بلڊ پريشر ۽ هيٽائيءَ ڪان گوريون، دوائون بہ موڪلي ٿو ڪجهہ وقت جي لاءِ سنگنلس جو مسئلو ٿئي ٿو جنهن جي ڪري پُٽ پنهنجي ماءُ ڪي چَئي ٿو تہ امان وري سپاڻي ڪال ڪندسُ ..... پر ماءُ جو جواب درد ۾ ٻُڏل آهي، جڻ تہ پوڙهي ماءُ ڪي پنهنجو رُوح اڳوات ٻُڏائي ڇڏيو هو تہ هاڻي هوءَ دنيا ڪان موڪلائڻ واري آهي، ڪهاڻيءَ جو هڪ نقاطي احساس پڙهندڙ ڪي پنهنجي سحر ۾ وٺي ڇڏي ٿو ۽ پڙهندڙ جي دل جو آسمان ڏکن جي ڪڪرن سان ڀرجي اچي ٿو ماءُ جي ڊائيلاگس ۾ ڪهاڻيڪارَ ميٽا فزڪس ڪي نهايت ئي فني ڪرافت سان جذب ڪيو آهي، اُنهن ڊائيلاگس ۾ ڪهاڻيڪار آزاد تخيل جي پٺيان ئي سفر ڪري ٿو ۽ اُنهن ڊائيلاگس ڪي مادي بنيادن، جوازن ۽ منطق جي ڪسوٽين تي پرکڻ، اُنهن جي تخليقي فطرت جي خلاف آهي،

هن مختصر ڪهاڻيءَ ۾ ماءُ جي اُنهن ڊائيلاگس کي جيئڻ جو تيئڻ ڌُهرايون ٿا، جن ۾ ڪهاڻيءَ جو ڪلائيمڪس بہ آهي ۽ درد جو وڏو ـ ڦڙو بہ آهي:

’ابا..... توکي ڏني ڏينهن ٿيا آهن.... اکين کي سِڪ لڳي آ ابا........

ساھہ تي ڪهڙو اعتبار.... ٻچا!..... هن پيري گوريون پلي نہ موڪلجانءِ....... تون چڪر ڏيئي وڃجانءِ........!!!

محمد دين جون مختصر ترين ڪهاڻيون جيڪي ٻارنهن ٻارنهن يا چوڏهن سِٽن جون آهن، اُهي ڪهاڻيون سنڌي سماج جي معاشي درد کي چِٽي طرح عڪاسين ٿيون ۽ سندس اهڙين ڪهاڻين ۾ يتيم لاوارث، ننڍڙڪا ڪردار مرن ٿا ۽ جيئن ٿا، جن جي سرپرستي ڪرڻ وارو ڪوبہ ڪونهي ۽ نيٺ آخر سندن آواز آسمان ۾ گم ٿي وڃن ٿا، جيئڻ سندس هڪ ڪهاڻي بعنوان ”انگ اگهاڙا ٻار“ آهي، جنهن ۾ ٻن يتيم ٻارن چندو ۽ چانڊنيءَ جي درد ڀري ڪهاڻي آهي، جيڪي پيٽ جي دوزخ کي ٿڌي ڪرڻ لاءِ سرندي وارن وٽ ڪڏين ۾ ڪم ڪن ٿا، ڪڏين جي مالڪن پاران ٿوريءَ غلطيءَ تي بہ ڪين تشدد جو شڪار بڻايو وڃي ٿو، سموري ڪهاڻيءَ ٽر جي پس منظر ۾ آهي، ٽر کي ساڳئي وقت علامتي روپ ۾ پڻ ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو روپ هڪ اهڙي شخص جو آهي، جيڪو چندو جي خواب ۾ اچي ڪيس سندس لاءِ دُعا جي اپيل ڪري ٿو تہ جيئن برسات وسي ۽ سندس (ٽر) جي بدن تي ساوڪ اُڀري اچي چندو خواب ۾ دعا نٿو گُهري، جنهن جي ڪري ٽر ڪيس گُهٽو ڏئي ٿو تہ هو رڙيون ڪري ٿو جنهن تي ڪڏين جا مالڪ پهچي وڃن ٿا ۽ چندو چانڊنيءَ جي آوازن کي هميشہ جي لاءِ ختم ڪري ڇڏين ٿا. هيءَ ڪهاڻي ڪِٿي ڪِٿي فئنٽسي لڳي ٿي، ڪِٿي ڪِٿي ڊرامائي انداز ۾ آهي، گهٽو ـ ٽٽو هيءَ ڪهاڻي آ ڪهاڻي لڳي ٿي، ڪهاڻيءَ جي مروج فن ابتدا، وچ ـ عروج جي هن ڪهاڻيءَ ۾

پيروي نہ ڪئي وئي آهي، ڇو تہ هيءَ هڪ احساساتي ۽ تاثراتي ڪهاڻي آهي، ڪهاڻيءَ ۾ تجسس زبردست اهي، پر ڪهاڻيءَ ۾ چندو ۽ چاندنيءَ جي پيءُ ماءُ ڪي ٻن سِٽن ۾ مرندي نہ ڏيکاريو وڃي ها ۽ اظهار بيان هڪ زمان ۾ هُجي ها تہ وڌيڪ بهتر هو.

محمد دين جيئڻ تہ هڪ تجرباتي ڪهاڻيڪار آهي، جنهن جي ڪري ڪِٿي ڪِٿي مختلف تجربن جي نتيجي ۾ سندس ڪنهن ڪهاڻيءَ مان ڪهاڻيپڻو گُم ٿيڻ جو انديشو ممڪن آهي، جيئڻ سندس هڪ ڪهاڻي ”پريت“ آهي، جنهن ۾ مروج ڪهاڻيپڻيءَ واري روايت جي محتاجي قبول ناهي ڪئي وئي ۽ ٿيم کي آزاد فضائن ۾ پروان ڪرايو ويو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻيءَ جي رائج الوقت فن کان هٽي ڪري فليش بئڪ تحت نج رومانوي آئيڊلزم کي سموئيو ويو آهي، هن ڪهاڻيءَ جو سماجي ڪارج فقط رومانس مان سواد وٺڻ ۽ روحاني درد توڙي مسرت جي ويجهڙائي ڳولڻ ۾ ئي ٻَسي سگهجي ٿو. هيءَ جدائيءَ جي عالم ۾ هڪ ”روحاني تڙپ“ کي جذب ڪندڙ ڪهاڻي آهي، پر جدائيءَ جي منطق کان ڪُوهين ڏور، جذبن جي ساحلي ڪنارن تي سفر ڪندڙ ڪهاڻي آهي، ڪهاڻيءَ ۾ پريڻ جي ڏک جي سيليبريٽ ڪرڻ جا سعيا ساريا ويا آهن، هن ڪهاڻيءَ کي ڊائريءَ جي ورق هجڻ واري انديشي کان ٻاهر ڪڍجي ها تہ وڌيڪ بهتر هو.

محمد دين جون ڪهاڻيون وڏن سماجي انقلابن، تاريخي حادثن ۽ عمرانياتي زلزلن ۽ سياسي طوفانن کي سڌو مخاطب ڪونہ ٿيون ٿيون، پر انفرادي ۽ سماجي روين جي ناڪاريت خلاف احتجاج ڪندي نظر اچن ٿيون، فني سطح تي هُو ڪهاڻين کي وڏي پلاٽ ڏيڻ واري هنرمندي ڄِتي ڄاڻي ٿو اُتي ڪهاڻين جي اختصارپسنديءَ جو بہ گهڻو قائل آهي هُو وڏن پلاٽن کي مختصر سِٽن ۾ اُوتي وجهڻ جو فن بہ ڄاڻي

ٿو تہ وري ڪڏهن ڪڏهن آڪاڻين کي بہ ڪهاڻين جي جديد روپ ۾ ڍاري ٿو. روين جي ريگستانن مان هُو ڪهاڻين جا ڪلائيمڪس چونڊي ٿو. فني سطح تي اُها سندس هڪ جدا انفراديت جُڙي رهي آهي، ائينءَ ڪرڻ سان هُو روايتي ۽ زوريءَ ڏنل مصنوعي ڪلائيمڪس واري رواج کان پناهہ وٺي ٿو. سندس مختصر ڪهاڻي ”بہ مانيون“ کي پڙهجي تہ اُن ۾ هڪ هٿ رومال ۾ ٽوپيون کپائيندڙ پورهيت جو ڪردار بازار ۾ ڏيکاريو ويجي ٿو. جيڪو پگهر اُگهندي هوٽل جي ڪائونٽر تي ويهندڙ مالڪ کان پڇي ٿو تہ في ماني گهڻي آهي؟ جواب مليس ٿو تہ ست روپيا پوءِ پورهيت پنهنجي کيسي مان مان بہ مانيون خريد ڪري سگهي ٿو. هيءَ ڪهاڻي سماج ۾ رهندڙ پورهيت جي معاشي حالت جي پد کي ظاهر ڪري، سماج جي پورهيتن جي جيون بابت وڏا سوال جنمي ٿي. ائينءَ هڪ ٻي مختصر ترين ڪهاڻي جيڪا پنجن سِٽن تي مشتمل آهي، تنهن جو عنوان آهي ”پئسو ڪونهي“ هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ مڙهي جو ڪردار آهي، جيڪو سهڪي جي بيماريءَ ۾ سُڪي هَڏ ٿي ويو آهي ۽ مِٽي اسپتال جي ميدان تي ڪانئس ٽي وي نمائندو پُڇي ٿو چاچا اڻرائتو علاج ڇو نٿا ڪرايو؟ مڙهو جواب ڏئي ٿو ”پئسو ڪونهي!“ اِئين محمد دين لمحن کي قيد ڪري، اُنهن لمحن جي درد کي ڪنورٽ ڪرڻ وارو بہ ڪهاڻيڪار آهي ۽ وڏي ڳالهہ کي سمرائيز ڪرڻ واري سندس ڪرافٽمئنشپ ساراهہ جوڳي آهي، محمد دين جي ڪهاڻين ۾ سائيبر ادب جي مسئلن کي بہ عڪس بند ڪيو ويو آهي ۽ سندس ڪِن ڪهاڻين کي عام سادي واهپي واري فهم سان پرکڻ غلطي ڪرڻ آهي، ڇاڪاڻ تہ جهڙيءَ طرح هُو روايتي انداز واري سادي سودي پلاٽ ۽ ڪلائيمڪس جي روايتي طاقت تي زور رکندڙ ڪهاڻيڪار ناهي، تهڙيءَ طرح هُو ڪلائيمڪس کانپوءِ اينٽي ڪلائيمڪس ڏئي،

پڙهندڙ کان بہ معياري اپروچ گهرندڙ ڪهاڻيڪار آهي، اِئينءَ هُو جدت ۾ بہ تجربا ڪندڙ ڪهاڻيڪار آهي، جيئنءَ سندس هڪ ڪهاڻي بعنوان ”وزن“ آهي، جنهن ڪهاڻيءَ ۾ ٻن شاعرن جي وچ ۾ وزن بحر تان اختلاف ٿيل ڳالهہ ٽپا ٽُپي تائين پهچي وڃي ٿو ٻئي شاعر دانهن ڪٽي ٿاڻي تي پهچي وڃن ٿا، ايس ايچ او ڪي دانهون ڏين ٿا ۽ ايس ايچ او هنن ڏانهن ڏِسندي رهجي وڃي ٿو هن ڪهاڻيءَ ۾ جيڪي ڪجهہ ڏنو ويو آهي، سو حقيقت کان مٿانهين حقيقت Hyper ـ Reality آهي، چو تہ عصري حقيقت جي جاءِ تي مصنوعيت ساهہ کڻي ٿي، صداقت جي جاءِ عدم صداقت ورتي آهي ۽ سماج جي اصلي حقيقت اِئين بلڪل ڪانهي جو وزن بحر جو بحث ٽپاٽپيءَ تائين پهچي شاعرن کي ٿاڻي تي وڃڻو پوي، پر هن ڪهاڻيءَ مان بہ چٽا مقصد اُهي بہ آهن تہ اسان جون حالتون ريئلٽيءَ مان هائيپر ريئلٽيءَ ڏي وڃي رهيون آهن ۽ اُهو گمان ڪهاڻيڪار شايد واضح ڪرڻ چاهيو آهي، ٻيو تہ ڪهاڻيڪار اُهو ڏيکارڻ چاهي ٿو تہ سائيبر ادب ۾ اصليت بہ هاڻي نقليت وسيلي سڃاتي ويندي يا اصلي اديبن جي اهميت بہ هاڻي نقلي شهرت وٺندڙ اديبن ذريعي سڃاڻپ ۾ ايندي، بحرحال هي ڪهاڻي سولي سادي ناهي، پر جديدت پڄاڻان جي دور ۾ وڃائجي ويل قدرن جي وڃائجي وڃڻ جو انڪشاف ڪندڙ يا پيشنگوئي ڪندڙ نقيب ڪهاڻي آهي.

محمد دين جون ڪجهہ ڪهاڻيون پنهنجي وجود ۾ ڪِن خاص ايونٽس کي ڪٽي دستوري فني فارمولا ٽائپ فڪشن جي زيب و زينت نٿيون بڻجن، پر روزمره جي معاملن جي دستوري سماجي ڏکن کي پاڻ ۾ سمائين ٿيون، ۽ جديد دور جي ننڍڙن ننڍڙن وقتي ۽ عارضي ٽرئجڊيز کي بہ هوا جي جهونڪي جيان محسوس ڪرائين ٿيون، جيئنءَ سندس هڪ ڪهاڻي ”اي ٽي ايم مشين“ آهي، جنهن ۾ هڪ پرائيويٽ

اسڪول جو اُستاد پنهنجو خالي کيسو ڏسي اي ٽي ايم مشين ۾ پنهنجو ڪارڊ داخل ڪري ٿو پر سندس پگهار نہ آئي آهي، رڳو ڪارڊ منهن واپس ڪڍي ٿو ۽ اُستاد کي اُنهيءَ تي بُڇان لڳي ٿي، هن کي اِئينءَ ٿو لڳي ڄڻ اي ٽي ايم مشين هُن تي کِلي رهي هُجي، محمد دين جي مختصر ترين ڪهاڻين ۾ پلاٽن جي پيچيدگين کان دفائيندي، ڪهاڻيءَ کي هڪدم ڪلائيمڪس جي ويجهو آندو وڃي ٿو جيڪو مختصر ڪهاڻيءَ جو اهم فن آهي پنجن سِٽن ۾ بہ سندس ڪي ڪهاڻيون روايتي سماج جي غلط رواجن خلاف زبردست احتجاج ڪن ٿيون، جيئن سندس هڪ ڪهاڻي "قسمت" آهي، جنهن ۾ هڪ جوان جماڻ ارڙهن سالن جي عورت جو مڙس برادري تڪرار ۾ مارجي وڃي ٿو ڪهاڻيءَ جي آخري سِٽ وارو ڊائيلاگ ڪهاڻيءَ جي ڪلائيمڪس انتهائي سگهاري ۽ تڪڙي انداز ۾ ظاهر ڪري ٿو اُهو ڊائيلاگ هيءَ آهي:

بس ادي جيڪا قسمت...... پُٽ نہ هجيس ها تہ پرڻايونس ها........!

اِئين سندس ڪهاڻي "ڊبل اسٽينڊرڊ" آهي، جيڪا نقل/ ڪاپي ڪرڻ ڪرائڻ وقت ڪجھ ماڻهن جي ڪاپي متعلق ڊبل اسٽينڊرڊ کي ثابت ڪري ٿي، اُها ڪهاڻي موجوده تعليمي نظام جي انتظامي نقصن کي واضح ڪري ٿي، محمد دين جون مختصر ترين ڪهاڻيون فڪري ڪائنات ۾ پلي وڏو بدلاءُ نہ آڻينديون هُجن، پر سماج جي ننڍين ننڍين براين تان پردو کڻن ٿيون، هڪ طرف اُهي مختصر ڪهاڻيون فني سطح تي جدت جو نمونو آهن تہ ٻئي طرف اُهي سنڌي سماج جي غلط ميڊيائي ڪلچر جي اُبتڙ سنڌي سماج جي ڪلاسڪ قدرن، ثقافتي رجحانن ۽ سپيتائي لاڙن کي نئين سِر جيارڻ جي ڪوشش لڳن ٿيون، "نئين دور جي مارئي" بہ هڪ اهڙي ئي مختصر ترين ڪهاڻي اهي، جنهن ۾ نئين دور جي مارئي بہ پنهنجي پيار شيراز

سان ڪورٽ مئريج ڪرڻ کان انڪار اُنهيءَ ڪري ڪَري ٿي، ڇاڪاڻ تہ هوءَ پنهنجي بابا جي شفقت ۽ ماءُ جي عظيم ترين پيار ۽ رشتن جي عزتن جو جنازو ڪڍڻ نٿي چاهي، ڇو تہ هُن وٽ پيار حاصلات نہ پر قربانيءَ جو نالو آهي، محمد دين جي هن قسم جون ڪهاڻيون ناصحانہ آهن، سماجي اصلاح جو پراڇو آهن ۽ سنڌي سماج جي ثقافتي اخلاقي، تهذيبي ۽ تمدني قدرن کي اصلي حالت ڏانهن موٽائين ٿيون، محمد دين جي ڪهاڻين ۾ مختلف سماجي لقائن جا عڪس، جهلڪيون، اُولڙا تروِرا آهن، جيڪي پڙهندڙ کي مختلف عنوانن جا فليش ڏين ٿا، جنهن جي ڪري سندس ڪهاڻين کي فليش فڪشن چئجي ٿو، اُنهيءَ تناظر ۾ ڪهاڻي جي ڊيگهہ يا اختصارپسندي ڪو فني مسئلو ناهي، هُو مائڪرو ڪهاڻين ۾ حياتيءَ جي اهم غير اهم ٽُڪرن ۽ لمحن کي عڪس بند ڪرڻ جون فنڪارانہ صلاحيتون رکي ٿو، جديد مختصر ڪهاڻين جنهن کي ڪنهن هڪ مقرر پئماني يا ڪسوٽي تي پرکي ئي نٿو سگهجي، تنهن ۾ فني تجربن جي هڪ سيريز آهي، جنهن ۾ مختلف فني تجربا ساهہ کڻن ٿا، محمد دين بہ اُنهن تجربن تي خوب مشق سازي ڪندي ”هڪ سِٽي ڪهاڻين“ کي بہ تخليق ڪيو آهي، هڪ سِٽي ڪهاڻين ۾ هُن پنهنجي عهد جي معروضي حقيقتن بابت پنهنجو ئي تخليقي ادراڪ ڏنو آهي، جيڪو نتيجہ خيز اُنهيءَ ڪري آهي، جو اُهو سندس ذاتي نڪتہَ نظر آهي، جنهن سان هر پڙهندڙ جو متفق هجڻ ضروري ڪونهي، پر اُنهن ۾ ليکڪ جو ادراڪ سندس احساس کي ڀرپور پروموٽ ڪري ٿو هڪ سِٽ ڪهاڻي ۾ سندس نئون انداز آهي، هتي نموني طور ڏيان ٿو.

1. فيس بڪ جديد ادبي سنگت آهي،
2. ادب بهترين پناهہ گاهہ آهي،

3. هتي انقلاب آسان قسطن تي وڪري لاءِ موجود آهي.
4. سڀ کان بهترين شراب چانهه آهي.

جديد مختصر ڪهاڻي هڪ هڪ سِٽ کان مختصر ٿيندي هڪ لفظ ۽ هڪ لفظ کان ٻُڙيءَ يا ٽبڪي تائين محدود ٿي وئي آهي، پر ڪهاڻي اهڙي لمحي ۾ ”ڪهاڻي“ نٿي رهي، پر اُها هڪ اشارو، هڪ نڪتهٔ نظر، هڪ احساس ۽ هڪ جذبو ئي منتقل ڪري سگهي ٿي، جڏهن تہ اُنهن ڪهاڻين ۾ ”ڪهاڻيپڻو“ موجود نٿو رهي، پر اُهو ضرور آهي تہ مختصر ترين ڪهاڻين/ هڪ سِٽ ڪهاڻين جي پيچ گهڙ Deconstruction ڪري، ڪهاڻيءَ جي هڪ سِٽي متن واري نثر جا تضاد ڳولي، ٻوليءَ جي پروسي، يقين، اعتماد تي شڪ ڪري سگهجي ٿو ڇو تہ متن اندر نوان نوان نياپا بہ ڳولڻا آهن ۽ حتمي راءِ واري لقاءَ کي چئلينج بہ ڪري سگهجي ٿو. تنقيد ۾ فڪر کي ڏَڪ رسائي ٻولي ائين ئي اجا تائين پنهنجي سجاده نشينيءَ کي برقرار رکندي اچي ٿي، جيئن محمد دين جون مٿيون هڪ سِٽيون ڪهاڻيون آهن. ڪهاڻي آهي ”فيس بڪ جديد ادبي سنگت آهي“ هن جي هڪڙي معنيٰ هيءَ اهي تہ ادبي سنگت اصلي ٻي آهي ٻي معنيٰ تہ پراڻي ادبي سنگت بہ آهي، ٽين معنيٰ آهي تہ نئين دور ۾ فيس بڪ ئي سڀ ڪجهہ آهي، چوٿين معنيٰ آهي تہ فيس بڪ واري ادبي سنگت اڃان ارتقا جي پيچ گهڙ واري مرحلي ۾ آهي، پنهنجي ميچوئرٽيءَ جي مقام تائين اسان وٽ اجا ناهي پهتي! اِئينءَ ٻي ڪهاڻي آهي ”ادب بهترين پناهہ گاهہ آهي“ ٻوليءَ جي اسٽرڪچر کي ڏِسجي تہ اُنهيءَ ڪهاڻيءَ مان بہ مختلف مفهوم نڪرن ٿا. هڪ مفهوم هيءَ آهي تہ سماج ۾ اڻ وڻندڙ صورتحال کان بچڻ لاءِ ٻيون پناهہ گاهون آهن. ٻيو مفهوم هيءَ آهي تہ سماج ۾ ٿيندڙ ظلم کان اکيون ٻُوٽي، ادب ۾ پناهہ ونجي، ٽيون مفهوم هيءَ آهي تہ ادب سياست کان پناهہ آهي، چوٿون مفهوم هيءَ آهي تہ سماج ۾ ادب

ڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ رومانس ناهي رهيو. پنجون مفهوم هي آهي تہ ادب ڪان سواءِ سروائيو ٿي نٿو ڪري سگهجي. ٽيئن ڪهاڻين آهي تہ ”هِتي انقلاب آسان قسطن تي وڪري لاءِ موجود آهي“ هن ڪهاڻيءَ جي ٻوليءَ جي بيهڪ مان هڪ مقصد هيءَ ٿو نڪري تہ انقلابن جا دور ختم ٿي ويا، ٻيو مقصد آهي تہ انقلاب لفظن، جملن، ڪتابن ۽ ميڊيائي سحر ۾ قيد آهي، عوام جو اُن سان ڪو بہ تعلق ڪونهي ٽيون مقصد هيءَ آهي تہ هر شيءِ کي هن پوسٽ ماڊرن دور ۾ مارڪيٽ جي وکر بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، انهيءَ ڪري انقلاب، بدلاءُ هاڻي مارڪيٽ جي اگهن تي موجود هوندو. چوٿون مقصد هيءَ آهي تہ ڪوبہ وڏو واقعو، ڪوبہ وڏو اوچتو انقلاب ڪونہ ايندو، پر ريزڪي گهريلو وکر جيان گهرج پٽاندڙ ٿورو ٿورو قسطن ۾ پيو ايندو. پنجون مقصد هيءَ آهي تہ دنيا ۾ شيون، انقلاب ڪنهن بہ تسلسل جا محتاج ناهن رهيا، پر ٽُڪرن ٽُڪرن جي صورت ۾ قسطوار، بي ترتيب، اڻ ڏنگي نمونی هاڻي موجود رهن پيون. چوٿين ڪهاڻي آهي ”سڀ کان بهترين شراب چانهہ آهي“ هن مان هڪ مراد هيءَ آهي تہ غريب ماڻهوءَ جي سڀ کان وڏي عياشي چانهہ پيئڻ آهي، ٻي مراد هيءَ آهي تہ چانهہ بہ صحت لاءِ نقصانڪار اهي، ٽين مراد هيءَ آهي تہ دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ پسند ڪئي ويندڙ شيءِ چانهہ ئي آهي، چوٿين مراد هيءَ آهي تہ چانهہ بہ ماڻهوءَ کي فنا ڏانهن وٺي وڃي ٿي، اِئين هنن ٿوڙي ٻين مختصر هڪ سِٽي ڪهاڻين مان ٻوليءَ مان جنم وٺندڙ ڪيترائي مختلف پيغام جنم وٺن ٿا، ڪيترائي نوان تفسير سامهون اچن ٿا ۽ انهن تفسيرن/تشريحن ۾ موجود تضاد ڳولي سگهجن ٿا. جنهن عمل جي نتيجي ۾ اُهو چئي سگهجي ٿو تہ معنائون، تشريحون لاتعداد آهن، ڪنهن بہ طئہ ٿيل معنيٰ تي پاڙي نٿو سگهجي، پر اُنهيءَ جو مقصد اُهو بہ نہ ونڻ گهرجي تہ حتمي معنيٰ جي اڻ هوند کي اڳيان رکي،

ڪهاڻيڪار/ ليکڪ جي پنهنجي تخليقي معنيٰ کان ئي انڪار ڪَجي، تحرير خود ليکڪ جي پنهنجن ادراڪي نتيجن ۽ ذاتي ارادن جو بہ آئينو هوندي آهي، اُنهيءَ ڪري ڪثيري معنويت جي رش ۾ خود ڪهاڻيڪار/ ليکڪ جي اصلي معنيٰ کان بہ انڪار نٿو ڪري سگهجي، محمد دين جي مختصر ڪهاڻين کان پوءِ ڪجهہ وڏين ڪهاڻين تي نگاهہ وجهبي تہ اُنهن ڪهاڻين ۾ هڪ طرف خود ڪهاڻيڪار جي خوداراديت ڳولي ونبي، ٻيو تہ سندس مختصر ڪهاڻيءَ جي وڏي سائيز وارين ڪهاڻين ۾ باقاعدي ڪهاڻيءَ جي فني لوازمات شروعات وچ ۽ ڪلائيمڪس جي بہ پابندي نظر ايندي، سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ هنن ئي ڪهاڻين ۾ پڙهندڙ کي ڪهاڻيپڻو بہ نظر ايندو جيئنءَ سندس هڪ ڪهاڻي بعنوان "جاڳر" آهي، هيءَ ڪهاڻي ڪيمي ڪولهڻ جي واقعي کان متاثر ٿي لکي وئي آهي، جنهن ۾ هڪ ڪردار الهہ ڏني جي جوان جماڻ ڏيءَ ملوڪان، جنهن کي هسٽيريا جي بيماري آهي، تنهن کان جاڳر تي فقير جن ڪيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، الغوزه ۽ جوڙي جي رون رون ٻيهر شروع ٿئي ٿي، پوپو ملوڪان کي لنيون هٽي ٿو ۽ آخر ۾ شِيخ تپائي ڪيس ڏنپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ ملوڪان باهہ جي مچ ۾ منهن ڀر ڪري ڀسم ٿيڻ لڳي ٿي، هن ڪهاڻيءَ ۾ جاهلانہ رسم رواج ۽ اجائي عقيدت پرستيءَ کان چوٽڪاري، ونڻ جو سنيهو موجود آهي، ڪهاڻيءَ ۾ ڊائيلاگس جڙ تہ فطري نوعَ ۾ پائنجن ٿا، ۽ ڪهاڻيءَ جو پلاٽ توڙي ڪلائيمڪس/ وچ توڙي عروج سگهارو آهي.

ڪراچي ليکڪ جي هڪ علامتي ڪهاڻي لکڻ جو تجربو آهي، علامتي هئڻ جي باوجود ليکڪ اُنهيءَ کي ڪلائيمڪس ڏئي نتيجہ خيز بنايو آهي، "ڪراچي" هڪ ماءُ جو ڪردار آهي، جنهنجو پُٽ "امن" اغوا ٿي ويو آهي، ڪراچيءَ پنهنجي خوبصورت ماضيءَ کي ياد ڪري ٿي ۽

حال جي بدامنيءَ، گولين جي آوازن، لاقانونيت، ڌاڙ، ايمبولينس جي ڪُوڪن، باهين، دانهن جي ڪربلا جو پيش منظر ڏيکاري ٿي، جنهن ۾ سندس پُٽ بہ زخمي سڪرات جي حالت ۾ آهي، سندس پُٽ امن وچن ڪري ٿو تہ هُو پنهنجي ماءُ ”ڪراچيءَ“ ڏانهن نيٺ ضرور موٽي ايندو. هيءَ ڪهاڻي جينوٽيڪ ضرورت کان زياده طوالت جو شڪار ٿي وئي آهي، پوءِ ڪٿي ڪٿي ڊائيلاگن جي وهڪري ۾ وَهي ويندڙ ڪهاڻي لڳي ٿي، پر ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻيپڻو ضرور موجود آهي. ڪهاڻيءَ جي روايتي ۽ مروج فن کي محمد دين راڄڙ رڳو ابتدا - وچ - عروج جي معيار تي لکڻ جي برعڪس اڪثر ڪري ڪردارن تي زور ڏئي ٿو. هُو سماج جي نڌڻڪن، ڏتڙيل، مفلس، احساس محروميءَ جي شڪار ٿيل ڪردارن جو ڪهاڻيڪار آهي، هُن جي ڪهاڻين ۾ لگزري لائيف جي جاءِ درد جي اُس ۾ تڙپندڙ ڪردار پنهنجا عڪس پسائين ٿا. هُن وٽ نان اشوز کي اشوز بڻائڻ جو شوق نٿو پلجي، پر سماج جا حقيقي اشوز بک، بدحالي، بيروزگاري، ناخواندگي، بدامني ۽ ڏڪار جهڙا موضوع سندس ڪهاڻين جي رُوح ۾ زندهہ رهن ٿا. هُو تاثر جي گهرائيءَ ۾ وڃي ٿو ڪردارن جي روح ۾ بحيثيت ليکڪ جي پاڻ جذب ٿي وڃي ٿو. ڪيفيتن جي ڪئنواسن کي چٽي ٿو ۽ غريب پنتي پيل انتهائي لوئر ڪلاس جي ماڻهن جي ذهني، دلي، روحاني، معاشي ۽ سماجي دردن جو پاڻ ساٿي بڻجندي نظر اچي ٿو جيڪا سندس سچيلتا، سندس حساس طبيعت جي بدولت پڙهندڙ جي سامهون اچي ٿي. اُهو ڪهاڻين جي پلاٽن ۾ ڪلائيمڪس جي زوردار اثر پذيريءَ وارو دامن بہ ڪِٿي ڇڏي ڏئي ٿو ۽ سڄو زور ڪردار نگاريءَ تي ڏئي ٿو جيئنءَ زندگي ۾ ڪن ڪردارن جو ڪلائيمڪس نظر ناهي ايندو. ڇو تہ اُنهن جي ڏکن غمن درد جي دنيا بي انت هوندي آهي، ائينءَ محمد دين بہ اهڙن پورهيت ۽ درد جي مسافتن کي ڪاٽيندڙ ڪردارن کي بنا ڪلائيمڪس ڇڏي ڏنو آهي، ڇو نہ اُنهن ڪردارن جي

هن سماج ۾ دردن جي ڪا به پڇاڻي ڪانهي، هڪ بي پيرو ۽ بي انت درد اُنهن کي سماجي ۽ معاشي زنجيرن واري نظام ۾ جڪڙيو بيٺو آهي، جيستائين اُهو نظام تبديل نٿو ٿئي، تيستائين اُهي ڪردار بمشڪل خوشيءَ جو صبح اُڀرندي ڏسي سگهن. سماج جي اهڙن ڪردارن کي هُن پنهنجي ڪهاڻين جا هيرا ڪري پيش ڪيو آهي، سندس هڪ ڪهاڻي ”ٽُوپو“ ئي پڙهي ونجي ته هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ٽُوپي کي ڪهاڻيءَ جو مرڪز بڻايو ويو آهي، جيڪو ڏينهن رات پاڻيءَ مان لاش ڪڍي ٿو گهر جي پچن لاءِ سيڌو سامان وٺي ٿو پر گهر وڃڻ وقت ڪانه ڪا فون ڪال کيس واپس گهرائي ٿي، پنهنجي ذات پنهنجي ئي ڏنڊي تي هُن کي ٻُڇان لڳي ٿي، هُو غربت، محروميءَ، بيروزگاريءَ جي ڪري پنهنجي ئي اندر ۾ پنهنجي خواهشن، بيوسين ۽ محرومين جا لاش لڙهندي ڏسي ٿو هُن کي صاحب به ڏنا ڏيندو رهي ٿو پر آبپاشي کاتي ۾ پٽيوالي جيتري به نوڪري نٿو وٺي ڏئي، هُن ٽُوپي جي ڪردار (ربن) جي ذهني پيڙاءَ، جسماني عذاب، نفسياتي ڪرب کي ڪهاڻيڪار محمد دين جنهن فنڪارانه صلاحيتن سان سرشار ڪري پيش ڪيو آهي، تنهن جي ساراهه نه ڪرڻ هڪ ادبي بدديانتداري هوندي، سموري ڪهاڻيءَ ربن جي پنهنجي خود ڪلاميءَ مان واضح ٿئي ٿي، ضمير متڪلم First Person ۾ لکيل هيءَ ڪهاڻي Stream of consciousness ۾ آهي ۽ اسلوب وجودي فلسفي جي پرچاري نوعيت جو آهي، پر ٽُوپي جي پوري جيون ڪٿا جيڪا انتهائي درد ۾ ٻُڏل آهي، سا ڪهاڻيءَ ۾ آسانيءَ سان سمائي وئي آهي، سنڌي ادب ۾ اُهو شعوري روءِ ۾ لکڻ وارو انداز شوڪت حسين شوري، ڪيهر شوڪت، مشتاق شوري، نور گهلو، نور الهُديٰ شاهه، ماڻڪ ۽ مدد علي سنڌيءَ وغيره وٽ نظر اچي ٿو محمد دين ڪِن ٻين ڪهاڻين جيان هن ڪهاڻي ٽُوپي ۾ به ڪو مصنوعي ڪلائيمڪس ڏيڻ جو سعيو ڪونه ساريو اهي، پر ڪهاڻيءَ ۾ ربن جي ڪردار کي وري پاڻيءَ جي اندر لاش

ڪڏهن جي لاءِ آخر ۾ ٽُٻي هڻندي ڏيکاريو ويو آهي، بنا ڪلائيمڪس هن ڪهاڻيءَ کي پيش ڪرڻ جو هڪ مقصد هيءَ بہ آهي تہ ڪجھ پڙهندڙ تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي، ٻيو تہ اسان جي سماج ۾ اهڙن مفلس محروم ڪردارن جي دردن جو ڪو درمان اڃان تائين ٿيو بہ ناهي، خود ڪلاميہ ۽ اسٽريم آف ڪانشينيس ۾ محمد دين جي هڪ ٻي ڪهاڻي ”ٻُولا“ آهي، جنهن ۾ هڪ باشعور فرد سماج ۾ آيل ماٺار تي پريشان آهي، هُن کي ائين ٿو لڳي تہ سماج ۾ رڳو ڪوڙ ڳالهايو وڃي ٿو، ڪوڙا نعرا هنيا وڃن ٿا، عملي طور ماٺار جو راڄ آهي، ڪوبہ بدلاءُ ڪابہ تبديلي متحرڪ ناهي، ڪردار جي خود ڪلاميہ انداز نهايت من موهيندڙ آهي، ڪجھ سِٽون اُن جون هِن نموني طور پيش ڪجن ٿيون:

”نئي سوچ، متحرڪ جذبا، انقلاب، شاعري، ادب، فلسفو ڊرامو، آرٽ، مصوري، آرٽيڪل اخبارون....... ڪهڙي پاسي مُنهن ڪري ويو.......؟ اندر ۾ ايڏي چُپ، ايڏي مصلحت، جنگ بندي......!! جهنگ جهاڳيندڙ ڪولو جو ڏاند...... ڪيڏي نہ سانت آهي........ اندر جي آويءَ ۾ جڻ....... ڇروهي آئي آهي، ڪيڏي نہ ماٺار ٿي ويئي آهي........؟! قلم ڪير ڪٽي ويو.........؟

هن ڪهاڻين جي مجموعي ۾ محمد دين جي هڪ اهم ڪهاڻيءَ جو عنوان آهي ”ڦاٽڪ“ هن ڪهاڻيءَ ۾ نهايت لوئر ڪلاس واري سرڪاري ملازم جي جيون جي درد ڪٿا کي سميٽيو ويو آهي، ڪهاڻيءَ ۾ ڪرافٽ هيءَ آهي تہ ڪهاڻيڪار جي پنهنجي اظهار بيان ۽ ڪردار جي خود ڪلاميءَ جي وچ واري سرحد اِئين گم ٿي وڃي ٿي، جو پڙهندڙ ڪهاڻيڪار ۽ ڪردار جي شخصيت جي وچ واري فرق کي ڳوليندو رهجي وڃي ٿو هن ڪهاڻيءَ ۾ رڳو ڦاٽڪ جا در بند ڪرڻ ۽ کولڻ واري سرڪاري ملازم جي درد پري ڪهاڻي ناهي، پر اُنهيءَ غريب سرڪاري ملازم جي اندر جي اک سان نہ صرف ڦاٽڪ، ريل، مسافرن

جي مجبورين مسئلن، ڏک، اڻ هوندين، محرومين، مايوسين ۽ عدم سهوليتن کي نهايت قابليت سان وائکو ڪيو ويو آهي، پر دنيا جهان جي ڪربن، عتابن، اُرهائين، بي رونقن ۽ غمن جي به اُپٽار ڪئي وئي آهي، اُنهيءَ ڪانسواءِ اُن سموري ماحول ۽ ان ماحول جي ماضي حال مستقبل جي اڳيان به ڪي سوال رکيا ويا آهن. اُهو ريلوي ملازم پنهنجي مُنهن ڳالهائي ٿو سندس خود ڪلاميءَ ۾ فليش سان ماضيءَ جي جهلڪ اسڪرين تي نمودار ٿئي ٿي، اچو ته سندس سوچن جو عڪس پَسون:

”ڇا ته ريلوي جو ماضي هو انگريز هيئين ملازم جو ڪيڏو خيال رکندا هئا .... سياري ۾ گرم ڪوٽ.......... ٽوپ، بوٽ، وردي.......... ڦاٽڪ سان منسلڪ ڦاٽڪ واري لاءِ ڪوارٽر........... جنهن ۾ ڪمرو وراندو، اڱڻ، اندر وڻ پوکيل، غسل خانو ۽ سياري ۾ سرديءَ کي شڪست ڏيڻ لاءِ آتشدان........ اڄڪلهه ڦاٽڪ ڪوارٽرن جي تباهه حالي ڏسي اِئين لڳندو آ....... ڄڻ نوڪري ڪرڻ بيٺو عذاب آهي نه بجلي جي سهولت نه پاڻي، نه رهائش نه ماني، نه ڇانهه. گرمي، سردي، مينهن مچر، طوفان، خوف، اڪيلائي....... نه تحفظ......... !“

محمد دين هن ڪهاڻيءَ ۾ نه صرف نيو سينسبلٽي ڏني آهي، پر ٻارنهن سورنهن هزار پگهار واري ملازم ملوڪ جي انفرادي/فردي، گهريلو معاشي ۽ سماجي مسئلن، ڏکن کي به نهايت ئي آرٽسٽڪ انداز ۾ اُپاريو آهي، هيءَ ڪهاڻي بنا ڪلائيمڪس جي آهي، هيءَ ڪهاڻي پڙهندڙ کي پنهنجي سحر ۾ وڪوڙي وٺي ٿي.

سرلان محمد دين جي هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ورهاڱي کان پوءِ هند جي سنڌي ماڻهن جي درد کي سهيڙيو ويو آهي، سرلان هڪ اهڙي عورت آهي، جيڪا سنڌ ڌرتيءَ جي سڪ محبت ۾ بيتاب ٿي سنڌ ۾ پهچي ٿي ته ڀاءُ سان ملندي ئي گهٽي سڪ ۽ خوشيءَ ۾

سندس ساهه جو پکيئڙو اُڏامي وڃي ٿو. هيءَ جذبن جي اُڇل واري ڪهاڻي آهي، جنهن جو پلاٽ حب الوطنيءَ جي جذبي جي چوڌاري ڦري ٿو ۽ هن جو ڪلائيمڪس منفرد، غير امڪاني ۽ غير معمولي نوعيت جو آهي هيءَ ڪهاڻي هند ۾ رهندڙ سنڌين جي سورن کي تازو دم بنائي ٿي، پر ڪين روحاني سُرور بہ ڏيندي، هنن سڀني ڪهاڻين ۾ سڀ کان وڏيڪ سگهاري ڪهاڻي بعنوان ”سرڪس“ آهي، سرڪس ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار ”ڪوڏو“ آهي، هيءَ هڪ زبردست علامتي ڪهاڻي آهي، ڪهاڻيءَ ۾ ڪوڏوءَ جي ڪردار جي وسيلي انسان جي وجودي مسئلن ۽ وجودي سوالن کي ڇيڙيو ويو آهي، ڪوڏو ميلي جي سرڪس ۾ ماڻهن کي پنهنجي اداڪاريءَ جي وسيلي مزاح اربي ٿو ڪِلائي ٿو ۽ مختلف جانورن ۽ پکين جي آوازن جو نقل ڪري ماڻهن کي تفريح مهيا ڪندو رهي ٿو. ڪهاڻيءَ جي منظر نگاريءَ ۾ جديد ادراڪ کي ڪنديريو ويو آهي، منظر ڪشيءَ جو هڪ مختصر روپ پيش ڪجي ٿو:

”......... آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ جهولا......... بازارون، دڪان، ڪُلها گس......... ماڻهو......... گهرن جي تهہ خانن مان نڪتل ماڻهو......... جيون جي نفسانفسيءَ کان فرار ٿيل ماڻهو.......... گوڙ گهمسان ۾ وڃائجي ويل انسان......... دربار جي احاطي ۾ دُهل جي ٿاپ تي مدهوش ٿي نچندڙ ماڻهو...........!“

ڪهاڻيءَ ۾ مارڪيٽ ڪلچر کان وٺي ماڻهوءَ جي بيچينيءَ، بيقراريءَ، وجودي اڪيلائي ۽ غريب طبقي جي معاشي ولوڙ کي عڪس بند ڪيو ويو آهي، ڪهاڻيءَ ۾ ڪوڏو بار بار مزاح وسيلي ماڻهن جي خدمت ڪندو رهي ٿو. سمورو سرڪس هن جي تماشي جو محتاج آهي، هُو بيمار ٿي پوي ٿو سخت بخار ۾ بہ سرڪس جو مئنيجر کانئس پرفارمنس ڪرائي ٿو ۽ هُو آخري بار ماڻهن کي کِلائي پوءِ مري

وچي ٿو. ڪوڏو دراصل هڪ سچي، حساس، باظرف با ضمير ۽ نيڪ ماڻهوءَ جو ڪردار آهي، جيڪو ماڻهن جي اڳيان جسماني ۽ روحاني مزدوري ڪري ٿو ۽ روزي ڪمائي ٿو ۽ نيٺ اِئين ڪندي ڪندي دنيا ڇڏي وڃي ٿو. سرڪس هن سماج جي علامت آهي ۽ ڪوڏو اسان پاڻ آهيون، جيڪي پاڻ کي تڪليف اُنهيءَ ڪري ڏيون ٿا، جيئن ٻيا ماڻهو خوش رهن. اِئين ڪندي اسين به ڪوڏوءَ جيان ختم ٿي وڃون ٿا. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار باقاعدي چرپر ڪن ٿا. ڪهاڻيڪار فنڪارانه انداز سان پنهنجي علامتي ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻيءَ اندر ئي اوڪ ڊوڪ ڪئي آهي، ڪهاڻيءَ جون ڪجهه سٽون پڙهون ٿا:

”ڪوڏوءَ کي هي سجي دنيا آسمان جي ڇٽيءَ هيٺيان وڏو سرڪس لڳي ٿي، جتي هر ماڻهو ڪوڏو آهي..... هر ڪنهن ڪونه ڪو تماشو سِکي ورتو آهي...... ڪي ڪردار جا ڪوڏو ته ڪي گفتار جا ڪوڏو....... ته ڪي ڪرتب باز ڪوڏو..........“

مجموعي طرح محمد دين راڄڙيءَ جون ڪهاڻيون سنڌي فڪشن لٽريچر جي معيار جي دائري ۾ اچن ٿيون، سندس ڪهاڻيون منصوبابنديءَ سان ڪهاڻيءَ جي سمورن فني لوازمات کي اڳيان رکي لکيون نه ويون آهن، پر هُن ڪهاڻيءَ جي اندر ڪردار نگاري ڪئي آهي، اُها ڪردار نگاري سندس جذبي جي پويان سفر ڪري ٿي، جنهن جي ڪري ڪردار به جذبن جي اڳيان ڪنهن رٿابنديءَ جي اُصولن جي پيروي نٿا ڪن، ڪٿي اُهي ڪردار نتيجه خيز آهن، ڪٿي ڪلائيمڪس کان سواءِ آهن، ڪٿي اُهي ڪردار ڪلائيمڪس تي زور ڏيڻ جي برعڪس اينٽي ڪلائيمڪس تي زور ڏين ٿا، ڪٿي سندس ڪلائيمڪس مصنوعي لڳن ٿا، ڇو ته هُو ڪردارن کي ناممڪن هجڻ واري انقلابي صورتحال ڏانهن وٺي وڃي ٿو. سندس ڪردار امير ڪلاس جا ڪردار ناهن، پر غريب طبقي جا ڪردار آهن،

جيڪي هر وقت چُست، روان، تحرڪ ۾ رهندي حياتيءَ جو گذران ڪن ٿا، انيڪ مسئلن ڪي منهن ڏين ٿا ۽ بدلاءَ جا طلبگار آهن. هُو ڪردارن ڪي جيئڻ جو تيئڻ هجڻ واري فوٽوگرافيءَ ڏيڻ جي بجاءِ، اُنهن ڪردارن جي حق خود ارادیت واري سوچ ڪي نڪاريندڙ ڪهاڻيڪار آهي، ڪردارن ۾ خود ڪهاڻيڪار جذب ٿيندي نظر اچي ٿو يا ڪردارن جي احساس ۾ لڙهندو وڃي ٿو محمد دين جون هي ڪهاڻيون سندس شروعاتي تجربن جي ساک پت آهن. ڪهاڻي لکڻ جو سفر انتهائي ڏکهو ۽ پيچيده به هوندو آهي، جيڪو ڪثير زمانا طلبيندو آهي، ڪيترن ئي موضوعن ڪي جيتوڻيڪ هُن هنن ڪهاڻين ۾ ڇُهي ورتو آهي، پر ايڪيهين صديءَ جا نوان نوان ڪيئي، ڪردار اجا سندس ڪهاڻين جي چانوَ ۾ پلجي ڪونه سگهيا آهن. وڏي ڳالهه ته محمد دين ڪي فني تجربن ڪان هٽي ڪري اجا پنهنجو هڪ انداز سمجهڻو پوندو. ڪيس پنهنجي اسلوب ۽ انفراديت لاءِ اجا پتوڙڻو آهي، اُنهيءَ سڀ جي باوجود. سندس هي ڪهاڻيون هڪ سگهه ۽ ڪشش رکن ٿيون ۽ دانشورانه شعور ڪي مخاطب ٿين ٿيون، هي عام ڪهاڻيون ناهن، پر شعور، مطالعي، مشاهدي، محنت، رياضت ۽ جديد ادراڪ جون گواهه ڪهاڻيون آهن. ايندڙ توڙي همعصر جا مورخ ۽ نقاد سندس ڪهاڻين جي معيار ڪان منهن موڙي نٿا سگهن.......!!

ــ خليق ٻگهيو/مورو

ڪهاڻي جو ڀٽڪيل مسافر

محمد دين راڄڙي ڪهاڻي جو ڀٽڪيل مسافر نه آهي پر ڪهاڻي جو ڪردار ڀٽڪيل مسافر آهي، شايد ان ڪري راڄڙي صاحب ڪهاڻي جي ماحول ۾ گم ٿي پاڻ به ڀٽڪي ويو آهي. ڀٽڪڻ به خراب

ڳالهہ نہ آهي ڇو تہ ڪنهن رستي کي اختيار ڪرڻ لاءِ ڀِيرين ڏاڪو پٽڪڻ، وڃائجڻ، گم ٿيڻ، غلطيون ڪرڻ، سکڻ، اپنائڻ، حاصلات هٿ ڪرڻ، منزل ڳولڻ، رستا تلاش ڪرڻ جا مرحلا هوندا آهن. هي رستو ان ڪري بہ ڪٺن آهي جو سندس اردگرد جو سمورو ماحول شاعرن ۽ شاعري جو آهي. نثر جا ڪٺن پيچرا اختيار ڪرڻ سندن مرضي آهي يا ڪنهن جو مشورو پر هي رستو محمد دين جي عين فطرت سان ٺهڪندڙ آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو غور سان سندن ڇهري کي جاچيندو تہ راڄڙي جي اسڪن جي هر جيو گهرڙي ۾ نثر سان نينگ ٿِپا نظر ايندا، اها بي ڳالهہ آهي تہ انهي نثر جي ميچوئرٽي کي ڪير قبول ڪري يا وقت جو انتظار ڪري.

محمد دين راڄڙي ڪهاڻي جي ڪهاڻي آهي. پنهنجي اردگرد جي نون لقائن ۽ سهيوڳي صورتحال تي لکيل ڪهاڻيون ٻڌائن ٿيون تہ ساڻس لهہ وچڙ ۾ ايندڙ هر فرد ۽ هر واقعو سندن ڪهاڻين جو حصو آهي. اهي ڪهاڻيون جيڪڏهن ٻاهرين ماحول جون آهن تہ انهن جي ٽريٽمينٽ راڄڙي صاحب جي اندر جي ڪهاڻي آهي يعني ايئن محسوس ٿيندو تہ ڪهاڻي جو ٻاهريون ڍانچو معروضي حالتون آهن تہ انهن ڪهاڻين جو اندريون ماس/ ڳر/ تت محمد دين راڄڙي جون اندريون حالتون آهن. هو ڪهاڻين ۾ داخلي احساس اوتيندو آهي. تنهنڪري ئي شايد ڪهاڻين ۾ رس چس آهي ۽ ڪهاڻي پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ وٺي هلندي آهي. محمد دين جي ڪهاڻين لاءِ ايئن تہ نٿا چئون جو آخري ڪهاڻيون آهن پر ڪجهہ ڪهاڻيون پنهنجو جواب پاڻ آهن جنهن ۾ موضوعن جي انفراديت سان گڏ انهن ڪردارن کي بہ زندگي عطا ٿئي ٿي جيڪي پنهنجن ڪهاڻين جو حصو آهن. اهڙيون ڪهاڻيون ان ڪري بہ اهم آهن جو جنهن ماحول مان راڄڙي صاحب ويهي هي ڪهاڻيون لکي رهيو آهي ان ماحول ۾ ادب عام ماڻهن لاءِ ايترو اجنبي آهي، جيتري زندگي، انهن

ماڻهن لاءِ اجنبي آهي. جتي انسانيت اجنبي آهي، جتي ووٽ انهن ماڻهن جو پنهنجو ووٽ نہ آهي. جتي ووٽ سندن هٿيار هجڻ بجاءِ وڏيري جو قرض آهي، جتي جي زندگي حاڪمن جي ڪرم نوازي آهي. تنهنڪري اهي ماڻهو اڌاري زندگي ۾ ڪيش تي موت وڻندا آهن اهي قبيلائي جهڳڙا هجن يا چورن ۽ ڦورن جون وارتائون هجن. پر جي ماريا نہ وڃن تہ خوشحال پنجاب مان ڪهي آيل ماڻهن، عورتن ۽ انهن جي اينگرو، ماڙي گيس، لبرٽي پاور پلانٽ وغيره واري زندگي ڏسي جيئري ئي مرندا ضرور آهن تہ سڀ ڪجهہ اسان وٽ هوندي بہ نہ اسان وٽ گيس آهي نہ بجلي آهي نہ زندگي جون سهولتون آهن. راڄڙي جو ڳوٺ بہ انهن محرومين مان آجو نہ آهي. محمددين راڄڙي اهڙي ماحول ۾ ويهي جڏهن محروم ڪردارن جون ڪهاڻيون لکندو آهي تہ انهن ڪهاڻين ۾ هڏا ۽ چم تہ ٻين جا هوندا پر رت محمد دين راڄڙي ۽ سندن ڳوٺ سانگهڙ جو هوندو آهي. پيٽرا اڊاڪس ۾ اهو رت سموري سنڌ جو آهي ۽ اهو حشر سموري سنڌ جي وارتا آهي.

تهذيب بہ پيٽ ڀريل ماڻهن جي هوندي آهي. انگ اگهاڙن ۽ پيٽ بکايل ڪردارن ۽ ڪهاڻين جي ڪا تهذيب نہ هوندي آهي. تنهنڪري شايد ٽوپي جو پٽ پيءُ طرفان آندل ٽريڪٽر ٽرالي وارو ڪيڏوٽو حاصل ڪرڻ بجاءِ ٽوپي پيءُ کي بہ وڃائي ويهي رهي ٿو. سرلان پنهنجي وطن جي ٽيهارو ڪان وڏيڪ سالن جي انتظار پڄاڻان پهچي بہ الميي جو شڪار ٿي وڃي ٿي ۽ سندس لاش واپس وڃي ٿو. ورهاست واري وڍ سموري مسلمان ورٿي کي هندستان حوالي ٿيڻ ڪانپوءِ بہ انسانن جي وڍ جاري رکي آهي. مني صدي گذرڻ ڪانپوءِ بہ دوستانہ رويہ وجود ۾ نہ آيا آهن. اهڙا ڪيترائي مسئلا آهن جيڪي تهذيبن جي دائري ۾ اچن ٿا جن کي محمد دين راڄڙي ڪنهن نہ ڪنهن پاسي کان اجاگر ڪيو آهي.

محمددين راڄڙي جون هونئن تہ سموريون ڪهاڻيون ڪافي گهرجائون آهن پر "ٽوپو"، "ڦاٽڪ"، پڙائجي ويل اکيون "پيرادو"، "بودلو"، "سرڪس"، "سرلان"، "تضاد"، "اندر ٿو سڏي مونکي" ۽ ناٽڪ "سيڪنڊ اسٽيٽمنٽ" مون کي ان ڪري پسند آهن جو انهن جو ڪنٽينٽ يعني متن توجہ طلب آهي. اُهي ڪهاڻيون پنهنجي جاءِ تي سٺي موضوعاتي چوندڊ ٽريٽمنٽ يا ڊڪشن سبب منفرد آهن. ٻي طرف انهن ڪهاڻين تي ڪهاڻيپڻو ايڏو جاندار نہ آهي جو راڄڙي صاحب جون ڪهاڻيون پڙهندي ڪڏهن ڪڏهن محسوس ٿيندو آهي تہ هو تڪڙو ئي ڪهاڻي جي انت تائين پهچڻ چاهيندو هجي جنهن جي لاءِ ڪجهہ ڌيرج يا صبر جي ضرورت هوندي آهي. آرٽ جو مطلب ئي ترسڻ ۽ ترسائڻ هوندو آهي. اخبار جي خبر جيان ٻن يا ٽن سرخين ۾ سموري وارتا جي خبر پئجي وڃي تہ پڙهندڙ تفصيلي خبر ۾ ورلي وڃڻ پسند ڪندو آهي. جڏهن تہ ڪهاڻي جي متن ۾ ڪي بہ اخباري سرخيون نہ هونديون آهن پر واريااسي زمين جي اهڙي ٽڏڙي هير هوندي آهي جو پنڌ ڪندڙ کي ڪٿي بہ احساس نہ ٿيندو آهي تہ هو ڪٿان روانو ٿيو ۽ ڪٿي پهتو آهي. ايئن مونکي هاروڪو موراڪامي جي ڪهاڻين Men with Women ۾ ڪهاڻي Drive my car ياد ٿي اچي جيڪا پڙهندي مونکي خبر ئي نہ پئي تہ ڪيتري ڪهاڻي پڙهي ويو آهيان ۽ ڪهاڻي ۾ آهي ڇا؟ پر ڪهاڻي جو سرور الئہ ڪيئن جسم ۾ سرايت ڪندو الئہ ڪٿي وڃي پهتو. ڪهاڻي ۾ اهو ڪهاڻي پڻو هوندو آهي. موراڪامي جون ٻيون ڪهاڻيون بہ لاجواب آهن. ايئن بہ ناهي تہ محمد دين جي ڪهاڻين ۾ ڪهاڻي پڻو ناهي پر اها ڌيرج جي کوٽ محسوس ٿئي ٿي. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ سندن اهو انداز پنهنجو الڳ ۽ منفرد اسلوب آهي جيڪو اڳتي هلي پنهنجا گس جوڙي.

ڪهاڻين ٿوبو ۾ ڦاٽڪ ۾ ڪردارن جي پيڙاءَ ايئن بيان ڪيل آهي جو اسان جي سماج جي اجتماعي درد جا اولڙا نظر ايندا آهن. معاشي ڪسمپرسي ۾ زندگي جي معيار کان هيٺ جي زندگي اسان جي سماج جو اجتماعي درد آهي، جيڪو استحصالي قوتن جي هٿان محروميت جي چڪيا تي چڙهي اسان جي وجود جو حصو ٿي ويو آهي ۽ اسان معياري زندگي جي خوابن کان به پري رکيا ويا آهيون. جڏهن ته سماج جي ڪوڪلائپ تي سندس ڪهاڻين ماڻ احساس ۽ سيڪنڊ اسٽيٽمينٽ ناٽڪ نمايان آهن. جيڪي ڊبل اسٽينڊرڊ ۾ ماديت پرستي سبب پنهنجي ذات جي انا تي چڙهي ڪنهن ٻي جي درد يا احساس ڪچلي ٿا ڇڏيون. ايئن به ناهي ته صفا احساسن جي موت جون ڪهاڻيون آهن پر آپٽيمزم جي حوالي کان سندن ڪهاڻي "اندر ٿو سڏي مونکي" مثال آهي جنهن ۾ هڪڙي ليڪڪ جو اندر جاڳي پوي ٿو ۽ هو ضمير جي ملامت کي محسوس ڪري پڇتاءُ جو شڪار ٿي، ڪڏي ڪم ڪرڻ کان باز اچي وڃي ٿو. اها ڪهاڻي ٻه معنيٰ ۾ به ڏسي سگهجي ٿي ته ڪهاڻي جي ڪردار مهران شايد گهر مالڪ کي اندر سڏي ٿي يعني اهو ڪم ڪيس اندر سڏي ٿو پر اصل ڪهاڻي اندر جي جاڳي پوڻ ۾ اندر جو سڏ آهي.

ڪهاڻين ۾ بچل ڪلينڪ واري ڪهاڻي بلڪل منفرد ۾ سائنسي حقيقت تي آهي ته اسان جي سماج ۾ جنسي محرومي جا شڪار ماڻهو ڪيئن پنهنجي ضرورت جي پوراءُ لاءِ سيمينس جي چيڪنگ لاءِ فرٽيلٽي ٽيسٽ ڏيڻ بهاني پنهنجو ڪم ڪري ٿا وڃن. اهي سمورا پاسا پنهنجي جاءِ تي پر انهي موضوع تي ڊسڪورس پيدا ڪرڻ خود هڪ وڏي دعوت ۾ وڏو چيلينج آهي ته اولاد ٿيڻ يا ٻي اولادي لاءِ اسپرمز جي چيڪنگ به ضروري آهي. ٻي صورت ۾ اسان جهڙي پنتي پيل سماج ۾ جتي ماڻهو اولاد پيرن تي پڙچاڙهي گهرندا هجن يا پين وهمي

ڦيٽن يا ڏاڳن وسيلي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هجن. اهڙي معاشري ۾ ماڻهو بهاني طور ئي سهي پر پنهنجي جنسي اسپرمز چيڪ ڪرائڻ ڪنهن ڪلينڪ تي وڃن ٿا، ته اها وڏي غنيمت آهي. محمددين راڄڙي پنهنجي ذاتي مشاهدن ۽ تجربن مان اهڙيون ڪهاڻيون ڪڍي اسان کي پڙهائي ٿو جنهن سان تمام گهڻيون نيون حقيقتون اسان جي سامهون اچي وڃن ٿيون. اهڙي ذاتي تجربن مان ڪهاڻي ”سچ ڪي پني“ به آهي جنهن ۾ هڪڙي اسڪول جا استاد سماج جي تبديلي لاءِ ته وڏا بحث ڪندا آهن پر پنهنجي عملي تبديلي لاءِ پاڻ به تيار نه هوندا آهن. تبديلي هميشه انفراديت کان شروع ٿي اجتماعيت جو حصو ٿي ويندي آهي، ڊائريڪٽ ڪا به تبديلي نه ايندي آهي. اهڙي ڏس ۾ ڪهاڻي ”مان انسان ٽيندس“ مونکي جج صاحب تي وڏي ستاير واري ڪهاڻي محسوس ٿي ته ڪيئن جج صاحب ٻارن کان سندن مستقبل جو پڇي ٿو ۽ هر ٻار جي جواب ۾ منفي ڪمينٽس ڏئي ٿو جنهن سان انهي اسڪول جي ٻارن جي ذهن ۾ نه چاڻ ڪهڙا خاڪا پيدا ٿيندا هوندا جڏهن ته جج صاحب پاڻ به ٽيوشن پڙهائي جج ٿيو هو. ٽيوشن خود تعليمي نظام تي هڪ سواليه نشان آهي. اهڙيون ڪيتريون ڳالهيون اسان سماج مان ڪڍي سگهون ٿا جيڪي مشعل راهه ٿي سگهن ٿيون.

بحيثيت هڪ فرد ۽ دوست جي، محمددين راڄڙي ادب ۾ ايترو تڪڙو آيو جو اچڻ جو جڻ پتو ئي نه پيو ۽ اچڻ سان ئي پنهنجي منفرد حيثيت ۽ جاءِ ٺاهي ويٺو. جنهن ۾ سندن ڪمٽمنٽ ۽ محنت شامل آهي. هو شين کي صرف ڪتب نٿو آڻي پر انهن کي پڙهي ۽ پرجهي به ٿو جنهن عرق ريزي جي نتيجي ۾ هو ڪافي حد تائين گهرائي ۾ به پهچي ويندو آهي. پر منهنجي ڪڏهن ڪڏهن دل چوندي آهي ته راڄڙي صاحب کي روڪجي ته في الحال لکڻ کان پري رهي پر اهو به

هڪڙو نقصان هوندو پر پوءِ به وسيع مطالعو نظرين، فلسفن، تاريخ، تهذيب ۽ آرٽ جي اصل سڃاڻپ وقت وٺندي آهي جيڪي شيون محمددين جي ڪم ۾ نکار سان گڏ نواڻ به آڻينديون. وڏي ڪهاڻي لکڻ لاءِ محمد دين کي وڏو ٽيٽو پوندو جيتوڻيڪ هو ننڍڙو ماڻهو هيئنر به نه آهي. ٻي طرف ذاتي طور سدائين دوستن لاءِ هڪيو ٻڪيو حاضر هجڻ، دوستن جو سدائين اوسيئڙو ڪندڙ۽ محبتون ڏيڻ به سندن وٽان سکڻ جهڙيون آهن. سماجي زندگي ۾ به هو متحرڪ هوندو آهي. پَر پنهنجي ڪهاڻين جيان منفرد ۽ پيارو آهي ۽ سندن روپ به ڪهاڻين جيان سمپل آهي. پر سندس شخصيت ۾ وزن نثر کي جلا بخشي ٿو. مونکي ذاتي طور سندن نثر مان ڪهاڻين ۾ وڏو دم محسوس ٿيندو آهي ۽ ڪهاڻي سندن فطرت وٽان پڙ آهي. ڪهاڻين جي محنت جو ثمر هي پورهيو سندن ڀرين پيار جي ڀرين نشاني آهي ۽ ڀريون پيار نه وسرڻ جهڙو هوندو آهي. اسان سمورن دوستن جو دادلو شخص شال پنهنجي علمي ادبي سفر ۾ سڦل رهي، آمين!

ـــ ڊاڪٽر مبارڪ علي لاشاري/سنڌ يونيورسٽي

جديد ترقي پسند ڪهاڻيڪار جون ڪهاڻيون

محمد دين راڄڙي سنڌي ادب ۾ جديد ڪهاڻيڪار طور سڃاتو وڃي ٿو. هن جون ڪهاڻيون عوامي ڪهاڻيون آهن. ڦاٽڪ تي مزدوري ڪندڙ پوڙهي شخص کان اڏڙوٽ ٽوپي جي داخلي ڪرپ ، پيڙا ، بي چيني سميت هڪ حساس آرٽسٽ جي ذهني انتشار، نفسياتي مونجهارن تي پنهنجي منفرد ٽُڪ تيز انداز سان وزندار ڪهاڻيون لکيون اٿس. سندس ڪهاڻين ۾ سنڌي ماڻهن جي هر درد، اهنج ، آهه

جي تصوير آهي. جنهن تصوير ۾ ليڪ انيڪ طبقن جي ڪردارن ڪي زبان ڏيئي سندن بي وسي، محرومي، مايوسي ۽ خوابن جون تعبيرون ڪسجڻ ڪان بڪ، بدحالي، زيادتي، استحصال جهڙي ڀانت ڀانت عالم ۾ هڪ وڏي رڙ ڪرڻ جو حوصلو ڏنو آهي. ۽ اها مظلوم رڙ شعوري پڙهندڙ جي دماغ جا پردا ڦاڙهي ڇڏيندي!

تبديلي هڪ فطري عمل آهي جيڪو مسلسل ٿي رهيو آهي پوءِ تبديلي عقيدن ۾ هجي، ڪنهن نظام ۾ هجي يا ڪنهن بہ مٽيريل / نان مٽيريل وجود ۾ هجي. سماج ڪي وقت جي تيز رفتار سان تبديل ٿيڻو آهي. ۽ ان سلسلي ۾ تبديلي آڻيندڙ عنصرن ۾ آزادي ۽ آرٽ جو وڏو هٿ رهيو آهي. ليڪ جنهن سماج جو ذميوار فرد آهي اتي بہ تبديلي گهربل آهي جنهن جو مثال تعليم ۽ سماج تي لکيل سندس ڪهاڻيون آهن. جيڪي منافق، ٻٽاڪي، اندر ڪوڙن سماجي ڀلائي جي هام هڻندڙ جي منهن تي هڪ رانپوٽي ـ هڪ ڀونبدي مثل آهن. ۽ پوءِ جڏهن هُو اندر جي آئيني ۾ پنهنجو منهن ڏسندا تہ سندن منهن رهڙيل، ڦٽيل ٿي هوندو جنهن مان بيضميري جي پونءِ وهي رهي هوندي!

ڪهاڻي ”ٿوبو“ جي ڪردار ربن جي خدڪلامي ۾ بيان ڪيل احساس ڪيڏا نہ ترس ڪائڻ جهڙا آهن ، جن ڪي پڙهڻ ڪان پوءِ خاموش ٿي ٿي سگهجي ٿو يا ربن سان همدردي جي ڏيک ڪارڻ ٻگلن تي بہ ڪوسا لڙڪ لاڙي سگهجن ٿا.

جيئن: جنهن جو ٿا لاش ڪيوون هر ڪو روئڻ ۽ پٽڪي ۾ پورو ٿي ويندو آهي.... پنهنجي پيارن جي لاش تي روئيندڙ ماڻهن ڪان ڪير پئسا گهري؟... اسين تہ جڳ جهان جا لاش ٻُولڻ لاءِ نہ ٿا ڏسون رات نہ ڏينهن، درياءَ ۾ واهن ۾ لهي ٿا پئون..... پر اسان جي اندر ۾ ڪنهن لهي ڏنو آهي! تہ اندر ۾ ڪيترين ئي خواهشن، بيوسين ۽ محرومين جا لاش ٿا لڙهن....

ايئن ئي، جيئن، محمد الدين راڄڙيءَ جي ڪهاڻي ”توبو“ آبپاشي ڪاتي جي سهاري تڳندڙ ماڻهن جي هڪ پوري درد ڪٿا آهي. / ماڻهن جا لاش پاڻي مان ڳولي ڪيڻ تي توبن جي گهر زندگي ساهه ڪڻڻ لڳندي آهي، خوشيون منهن ڏيکارڻ موتي ايندڀون آهن. ايئن ئي سندس هڪ ٻئي ڪهاڻي ”قاتڪ“ ڪردار ملوڪ جي خدڪلامي تي مبني آهي جنهن ۾ ماڻهن تي مختلف زاوين سان تنقيد ڪئي ويئي آهي. توبي ڪهاڻيءَ جيئن هيءَ ڪهاڻي ٻه پنهنجي شعبي (ريلوي) سان سلهاڙيل هيٺين ملازمن جي جيون ڪهاڻي آهي. ملوڪ جي تجربي جي نگاهه ايڏي تيز آهي جو قاتڪ تان گذرندڙ ماڻهن جي اندر جهاتي پائي سندس ڪوڪلي هجڻ تائين جو اندازو لڳائي وٺندو آهي. محمد الدين جون ڪهاڻيون مظلوم، محڪوم عوام جي دردن جون تصويرون آهن، جن جي منظرعام اچڻ تي — نمائش ٽيڻ تي اسان وقت جا مدبر، عالم ، ڏاها سندس ڪردارن سان همدردي جا رسمي لفظ ئي چئي سگهون ٿا.

مجيب اوٺو — قاضي احمد

جديد ڪهاڻي جي لاءِ عام طرح اهو ٻه ٻڌو ۽ پڙهيو آهي ته ڪهاڻي جو زوال آهي يا زوال ڏي رهيو آهي.

ائين هرگز ناهي، ڪهاڻي اڄ ٻه لکجي پئي ۽ تمام جدت سان لکي وڃي پئي. اڳ جي ڀيٽ ۾ ڪهاڻي پنهنجو رُخ ضرور مٽيو آهي،جديد ڪهاڻي مختصر آهي، پر تمام پُر اثر آهي. تمام ٿورڙن جملن ۾ مفهوم ۽ تت پڙهندڙ جي سامهون اچي وڃي ٿو.

ڪيترائي نوجوان ڪهاڻيڪار موجود آهن، جيڪي پنهنجو رت ۽ست ڏيئي سنڌي ادب کي پنهنجو ادبي پورهيو ارپي رهيا آهن

اهڙن ڪهاڻي جي قلمڪارن ۾ اسانجو پيارو ساٿي سائين محمد دين راڄڙي صاحب هڪ سٺي نقاد هجڻ سان گڏ هڪ بهترين ڪهاڻيڪار

آهي. هن نوجوان جو هي جيڪو ڪهاڻين جو مجموعو اڄ اسان جي هٿن ۾ آهي، ان مجموعي ۾ جيڪي به ڪهاڻيون شامل ڪيون ويون آهن سي سڀ سندس ذاتي مشاهدي جي بنياد تي لکيل آهن. هر ڪهاڻي ۾ جدت سان گڏوگڏ حساسيت ۽ نفاست پڙهڻ سان محسوس ٿئي ٿي. هن پنهنجين ڪهاڻين ۾ عام مسئلن کي قلم. جي نوڪ سان ڪاغذ جي ڪينواس تي وائکو ڪيو آهي جيڪي پڙهندڙن جي سامهون آهن.

”پيرادو“، جاڳر، ٽوبو ۽ ڦاٽڪ وارو ۽ ٻيون ڪهاڻيون سندس اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جن ۾نج ڀراڙي جي ماحول ۽ حالتن کي فوڪس ڪيو ويو آهي. پاڻ به ڳوٺاڻي ماحول ۾ پلي جوان ٿيو آهي انڪري هن. پنهنجين ڪهاڻين ۾ اهڙا ڪردار ڏاڍي سليقي سان پيش ڪيا آهن، شايد اڳ ۾ ڪنهن ٻي ڪهاڻيڪار پنهنجي قلم جي نوڪ تي آندا هجن.

اسين ڪيس پُر اميد آهيون هي اسانجو پيارو ساٿي جنهن حوصلي ۽ همت، محنت ۽ مشاهدي جي آڌار تي تيزي سان وکون کڻي رهيو آهي، ڪيس اهو ڏينهن پري ناهي سندس نالو آڳرين تي ڳڻڻ جيترن مشهور ڪهاڻيڪارن ۾ ڳڻيو ويندو.

ـــ ملزم سومرو/ ڏهرڪي

ماں انسان ٿيندس جي تخليقڪار ايم ڊي راڄڙي تي لکڻ مون لاءِ وڏو اعزاز آهي، ايم ڊي راڄڙي سان منهنجو ادبي دعا سلام گذريل ڏهن سالن کان وٺي آهي. سائين ايم ڊي جي ڪهاڻين ۾ هر ڪردار واضع بيان ٿيل آهي، جهڙي طرح ٽوبو اسان جي معاشري ۾ هڪ اهم ڪردار رهيو آهي ٽوبي کي هميشه ڪو نه ڪو لاش ڪيڻ مهل ئي گهرائبو آهي،

ڪوڊو پستہ قد واري ماڻهو جي اندر جي آتم ڪٿا آهي جنهن کي ايم ڊي سهڻي طريقي ان ڪوڊو جي درد کي بيان ڪيو آهي،

ايم ڊي جي ڪهاڻين ۾ ڪهاڻين جو پلاٽ ۽ موضوعات جي وسعت جي اڏام بهترين ٿيل آهي

جيتري قدر ماڻهو انسان ٿيندس تہ ان لئہ ڪاش اسين سڀ اندر جي ڪوٺي ۾ پاڻ کي انسان سمجهون تہ سڀ مسئلا حل ٿي ويندا .

ـــــ جي ايم لاڙڪ ـ ڏهرڪي

گهڻ پاڙهو
گهڻ ڳالهائيندڙ
سريلي طبعيت جو مالڪ
مصلحت جو مثالي ڪردار
بهترين ڪهاڻيڪار
تخليق جي روح کي سمجهندڙ نقاد
نثر جي حسن ۽ نذاڪت کي پنهنجو ڪندڙ قلمڪار

اسان جو دوست محمد دين راڄڙي تخليقي سفر جي قافلي ۾ پنهنجي حصي جي شعور ۽ پيار سان پنهنجي سٿ سان همقدم آهي. توڙي جو هي دوست عمر ۾ اسان کان گهڻو ننڍو آهي پر هن سان ملي ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ اسان بس رڳو وڏا ٿي ويا هجون وڏ پڻو ۽ماڻهپو هن وٽ رهجي ويو هجي. محمد دين با ڪمال شخصيت جو مالڪ آهي،سندس طبعيت ۽ مذاج پُر ڪشش هجي بہ ڇو نہ جو سندس جنم سال جي پهرين پر اميد ۽ سياويڪ ڏينهن تي ٿيو آهي.

هي دوست مونکي پنهنجي پيار جي احساس جي پهرين وک جهڙو پيارو آهي. اسان هڪٻئي جي صحبت ۾ قرب جون ڪيئي راتيون گڏ ڪٽي خلوص جا سوين سج اڀاريا آهن.

هن دوست جي سچائي، محنت، ايمانداري، اخلاق، سهپ ۽ ساڃاهہ

ڏسي هن جي اسان ۾ موجودگي تي فخر محسوس ٿيندو آهي. هي ماڻهو اياز جي سٽن ”ڪٿي تہ پڄبو ٿڪ مسافر“جو عملي ڪردار آهي. سنڌي ادب لاءِ سندس ڪيل خدمتن کي سدائين محبت ۽ قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو.

ڪهاڻي هجي يا مضمون نگاري ڪيس پوري اتهاس سان طوالت کي چند سٽن ۾ سهيڙڻ جو فن جڳ ڪيس ورثي ۾ مليو هجي. سندس ڪهاڻين ۾ ڦاٽڪ واري ڪان وني ٿوڻي تائين انيڪ سماجي درد ۽ اذيتون شامل آهن. سندس ڪهاڻيون سماجي انياءَ جون چٽيون تصويرون تہ آهن ئي پر ان سان گڏ انهي پيڙا ۽ پيچ ڍاهہ جي سلجهاوَ جو گس بہ آهن.

آئون هن پيار جي پانڌيئڙي جي بهتر مستقبل جو دعاڳو آهيان.

— فدا ملڪ ـ ڏهرڪي

کهاڻيون

ٿوبو...!

سچ جهڙين پڙين ۾ هو.. سيني سوارين جا منهن گهرن ڏانهن هُئا... هر ماڻهو ٿڪاوٽون ڪمائي گهرن ڏانهن پئي موٽيو...... ربن پنهنجي ٿوبن جي ٽولي کان موڪلائي ڳوٺ جي اڏي ڏانهن روانو ٿيو.. ڳوٺ جون سڀ سواريون نڪري چڪيون هيون... ربن اڏي تي بيهي سواري جو انتظار ڪري ٿو.. متان ڳوٺ جي ڪا گاڏي ملي وڃي... اڄ ربن کي پتيءَ ۾ پنج سئو مِليا هُئا... اڄ ربن پنهنجي سڪليڏي پٽ لاءِ پاپا ورتا, ڪيڏٺو ورتو, اٽو سبزي... گيهه, کنڊ پتي..... اڄ ربن سرخرو پئي ٿيڻ چاهيو..... گهر وارا ڪيڏا خوش ٿيندا, منهنجي هٿن ۾ سودو ڏسي........! منهنجو پٽ ڪيڏوخوش ٿيندو, جڏهن مان ان جي هٿڙن ۾ هي ننڍڙو ٽريڪٽر ٽرالي ڏيندس... يا الله اڄ ڪا سواري ملي شل... نه ته پيرين پنڌ نڪري پوندس..... رات ٿي ويئي آهي..... شل ٿورو سوير پڄان ها... پر لاش به ته پٿر بڌل هجڻ سبب ڪو مليو پئي ڇا...اِها ته شابس آهي ميوي جي ساهي کي جو وڃي تري مان لاش تاري آيو....... ڳوٺ ڪيئن پڄان.....؟ پنڌ وڃان.....؟

ائين نه ٿئي جو رستي ۾ ..... ڪچي جو پنڌ آهي.... ڪا رات واردات کان خالي ناهي.... ماڻهو ڏنڊو اهڙو ڪري جو گهٽ ۾ گهٽ ٻچن ۾ ٿيم تي پُڄي.... ڪڏهن ايس.پي صاحب فيڊر تي تو ڪٽي وڃي ته ڪڏهن ناري تي..... جِتي لاش ٿا ڏسن.....اُتي اسان ئي وڃون ٿا..... ماڻهو خودڪشيون به پاڻي ۾ ٽپو ڏيئي ٿا ڪن... بيروزگار, پريمي, جيڪو ٿو گهران رُسي ڏي ڏو درياءَ ۾ مان اڄ ڪانپوءِ لاش نه ڪيندس ..... نه سرڪار نوڪري ٿي ڏي..... نه پگهار نه وظيفو.. جنهن جو ٿا لاش ڪڍون هر ڪو روئڻ ۽ پٽڪي ۾ پورو ٿي ويندو آهي.... پنهنجي پيارن جي لاش تي روئيندڙ ماڻهن کان ڪير پئسا گهري...... هر دفعي سوچيندو آن اهو ڏنڊو چڏي ڏيندس..... هر دفعي ڦري ويندو آن.... مهينا پراڻا بدبو دار اُهي لاش به اسان ڪڍي ڏيون... وارث به جنهن کان

پري ٿي بيهي ٿا...... هر دفعي لاش ڪڍڻ لاءِ درياءَ ۾ لهي پوندا آهيون .... ڪيڏا ٿوبا ٻين جو لاش ڳوليندي ڳوليندي پاڻ لاش ٿي ويندا آهن..... اڳئين مهيني اسان جو ٿوبو ٻڏي ويو... جيڪو درياءَ جي بئراج وٽ ڪڏ آهي، ان ۾ ته ڊگهي ساهي وارا ٿوبا به ٻڏي ويندا آهن.... انور ته اجان سيڪڙات هو.. ڪڏهن مان به..... ته منهنجي ٻچن جو ڇا ٿيندو.......؟

پر مان لاش ڪڍڻ جو ئي ڏنڌو ڇو ڪندو آن؟................ رات مسافر خاني ۾ ٽِڪي پوان ٿو..... ملان جي ٻانگ مهل ئي ڳوٺ روانو ٿيندس.......

جڏهن ربن شهر ڏانهن واپس پئي آيو ائين پئي لڳس ڄڻ ته معصوم ٻار ٻيلي ۾ گهر جو رستو ڀُلي ويو هجي..... ڊوڙ وجهندس اهڙي ڏنڌي کي....

اها رات ڄڻ مفلس جي زندگي جهڙي ٿي پئي هُيس....... پاسي واري جيب ۾ موبائيل فون جي گهنٽي وڄيس ٿي.....ها چاچا سواري نڪري ويئي...... مُلان جي ٻانگ مهل سڪر مان نڪرندس..... ٻيو مڙيئي ڳوٺ ڏي خير سلائي نه ..... ٺيڪ آ، ٺيڪ آ...............

ربن کي موبائيل فون ڊي.پي.او صاحب وٽي ڏنو هو....... ته جئين لاش ملڻ شرط ٿوبن جي ٽولي جي اڳواڻ سان تڪڙو رابطي ۾ اچي سگهجي....... صاحب به هر دفعي ڏٿا ٿو ڏي.................

ڇي: بالا آفيسرن کي لکيو ٿم ته ٿوبن کي آبپاشي کاتي ۾ ٻيو نه ته پٽيوالي جيتري پگهار ڏيئي به نوڪري ڏني وڃي..........

هر دفعي صاحب کي درخواست ڏيندا آهيون........... هر دفعي صاحب آسرو ته پڪو ڏيندو آهي.... اجهو ٿي ٿوبن کي نوڪري ملي.... ٻوڏ ۾ به ته مهينن جا مهينا اصل او ڪشمور کون وٺي نوشهري تائين لاش اسان ئي ڪڍيا ها...........

ربن پنڌ ڪندي ڪندي مسافر خاني تي اچي پهتو.............

اڄ رات ڏکي سکي گذري سياٽي ڳوٺ وجي راهڪي سنڀاريندس..... پيٽان اِها بہ ڪا زندگي آ......... جو ڪڏهن ڪٿي تہ دربدر ٿيون ڪڏهن ڪٿي..... صاحب وارا لاش ڪڍايون..... سڪٽو سلام ئي نہ ٿا ڪن..... ڪم نڪتو ڊڪڻ وسريو............... ڪڏهن ڪڏهن تہ ڀاڙي جا پئسا بہ جيبون ڀري گهر پُڄندا آهيون.... پر اسين تارا ٿياسين الاهي جي ڇو؟....... اها اتڪل الائي جي ڇو سکي سين..... الائي جو ڏات هئي... هاٽي تہ اهڙا هري ويا آهيون..... جيسن لاش ڳولي ٻاهر نہ ڪڍون درياءَ مان نڪرون ئي نہ.......... ڪهڙي اچي مصيبت ۾ ڦاٿا آهيون..... مان تہ سياٽي صاحب کي درخواست ڏيئي ٿو وٺانس معافي......... پاٽي جهاڳڻ ڪي سولا آهن..... ڦقر ٿا ٻاهر نڪرن... اسين تہ جڳ جهان جا لاش ڳولڻ لاءِ نہ ٿا ڏسون رات نہ ڏينهن، درياءَ ۾ واهن ۾ لهي ٿا پئون........... پر اسان جي اندر ۾ ڪنهن لهي ڏٺو آهي! تہ اندر ۾ ڪيترين ئي خواهشن، بيوسين ۽ محرومين جا لاش ٿا لڙهن... اسان جي جيءَ ۾ ڪنهن جهاتي پاتي آهي تہ اسان جي ٻارڙن جي تن تي ڪپڙا ڪونهن..... پنج سون لاءِ هڪ ٻي لاش جو انتظار ڪرڻو پوندو آهي....!!! درياءَ جا پيٽ ڇچولڻ ڪي سولا آهن....

پنج سئو پٽي ۾ بہ ڪڏهن ڪڏهن ٿا اچن... ڪڏهن تہ رڳو گهران ڏيئي گهر پهچون ٿا.... پر اسين لاش ڪڍون ڇو ٿا؟..................

پر سال جيڪا گدو وٽ هاءِ. ايس درياءَ ۾ وجي ڪري تہ بروقت .... اتي هجڻ سبب اسان جي ٽولي ڪيترن ماٺهن، معصوم ٻارن جي حياتي بچائي هئي.... مارڻ واري کان بچائڻ وارو گهڻو طاقتور آهي..... پر آخر اسين بہ تہ انسان آهيون. ..... قياس ڪائي لهي ٿا پئون پاٽي ۾..... بي گندرو هوندو جيڪو ماٺهن جون دانهون ٻڌي درياءَ ۾ نہ لهندو.... پر ..... سڄي حياتي ڪنهن نيڪو ڪنيو آهي.... اسان جا ٻچا بہ تہ بک تي آهن....... ڪيئن ڪجي؟.... اڄ ننڍا، سياٽي وڏا مان هن هن هوائي پورهئي مان گهر جو گاڏو ڪيئن گهليندس؟.......سياٽي ٿو ڏيان

جواب صاحب کي...... سڀ ڏينهن جي ٿڪاوٽ ربن جي اکين ۾ ننڊ جا غلاف چاڙهي ڇڏيا.....

صبح جو سوير ربن جي موبائل جي گهنٽي هن جي اک کولي ڇڏي... ربن ڪاٿي آن؟......... موبائيل موڪليانءِ ٿو. ٽولي ڪٽائي درياءَ تي پهچ.............لاش جو اطلاع مليو آهي. ڪنهن عورت جو لاش آهي.........

حاضر سائين توهان موبائل موڪليو......

ربن ٽولي سُميت لاشن جي ڳولا لاءِ درياءَ ۾ گُهتي هٽي گم ٿي ويو..... لاش جا وارث ۽ پوليس ڪناري تي ئي لاش جو انتظار ڪندا رهيا..............!!

سرڪس

شو شروع ٿيڻ ۾ اجان دير هُئي. وچين ڏمال هُئڻ سبب ماڻهن جا ڪٽڪ اچي لٿا ها. هر پاسي گوڙ ئي گوڙ لائوڊ اسپيڪرن جا آواز: او پائو هيڏي، او ادا هلي آ ٻه ڏڙيو ٻار.. ميجڪ شو.. هيڏانهن اچو عجيب و غريب جانور..روشنيون آواز.. ڪن ڏاريندڙ آواز.. ماڻهو ئي ماڻهو هڪڙا تماشبين، ٻيا تماشو. ٽڪ ٽڪ ٽڪ آ پائو آخري شو ٽڪيٽ وٺو. موت جو کوھ زندگي ۽ موت جو سودو هڪ ڪار پنج موٽر سائيڪل..... زوڪاٽ.... ٽڪ ٽڪ ٽڪ شو ختم.... اچو پرين ٽرين تي... آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ جهولا... بازارون، دڪان، ڪلها گس.. وَنڪوونڪي گهرن جي تهہ خانن مان نڪتل ماڻهو.... جيون جي نفسانفسي کان فرار ٿيل ماڻهو.. گوڙ گُهمسان ۾ وجائجي ويل انسان.. دربار جي احاطي ۾ دهل جي ٿاپ تي مدهوش ٿي نچندڙ ماڻهو.. گوڏن ڀر وار کولي الغوزي جي مدُر آواز ۽ جوڙي تي ڪنڌ ڌوڏيندڙ عورتون... نغارا ڏمال.... نعرا.... بيت ڏوهيڙا.... پيرين اُگهاڙا قافلا، گهرن جي ٻرن مان نڪري ايندڙ ماڻهو.. شهر جي گهٽين ۾ ماڻهن جا ريلا... پورا، ڪارا، قد آور، بندرا، چامڙا، سهڻا، ڪوجها، پڪا پوڙها، ڏسڻا وائسڻا ماڻهو.. ڪي ڪهڙي نيت سان تہ ڪي ڪهڙي خيال سان. ڪي فقير منش تہ ڪي گيڙو رتا... ملنگ، مَست. ڪي ٽولن ۾، ڪي اڪيلا... تن تنها... ڪي جوش خروش ۾ تہ ڪي هيڏي ماڻهن هوندي هيڪلا هيڪلا... اداس نِراس..... ماڻهو جو من بہ تہ ميلي جيڏي ماپ رکي ٿو... سرڪس جي شو ۾ وڃي وقت بچو هو. رڳو چند ڪرسيون خالي هيون..... سرڪس جو مينئجر پريشان هو جو ڪوڏو اڄ ڪرتب ڏيکارڻ کان نابري واري ويٺو هو.....بخار جون بہ ٽڪيون کائڻ باوجود ڪوڏو منجهيل هو.. تہ ڪيئن ڪري سندس برقي رفتار سان حرڪت ڪندڙ ٻُت اڄ چيو نہ پيو ڪريس.... مينئجر جي هر ممڪن ڪوشش:

ڏس ڪوڏو اسان وٽ هاٿي، گھوڙا شينهن، ڪرتب باز ڇوڪرا ڇوڪريون الائي جو ڪيترا ائٽم آهن. پر ماڻهن کي ڪلائبو نہ تہ سياڻي شو ۾ ڪير ايندو؟... ماڻهو مزاح چاهين ٿا.... سماجي ڇڪتاڻ سبب ماڻهو نراش آهن، هو چند گھڙيون مسڪرائڻ چاهن ٿا... تون همت ڪر.... تون هڪ ئي ڪوڏو آهين... شو شروع ٿيڻ ۾ ڪجھ وقت وڃي بچيو آهي.... اُٿ همت ڪر.... سيئي سرڪس وارا ڪوڏو جي ڇوڏاري مڙي اچن ٿا. ها ڪوڏو همت ڪر...

ڏس ڪوڏو مان مينئجر آهيان سيني ڪان وڌيڪ پگھار ڪٽان ٿو. پر منهنجو پنهنجو ڪم آهي... مان باصلاحيت آهيان. مان گھڻوڪجھ ڪري سگھان ٿو. پر ڪوڏو نہ ٿو ٿي سگھان... ڪوڏو تون ئي آهين.. ڪوڏو چند ماڻهو هوندا آهن... هر ڪو ڪوڏو ناهي هوندو...ڪرسيون ڀرجي وڃن ٿيون. ماڻهو شو شروع ڪرڻ لاءِ هوڪرا هڻن ٿا.....

انائونسر: انتظار جون گھڙيون ختم، اجھو اوهان سيني جي مرجهايل چهرن تي مرڪون وکيريندڙ اسانجي سرڪس جو مشهورِ زمانہ ڪردار ايندو ڪوڏو.... ماڻهو هڪ آواز ٿي رڙيون ڪن ٿا ڪوڏو ڪوڏو ڪوڏو ڪوڏو ڪوڏو..... اُٿ ڪوڏو شاباش اڄ ميلو ڀريل آهي، اڄ ميلي جا اوج آهن... جي اڄ شو ڪامياب نہ ويو تہ اڳ ئي خساري ۾ هلندڙ سرڪس ڪنگال ٿي ويندي.... ڪجھ ڪرتب باز جوڪر انٽري ڪري ٿا اچن تماشبين خاموشي سان ڪرتب ڏسن ٿا.... هاٿي، گھوڙن، شينهن جا ڪرتب....هڪ دفعو ٻيهر شور شروع ٿي وڃي ٿو ڪوڏو ڪوڏو ڪوڏو...... ڏس ڪوڏو اسان سيني جي روزي توسان مشروط آهي..... ڪوڏو رڳو تون همت ڪري هڪ انٽري ڪري آ.... ماڻهن کي تنهنجي ضرورت آهي.... ماڻهن خوش ٿيڻ لاءِ پئسا ڀريا آهن..... ڪوڏو اٿي بيهي ٿو.... ڪوڏو جي چهري تي مصنوعي نڪ لڳي وڃي ٿو.... ڪوڏو کي ماسڪ پارايو وڃي ٿو.

ڪوڏو جو گهربل ميڪ اپ ٿي وڃي ٿو...... سرڪس جا منتظمين پردي جي پٺيان اٿي بيهي ڪوڏو جي همت ٻڌائڻ لاءِ تاڙيون وڄائن ٿا... ڪوڏو بخار باوجود سموريون توانايون ميڙي هٿ لوڏيندو سرڪس جي اسٽيج تي نمودار ٿئي ٿو... سرڪس جو پنڊال هوڪرن سان گونجي اُٿي ٿو....ڪوڏو جي اڪين آڏو انڌار اچي وڃي ٿو... ڪوڏو کي هي سڄي سموري دنيا آسمان جي ڇني هيٺان وڏي سرڪس لڳي ٿي، جتي هر ماڻهو ڪوڏو آهي... هر ڪنهن ڪو نه ڪو تماشو سِکي ورتو آهي.... ڪي ڪردار جا ڪوڏو، ته ڪي گفتار جا ڪوڏو.. ته ڪي ڪرتب باز ڪوڏو..ڪوڏو ڪرتب ڏيکاري.. ماڻهو کلائي ساڻو ٿي سهڪي پردي پٺيان موٽي اچي ٿو... سيئي ڪوڏو جي پٺي ٺپين ٿا.... شاباس ڪوڏو. مينيجر ڪوڏو کي ٿاڪر پائي ٿو... ڪوڏو کي قدآور مينيجر دماغ جو ڪوڏو لڳي ٿو... ڪوڏو کي پاڻي پياري ٻيهر انٽري لاءِ قائل ڪيو وڃي ٿو... ڏس ڪوڏو بس رڳو هڪ دفعو... ڪوڏو سوچي ٿو ڪيترو مشڪل آهي، ڪوڏو ٿيڻ... تماشو بڻجڻ...پاڻ روئي ماڻهو کلائڻ... شايد اسان مان هر ماڻهو ڪوڏو آهي ڪو سرڪس جو ڪوڏو.. ته ڪو ٻاهر جو ڪوڏو..... ته ڪو اندر جو ڪوڏو...استاد ڪوڏو جي انٽري..... ڪوڏو تيار ٿي.... بس تنهنجا ٻه آئٽم... اعلان ٿئي ٿو هڪ دفعو ٻيهر اوهان کي کلائي کلائي ڪيرو ڪندڙ ڪردار ڪوڏو، ڪوڏو.. ڪوڏو سرڪس جو پردو چيري ٻيهر تماشائين آڏو اسٽيج تي گهڙي اچي ٿو... تماشبين سيٽيون وڄائي ڪوڏو جو استقبال ڪن ٿا. ڪوڏو ابتا سبتا مختلف ڪرتب ڏيکاري فنڪاريون ڪري ٿو... ڪڏهن ڪهڙي حرڪت ته ڪڏهن ڪهڙو ڪرتب.... ڪوڏو جي واهه واهه ٿي وڃي ٿي..... سيئي تماشائي ڪوڏو کي پاڻ جهڙا ڄامڙا لڳن ٿا..... ڪي مجبور ته ڪي مشهور...... ڪوڏو هٿ لوڏيندو اسٽيج جوڪر حوالي ڪري پردي جي پٺيان موٽي اچي ٿو.....مينيجر :

شاباس ڪوڏو... اڙي بابا ڪوڏو ڪي چانهہ پيارو... ڏس نہ ڪوڏو هن تماشبين دنيا ڪي اِنگيج رکڻو هوندو آهي.... پيٽ وڏو پاپي آهي ڪوڏو...انهي پيٽ جو ڪَڏو ڀرڻ لاءِ ماڻهو ڪوئلي جي کاڻين ۾ گهڙي ويندا آهن.. گٽرن ۾ لهي پوندا آهن.... ۽ ٻوساٽجي مري ويندا آهن... ٻچا پالڻ لاءِ ماڻهو سمنڊن ۾ ترورا ترورا ٿي نظرن کان اوجهل ٿي ويندا آهن ۽ ڪڏهن ناهن موٽندا......

اناؤنسمينٽ ٿئي ٿي... ڪلڻ لاءِ تيار ٿيو.... توهانجي خدمت ۾ ڪوڏو اسانجي سرڪس جي جان ڪوڏو.... ڪوڏو ڳوڙها ٽمائيندو اسٽيج تي ٻڪندو اچي ٿو....ماڻهن جا هوڪرا.... ڪوڏو ڪوڏو ڪوڏو ڪوڏو رسي تي چڙهي بابو جيان سگريٽ پي ڏيکاري ٿو ننڍڙي گهوڙي تي چڙهي ڪيئي حرڪتون ڪري ٿو.... مائيڪ وٺي اداڪارن، پڪين، سياستدانن جي نقل ڪري ماڻهو کلائي ٿو..... آخر ۾ ماڻهن کان موڪلائي پردي طرف ايئن پٺيرو موٽي ٿو جيئن ماڻهو درگاهن جي درن تان پُٺيرا موٽندا آهن پردو ڪري پوي ٿو...شو پورو ٿيو جو اعلان ٿئي ٿو... ڪوڏو لاءِ پردي جي پٺيان ۽ پردي جي اڳيان بي شمار تاڙيون وڄن ٿيون.... ڪوڏو مينيجر جي ٻانهن ۾ ساٽو ٿي ڪري پئي ٿو... استاد اسان جو آخري شو قبول پئي جا لفظ چئي... سالن جو ٿڪ پچڻ لاءِ هميشہ جي لاءِ سُمهي پوي ٿو.........!!

جاڳر...

باهہ جي مچ جي چوڌاري ڪي ماڻهو ڪانپ ڪيدي ويٺا هئا تہ ڪي پلٽي ماريون، گهر جي ڪشادي اڱڻ تي الغوزه جي سُريلي آواز تي ڪيترن ئي ائين پئي ڪنڌ لوڏيا جيئن هلڪي هوا ۾ سچ مُکي جا ٻوٽا لوڏيندا آهن. آچر، جمعي جي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪيو تہ: ”تڏ ۾ آواز پري تائين ويندو آهي“. پاڙي جون پوڙهيون عورتون پنهنجي ڌيئرن، پٽن ، گهرن، جنن ڀوتن، بيروزگارين، تنگدستين، قسمت جي خرابين ڪانسواءِ الاهي ڪهڙا ڪهڙا سوال ذهن جي پلو ۾ ٻڌي اچي مڙيون، هڪ عورت ٻي عورت سان پُٽڪي ادي مڙهو گوڏن ڪان ويهي رهيو آهي. اڪين ڪان بہ گهبرو گهر ۾ هڪ نہ ٻي چڏي ئي نٿي ...”ڪاني“ ڪان ”سوال“ ڪندم تہ ڪنهن دشمن تعويذ تہ ناهن ڪرايا.... ادي مائٽن تي ڪهڙو ڀروسو.... ها ادي توبهہ ڪيو.. اڄ ڪلهہ تہ ماڻهو هروڀرو دشمني تي لهي ايندا آهن... الغوزه سان گڏهاڻي ڏارم ڀوپي سان گڏ آيل هڪ ڇيلي عورت ۾ ”جوڙي“ واري جوڙي جي بہ الغوزه سان سنگت ڪرائيندي سُريلي جوڙي وڄائڻ شروع ڪئي... باهہ جي مچ جي سامهون... الهڏني جي جوان ڌي ملوڪان مٽي تي ڪپڙو وجهي، ڪنڌ زمين ۾ جُهڪائي تماشو ٻڻجي ويٺل هئي.... ملوڪان کي دماغي دورا پوندا هئا. ڊاڪٽرن ”هسٽيريا“ جي نشاندهي ڪري مسلسل علاج هلائڻ ۽ نياڻي جي جلد از جلد شادي ڪرائڻ جو مشورو ڏنو هو...... ملوڪان جي سنگ تي گوڙ هو...... ڳوٺ جي ماڻهن اچي الهڏني کي ٽپڻ تي ڪنيو.. بابا ڊاڪٽرن کي ڀلا ”حساب“ جي ڪهڙي خبر... انهن کي تہ رڳو ايندي آ سُئي هڻڻ .... پئسا ڦرڻ.. ملوڪان جي ڪتاب ڪيائي ... جي جنن جو اثر نہ نڪري تہ منهنجي .... مُٺ سان ڪوڙجان پر سال.. پاروچن ۾ ڏارم ڀوپو پنجن، ڇهن ذائفن جي جنن کي ڪُتي ناڙ ڪري اصل ڪُڪڙ ڪري ڪيدي ڏنائين .... ماين جو رنيون هيون.... ڪُڪڙو ڪو ڪُڪڙو ڪو.. ڪندا جن ويا ڀڄندا...

اڄ آخرڪار جاڳر جو بندوبست ڪري مچ ٻاريو ويو..جڏهن سڀ ماڻهو اچي مچ جي چوڌاري ويٺا... تہ ڏارم ڏونگي مچ ۾ وجهندي... تيل جي بوتل منهن تي چاڙهي... اڌ ڪن بوتل ڳٽڪائي.....جيئن ئي واندو ٿيو.. تہ سندس ڳڏ آيل مائي اٿي بيٺي ... بابا پيران پير جو پيٽو ڪڍو مچ جي چوڌاري پوءِ جيڪو ٻاهر جيڪو اندر.. ڏارم چوڙي جنن کي بہ گيسي ڪرائي ڇڏي ... وچ ۾ ڪير نہ ڳالهائي ... جنهن مهل ”فقير“ خوشي ڪندو.. پوءِ پلي جنهن جو جيڪو سوال هجي پُڇي... ائين چئي جئين ئي ڇيلي ويٺي.....

ڏارم پڙهائي شروع ڪئي.... تہ الغوزه ۽ جوڙي واري فقيرن ساز بند ڪيا....الاهي ڇا جو ڇا پئي پڙهيائين.... آخر ۾ استادي، استاد جمعي فقير جي... چئي، ها بابا الله ڏنا... ڪيون الا توهار......

جي سائين:

الغوزه ۽ جوڙي جي رون رون پيهر شروع ٿي ويئي.......

ها فقير ...... ڪُل ڪر، ڪهڙي قبيلي جو آن..... هندو آن مسلمان آن... ڪانيءَ جو ڪهڙو قصور آهي... ڪاني کي ڪٿان قابو ڪيو اٿئي.... خوشي ڪر فقير، خوشي ڪر، شڪ شرم نہ ڪر.... ملوڪان مندر جي مورتي جيان بت بڻيل رهي ....

ها فقير.... اڄ خوشي جو ڏينهن ٿي... ڪُل ڪر... ڪيڏ.... ظاهر ٿي... ڪاني جي ڪيئن جان آجي ڪندين..... ڪهڙي پير کي مڃيندو آن، ڪهڙي پير جو مريد آن .... جنهن دربار تي چئو توکي چڪر لڳايون ... قلندر شهباز ، پٽائي، سچل سرمست، شاهہ گاجي... حاجن شاهہ حضوري.. جنهن تي حڪم ڪر..... ملوڪان جي اکين احتجاج ڪندي نير وهائڻ شروع ڪيا.....

عورتن ۾ سُس پُس شروع ٿي....... چوڙو جن آ.... جان گُهٽي ڪڙو ٿس.... مشڪل ڪيڏي... ظاهر ڪون ٿيندو..... نہ نہ ڪيڏندو....

ڏارم: اڙي تلهڙ ڪٺي ڏيو آمونکي.. لڳي ٿو ”فقير“ پيار ۾ نہ مڃيندو.

ها فقير ڪر بسم الله

الغوزه ۾ جوڙي واري فقيرن سازن تي زور ڏنو....

ملوڪان ڊنڊڪار ڏيئي روئڻ شروع ڪيو... ملوڪان جي ماءُ جي دل جو ڪڙڪو وڌي ويو....

ڏارم ملوڪان جي پٺي تي لڪڙن جو وسڪارو لائي ڏنو....

معصوم نياڻي جون جيڏيون دانهون هيون اوتريون نڪري ويون.... جي مرد هجي ها تہ ڀڄي وڃي ها.....

ملوڪان جو پيءُ چاهيندي بہ ڀوپي جو هٿ روڪي نہ سگهيو.....

هڪ مائٽ ڪن ۾ چيس: الهڏنا متان ڪجھ چئين ڏارم جلالي ۾ آ..... هي ڪاري جادو ۾ چلن جي ڪڙيل ڀوپن جي آھ هڪ هڪاڻ هوندي آ.... ”حساب“ سڌي نہ ڪندو تہ سختي ٿيندي....جهٽ گهڙي دل جهلي ويھ... فقير زبان ڪول... نہ تہ مون ديو قابو ڪيا آهن.

هڪ مائي ڳالهايو... ابا (ڪاٽي) ڪان پڇو تہ سَهي فقير آ، ڪي ملوڪان آ.......... مار مهل جن ڪاٽي جي جان مان نڪري وينڌا آهن....

مائي تون چپ ڪري ويھ .... مان سپ مَڪر سُڃاڻان ٿو..... اڙي وجهو شِيخ باھ ۾، جنهن مهل تپي ڳاڙهي ٿئي تہ ڏيانس ٿو ڏنپ، ڏنپ جو نالو ٻڌندي ئي ملوڪان جا ڇرڪ نڪري ويا ...

شيخ باھ ۾ وڌي ويئي.....

ڏارم، ملوڪان جي وارن ۾ هٿ وجهي.... وار ڇڪڻ لڳو....

هڪ مائي، ٻي کي ”چوٽ پڪڙي ٿس“... چوڙها جن بہ چوٽ جا ڪولا هوندا آهن....

ڏارم ملوڪان جي وارن ڪان وٺي ڌنڌوڙي ٿو.......

سڌي ڪندين يا نہ.... ڪُل ، ڳالهائي تہ ڪاٽي جي جان مان ڪيئن نڪرندين.....؟

ملوڪان رڙيون ڪري روئڻ لڳي.... منهنجي جان ڇڏيو.... مان ملوڪان آهيان..... خدا جي واسطي منهنجي جان ڇڏيو.....

وري مَڪر.....

ڏارم ٻي هٿ سان ... ملوڪان جي پني تي لڪڙ وسائي ٿو......

اڙي ڪيڏي ڏيو آن شيخ .... تہ ڏيانس ڏنپ......

ملوڪان جي بت مان خوف وچان سر ڙيتون نڪري ٿيون وڃن......

ملوڪان ڏارم ڪان ڇڏائي پچڻ جي ڪندي آهي تہ پويان ويٺل مرد پڪڙي ويهاري ٿا ڇڏينس... ملوڪان...... رڙيون، دانهون ڪري ڇئي ٿي تہ مون ڪي جن نہ آهن مان... هاڻي نيڪ آهيان ....

مونکي ڪا بيماري ناهي..... خدا جي واسطي مونکي ڇڏيو

ڏارم جيئن ئي باهہ ۾ ٻاڙهي تيل شِيخ هٿ ۾ ڪٺي ٿو.... ملوڪان..... اُپ ڏاريندڙ رڙيون ڪندي ... بوڪلائجي ٿي وڃي... پنهنجا سپ مائٽ، ماءُ، پيءُ عورتن ڪي دشمن سمجهي ٿي.... اهڙي ذلت، ۽ پيڙاءُ ڪان بيزار ٿي.. سيني جا هٿ ڇڏائي.... باهہ جي وڏي مچ ۾ منهن ڀر وڃي ڪري ٿي سپ اُٿي پون ٿا... اڙي ڇوڪري ڪي ڪڍو باهہ مان... اُٿو وارو ڪيو... اٿو ڙي .....ڪڍو.....ڪڍو... ونو...ڪڍوس مٿي...... وارو ڪيو.... اڙي.......... اڙي اڙي وارو ڪيو وارو ڪيو.....اڙي

....

فقير: جن ڪي چئبو آهي

ڪاني: مخصوص ٻولي ۾ جن ورتل ناري/عورت ڪي ڪاني چيو وڃي ٿو.

جاڳر: رات جو عاملن، پوپن پاران جن ڪيڍڻ لاءِ ٻاريل مچ ۽ ماحول

حساب: مخصوص ٻولي ۾ جنن جي اثر ڪي چئبو آهي

ڪتاب ڪيڍائڻ: تعويز ڏيندڙ ماڻهن وٽ موجود هڪ ڪتاب جنهن تي متاثر جو هٿ رکائي بيماري تشخيص ڪئي وڃي

چوٽ پڪڙڻ: وارن جي چوٽي پڪڙڻ

ڦاٽڪ

ڦاٽڪ جا در ڪوليندي، بند ڪندي ڪيترين ريلون ٽپايون اٿم.... هاڻي ته منهنجي جيون جي ڪويل پير ريل جي جڻ منزل اچڻ واري آهي، هاڻي پاڻي پونئين ٻاري ۾ آهي.... اجهو ٿو ڏيئو گل ٿئي.... ملوڪ ڦاٽڪ واري اندر جَاري ۾ ڦاٽڪ تي گھاريل زندگي جي اڻ ڪٿ ٻهارن ۽ ساروڻين جي ڏيئن کي پٽي جرڪايو... رات جي ريل ٻاک جي ٽيشڻ تي رسڻ واري هئي...... سج اجان ننڊ ۾ هو..... عصر ويل مينهن ڪٽين گلن، فصلن، وڻن کي غسل ڪرايو هو... ڪڪرن جي ڊال اچڻ سبب تارن پردي پٺيان پٽي فطرت جو درشن ڪيو.... چنڊ ڪنهن ڪنهن مهل بادلن جي وٿي مان جهاتي پٽي پاتي.... ٿڌڙي هوا جي جهوٽن ۾ پنن هڪ ٻئي سان ياڪر پٽي پاتا.... ۽ چوڏس ڪٽڪ جي سنهري فصلن منجهه سائي ڇُهت وڻن جا منظر ڏنڌيل ڏنڌيل پٽي پاسيا.... آکيرن ۾ ڦڙٽوت پٽجي چڪي هئي...... پکي ماڻهن کان پهرين جاڳي ڏٽي کي ٻئي ٻاجهايو ۽ ٻچا پٽي ساريا.... سندن چِرڙاٽ شڪراني جا نغارا پٽي پاسيا.... اذان ۽ پري کان ريل جا اُڏماٽ ملوڪ ڦاٽڪ جي پٽ تان سائي ۽ ڳاڙهي لاليٽن هيٺ لاهي اچي ٻن ڪٽن جيتري ڪوني جي ڪنڊ ۾ رکيون.... ۽ سائي جهنڊي ڪٽي ڦاٽڪ در وٽ بيٺو.... ڪُو.........! ڇِڪ ڇِڪ ڇِڪ .... اک ڇنڀ ۾ نان اسٽاپ ريل مٽجندي... ڦاٽڪ کان ڪجهه پرپرو موڙ وٽ ڪُٻي ٿيندي... اکين اڳيان سگريٽ جي دونهين جيان اوجهل ٿي ويئي ..... ۽ ڪجهه گھڙين ڪانپوءِ سج ٻه اک کڏي... ملوڪ ڦاٽڪ واري ڦاٽڪ جا ٻئي در کولي جڻ شهر کلڻ جو اعلان ڪيو.... ماڻهو جاڳيا، معنيٰ گوڙ جاڳيو.... ڦاٽڪ ڳوٺن ۽ شهر جو بارڊر ٿيندي آهي.... ملوڪ ڪير واري کان ڏهن ربين جو ڪير وٺي چانهه ڪاڙهي.... ۽ سُرڪيون پريندي چي: ڇا ته ريلوي جو ماضي هو انگريز هينين ملازم جو ڪيڏو خيال رکندا ها.... سياري ۾ گرم ڪوٽ، ٽوپ، بوٽ، وردي.... ڦاٽڪ سان منسلڪ ڦاٽڪ واري لاءِ

ڪوارٽر، جنهن ۾ ڪمرو، ورانڊو، اڱڻ، اندر وڃ پوڪيل، غسل خانو ۽ سياري ۾ سردي کي شڪست ڏيڻ لاءِ آتشدان.. ڦاٽڪ واري جو ڪوارٽر ڇا هوندو هو... ڄڻ ته بنگلو... اڄڪلهه ڦاٽڪ ڪوارٽرن جي تباهه حالي ڏسي ائين لڳندو آ..... ڄڻ ته آفيسرن ۽ رياست جو ضمير ۽ احساس ريل جي ڦيٿي هيٺان اچي چيپاٽجي ويا آهن...... اڄڪلهه ڦاٽڪ تي نوڪري ڪرڻ ٻيڻو عذاب آهي... نه بجلي جي سهولت، نه پاڻي، نه رهائش، نه ماني، نه ڇانهه. ويران علائقن جي ڦاٽڪن تي ته ويچارو ڦاٽڪ وارو ڪڏهن ڪڏهن بک تي به سمهي گذاري... گرمي، سردي، مينهن، مڇر، طوفان، خوف، اڪيلائي..... نه تحافظ نه..... ٻين جا در ڪولي ڪولي ڄڻ پنهنجا در ٻيڪڙي ڇڏيا آهن.... نوجوان نياڻين جي شادي.. ٻارڙن جي تعليم، مهانگائي جو مانگر مڇ.... ڇا ٿو ٿئي ٻارنهن، سورنهن هزارن ماڻ پر ڇا ڪجي جيون جي ريل گاڏي جو گهيلٽي آ...... اٺ ڪلاڪ جي پگهار ۾ ٻارنهن ڪلاڪن جي نوڪري. هڪ پوري پِني پگهار ان ماڻ وري هزار روپيو بيٺ آفيسر ڪاٽيو وجي آفيسر جو پيٽ به ڦاٽڪ جي کيچ ۾ ڏُٻي جيترو آهي، ٿئين گريڊ جي نوڪري، سفر فري .. ڪهڙو اسان غريب ماڻهو سياح آهيون..... جو وتندا سين گهمندا..... ميڊيڪل فري ريلوي جي اسپتال سکر يا.......... ڪير ٿو پهچي سواءِ اجگر بيمارين جي اڪثر ماڻهو ڪاوڙيا ٿا اچن ڦاٽڪ واري تي..... ٽرين مهل در نه ڪول ته ماڻهو گارين تي لهي ٿا اچن، جي ڪول ته نوڪري تيل...... هر ماڻهو کي الاءِ جي ڇا جي تڪڙ آهي؟..... اسان کي هر دم ريل جو انتظار..... اڳئي ته ڏينهن رات ڪيڏيون ريلون متجنديون هيون.... هاڻي ته رڳو رات جو ريلن جي رش هوندي آهي..... کي ريلون طوفان جيان تيز ته اڪثر پوڙهيون ٿي چڪيون آهن. ڏگ .. ڏگ .. ڏگ .. ڪري ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڏٻري ڏاند جيان پِڙ ڪِدي بيهجيو رهن..... گهٽ اجرت ۾ ڪيڏو ڪم آهي..... نه ڏينهن جو سڪون نه رات جي راحت.... ننڊ مهل به اندر ۾ ريلن جا ڪوڪاٽ ۽ چِرڪ هر دم اندر ۾ ريل اچڻ جو الڪو جاڳي ٿو متان ريل

اڇي وڃي ..... ! هر دم حاضر دماغ رهڻو ٿو پوي.... ڪنهن مهل مال گاڏي، ڪنهن مهل تيل گاڏي ته ڪنهن مهل مسافر گاڏي ڪي تيز ته ڪي ڍريون........بند جي پٽرين جيان اندر ۾ پڻ ريل پٽڙيون وڇايل آهن جتان ڪيئي بدسلوڪ روين ٻوڳنائن، پيڙائن، بيوسين، محرومين ۽ ڪنهن مهل خوشين جون ريلون متبيون آهن پر پٽڙين جيان نه ٽِڙيا آهيون نه مُڙيا آهيون...... بس حدِ نگاهه تائين سڌا وڇايل آهيون...... ۽ ريل جي رياست جو لنگهه آهيون...... نوڪري تي چڙهڻ ڪانپوءِ گهر ۾ کهڙي به هنگامي صورتحال ٿئي نوڪري تان ناهي لهڻو... پلي ڪو پيارو گذاري وڃي..... اسان ڦاٽڪ جي درن سان ڳچي لڳي پار ٽا ڪيون ۽ پٽڙين سان ٽا ڏک ونديون.... جيستائين وڃي ساٿي پهچي.........

ڪيڏي نه اوپرائپ آهي ماڻهن ۾، نفسا نفسي ڇڪتاڻ، افراتفري...... هر ماڻهو وائڙو وائڙو آهي، هر مسافر وائڙو آهي، هر ڪنهن جو ڌيان اڻ ڪٽ ورهايل آهي... ڪيترا ماڻهو ٽپندا آهن ڪي ڪي خوش باقي اڪثر ورهايل.... پريشان....... ڪير ٿو پڇي اسان جو حال ماڻهو ته پنهنجو پاڻ ڪي به وساري وينا آهن .... وڇايل وجود ڪارن ۾، موٽر سائيڪلن تي، گاڏين تي پنهنجا بت سينگاري رڳو ٽا ڀرم بچائن.... زنده مجسما..... هر ماڻهو ڪوئا ڊوڙ ۾ آهي اڪٽ بيچين، بيسود ڀاڄ..... ماڻهو لڳي ٿو قبر جي گور ۾ ئي ساهه پٽيندا..... الاءِ جي ڇو سڀ ڊوڙن ٽا.... ماڻهن جا اندر ريل جي انجڻ جهڙا ساٽا ٽي پيا آهن سندن حياتي جي ريل دٻي ۾ قرب، خوشي، سڪون، تعاون، مهذبپڻي، اخلاق، باهمي تعاون ۽ تهذيب جون دريون بيڪڙيل آهن ۽ روحانيت جا گاڏا ڪنهن ويران اسٽيشن ۾ ڍڪجي پيا آهن ... ريل جي اوج سان گڏ ماڻهن جا معيار ۽ قدر به ڊيوالپڻي جو شڪار ٿي پيا آهن.... ماڻهن جي اندر ۾ رڃ ٿر جي ڏڪار جيان ڪاهي آئي آهي نه ماڻهو اپ ۾ خوش آهن ۽ نه ڊائون ۾... ماڻهو الاءِ جي ڇو ريل جي دٻن جيان ترتيب ۾ اتحاد ۽ ايڪي ۾ نٿا هلن ۽ هر ڪو انجڻ ٿيڻ ٿو چاهي!!....

هر ڪو ٽرين تي ڳاهڻ ٿو چاهي، ڪو ريل پٽڙيون به ٺئي!! آءُ ته ٻن رستن جي وچ ۾ آهيان هڪ روڊ رستو ٻيو ريل رستو.. رستن جو انت ٿئي ٿو۔ پٽڙيون به دم پٽن ٿيون جي تتا ڪٽن رستا ته انساني خواهشن جا، لالچن جا، ٻيواجبين، اٽڪلن، چالبازين، ٻين ڪي بيوقوف ٻڌائڻ جا، مادي ترقي جا ۽ ڪاٽڪاٽين جا... هر ڪو ٿو ريلون پڇائي،، هر ڪو ٿو پاڻ ڪي ٽڪائي ساٿو ڪري، هر ڪنهن وٽ سائي بتي آهي.. دل تي چاهي ماڻهن جي بيچيني جي پريل ريل گاڏي ڪي ڳاڙهي جهنڊي ڏيکاري بيهاري ڇڏيان ۽ برابري، چين سڪون، انصاف ۽ پيار سيکاريان..... الاءِ جي ڇو سماج به ٽرين جيان ورهايل آهي.. ڪو ايڪانامي درجو، ڪو بزنس ڪلاس، ڪو اي سي ڪلاس... ڪي ته دروازن، رستن، ليٽرين، ڇتين تي لٽڪليل مسافر... هميشه ڌڪن، ٺاپن ۾، پيرن ۾، ڌڪار ۽ ٺوٺن ۾ انهن لاءِ ته ريل جو فرش ئي وڏي نعمت آ ڄڻ... هر ماڻهو جي اندر ۾ طويل پٽڙين جو ڄار وڇايل آهي جتي هو بنا ڪنهن وقفي جي مختلف سوچ جون ٽرينون ٿا ڊوڙائن ... ڦاٽڪ تان گذرندڙ سون ڇهرن تي اهو تاثر چٽريل هوندو آهي ته ماڻهو شهر پيڙاءُ جو سودو ڪرڻ ايندا آهن پر اڪثر ماڻهن جي ميلن مان دڪانن جي ٻيلن مان مايوس تي ڳوٺ موٽندا آهن.. ماڻهو پٽڙين هيٺان ويڇايل ڪاٺي ڦٽن جيان ڳري رهيا آهن... ڇيٽيون ٿي رهيا آهن... منهنجي وس ۾ هجي ته ڦاٽڪ در ڪي اذيت۔ ڇاٽي ڪيان ها ۽ ريل جيتري ڪوڪ ڪري ماڻهن ڪي سڄاڳ ڪيان ها... اڪثر ماڻهو ريل ڊبي جيترا آهن، ڪو ڪو ريل جيڏو آهي ماڻهن پٽڙين جيان طويل جميل ۽ صابرين الاءِ جي ڇو ڪونهن جِنهن ڪي وزني ريل جا ڦيٿا به لتاڙين ته روڊ رستي ايندڙ هزارين سواريون به...

ڊي وارو ساٿي به الاءِ جي اڄ ڇو ڪونه پهتو آهي .... نه اطلاع ڪيو اٿس.... شام ٿيڻ تي آهي.... سج جو ڳاڙهو گولو پوڙهي نم جي وڻ پنيان موڪلائي رهيو آهي تڪليف باوجود ڪيڏو انس تي ويو آهي ڦاٽڪ گيٽن سان.... پٽڙين سان.... ريل سان.... پنهنجي ننڍڙي ڪوٺي سان.... ريل ۾ گذرندڙ هٿ لوڏيندڙ ماڻهن سان.... معصوم خوبصورت مسافرن

سان.... ريل درين مان نهاريندڙ انسانن سان..... ڇڙ تہ منهنجو وجود بہ ريل ۾ پيپوست ٿي ويو آهي ۽ حياتي مسافري ٿي پئي آهي.....!

اندر ٿو سڏي مونکي...!

جون جي ٽاڪ منجھند پکين کي وڻن تي ويهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هيو... سج جڻ باهه وسائي رهيو هو ڪالوني جون گهٽيون ويران هيون. احمد صاحب جي فيملي پيڪن هجڻ ڪري پنجن ڪمرن جي گهر ۾ اڪيلو هو... ويتر آچر جو ڏينهن گهر ۾ ڪنهن مهل ڪتاب ته ڪنهن مهل اخبار پئي پڙهيائين........ ته ڪنهن مهل ٽي وي تي مختلف چئنل ڏسي دل پئي وندرايائين.... اڄ عجيب بوريت آهي.... گهر جي دري جو کولي ته ٻاهر سانت ئي سانت پکي پکڻ جيءَ بچائي آکيري پيڙا ٿي چڪا هئا.... پل لاءِ منهن ۾ پٽڪيو، الله تنهنجا لک شڪر آهن جو اهڙي ڪاڙهي ۾ اي. سي. جي ٿڌڙي هير پيو وٺان.... دل چيس ته ڪار ڪيڏي ڪنهن دوست سان ملڻ هليو وڃان.... يا ان ڪاڙهي جهڙي گرمي تي کهاٽي لکان.... يا پٽائي جو سرسئي پڙهان.... ڪنهن ڪنهن مهل خيال پئي آيس ته ان موتمار بوريت کي هارائڻ لاءِ آرام جي ٽيبليٽ وٺي شام تائين سمهي پوان.... فرج مان پاڻي جو ٿڌو گلاس ڪيڏي پيتائين. اڄ ماسي به ناهي آئي جو چانهه ناهي ڏي... ماڻهو اڪيلائي پسند..... تنهائي پسند الائي جي ڪيئن هوندا آهن..... تنهائي ته پاڻ سان ويڙهه جو ٻيو نالو آهي..... ماڻهو واقعي ئي اڪيلائي نٿو ڀوڳي سگهي... سوچيائين موبائيل کڻي ڪنهن ويجهي دوست سان ڏکي ڪچهري ڪيان..... پر سڀ ستا پيا هوندا..... ايتري ۾ درکڙڪيس..... در کوليائين.... ماسي جي ڌيءُ مهران هئي... جوان جماڻ... سادڙن ڪپڙن ۾ پئي ٻکي.... ڏسڻي ويسڻي خوبصورت خدو خال.... بيگم صاحبه ڪونهي ڇا صاحب.....؟

نه اها ته پيڪن ڏانهن ويل آهي.... ماسي ڪٿي آهي؟

امان کي بخار آهي صاحب.... ان ڪري مونکي مُڪو اٿس ته...... اوهان کي ماني پچائي ڏيان..... مهران جي چهري تي بي اعتمادي جا

اولڙا واضح نظر اچڻ لڳا.... اندر جي وهم ۽ وسوسن سبب ڳالهائڻ مهل پئي هٻڪي ۽ حياءَ وچان ويئي پئي لال ٿيندي..... مهران جي ماءُ ملوڪان سالن کان صاحب جي ڪوارٽر نما بنگلي تي ڪم ڪندي هئي ۽ ملوڪان جو مڙس جمعو احمد صاحب جو مالهي هيو.... احمد صاحب مهران جي حالت کي سمجهندي، نيڪ آهي تون ڪچن ۾ وڃ ۽ فرج مان کاڌو ڪڍي گرم ڪري ڏئي.

مهران جيئن جو ڪچن ۾ ويئي احمد صاحب جي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويئي..... پنهنجي اڪيلائي جو سامان محسوس ٿيڻ لڳس مهران...... واهه جو جواني جو رنگ اٿس.

ڇو نه!..................

بي چيني ويتر ويس وڌ ٿيندي...... غريب آ ته پوءِ ڇا هي..... عزت.... دنيا ۾ ڪير غريب آهي؟..... ڏيءَ جيتري آهي پر ڏيءَ ته ناهي نه........ سيڪس پنهنجي وس ۾ ٿورو آهي.... ڪير ٿو ڪنٽرول ڪري سگهي... پنهنجي سڄي بوريت هڪ ڌڪ ۾ .... نه.......... ها.......... عجيب ٻڌ تر......... سالن جو اعتماد......... اها ڳالهه هڪ باشعور پڙهئي لکئي..... آفيسر .... اديب ماڻهو کي نه جڳائي........ پر اڄڪلهه جي زماني ۾ ڪير شريف آهي...... دنيا جا وڏا نالا، اديب، دانشور به ته..................

دل جي رفتار ويس تيز ٿيندي........... ڌڪ .... ڌڪ........ڌ چپ خشڪ ٿيڻ لڳس... ائين به خواهش کي دٻائڻ نه گهرجي.... خواهش جي طوفان هِن جي شرافت جا ڏيئا اجهائڻ شروع ڪيا......... ماني صاحب........ هون......... ها.....ها اِتي رک.........

مهران ماني ٽيبل تي رکڻ لاءِ جئين جو جُهڪي...... ان جي بدن جي ور وڪڙن احمد صاحب جي اندر ۾ وڍ وجهڻ شروع ڪيا..... مهران جي منهن تي لٽڪندڙ وارن جي لٽ هن جي شرافت کي لٽڻ لڳي.... ايتري ۾ مهران ڪچن مان ڪجهه کڻڻ لاءِ واپس هلي ويئي .....

احمد صاحب هٿ ڌوئڻ لاءِ آئيني جي سامهون اچي بيٺو.. پنهنجي انسانيت جي ڳالهين. انسانيت پرستي ۽ ادب جڻ تہ آئيني جي شڪل ڌاري ورتي هئي.... جڻ آئينو چئي رهيو هيس... اهو تنهنجي قول ۽ فعل جو تضاد آهي.... واپس صوفي تي اچي ويٺو....... بدن تپي باهہ ٿي ويس.....

مهران: صاحب چانهہ ٺاهيان؟

هان...... ها..... نٿاهہ......... دل ۾ طوفان اٿڻ لڳس.....

ٻانهن ڪان وٺي گڏ ويهاريانس ها.......

يا ڪچن ۾ هليو وڃان... جوان جماڻ آهي انڪار ڪو نہ ڪندي ڪچن ۾ وڃان... نہ وڃان.... ها نہ......... نہ ها............ ڪچن ۾ وڃڻ لاءِ صوفي تان اٿي بيٺو..........

ائين لڳس ڪمري ۾ وڃ..... نہ وڃ...... وڃ نہ وڃ .... وڃ .... جا آواز گونجي رهيا هيا.....

ڪچن طرف وزني قدمن سان وڌڻ لڳو.... ڪچن تائين پهچڻ لاءِ جڻ واري جو پنڌ هو..... آهستہ آهستہ اچي ڪچن جي دروازي تي پهتو.... مهران پنيري چانهہ ٺاهڻ ۾ مصروف هئي.....

..........وڃي ٻڪ وجهانس...... دروازي پرسان ڪتابن جي شيلف تي نظر پيس..........

پنهنجون ڪهاڻيون... ڪتاب افسانا، تحريرون چٽرون ڪندي وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي کلندي محسوس ٿيس.... ائين لڳس هڪ اديب پنهنجي ئي لکڻين جي ڪورٽ ۾ آهي...........

مهران تائين پهچڻ لاءِ هزارين رڪاوٽون، هزارين لوڙها آهن......... پنهنجي ڪهاڻين جا ٽائيٽل: سنڌ جي نياڻي ٻاگهل، مارئي........ سسئي.. پناڻي جون ست سورميون.

احمد گهڙي کن جي شيطاني ڪانپوءِ .... اندر واري همراهہ کي کهڙو منهن ڏيکاريندين.........اِن حرڪت عيوض .... ضمير جي

هٿ ۾ توا ۽ ٻُجا تنگيل نظر آيس........... اِهو ڪريل ڪم توڪي نہ جڳائي .... واپس اچي صوفي تي ويٺو.........

مهران چانهہ کڻي آئي.........صاحب اڃان اوهان ماني ناهي کاڌي!

ڪنڌ مٿي کڻي مهران جي معصوم چهري ڏانهن ڏٺائين ...... ائين لڳس پنهنجي ڏيءَ مارئي بيٺي آهي....... ضمير جي مينهن سپ آويون اجهائي ڇڏيون بس پٽ کاوان ٿو........ تون پنهنجي گهر وڃ..... مٿي تي هٿ رکندي مهران کي چيائين............ مهران گهر جو دروازو ٽپي گم ٿي ويئي.......

احمد صاحب چانهہ جو ڪپ کڻي لان جي دري جو کولي تہ ٻاهر ڪاڙهي جهڙو ڏينهن ملهاري موسم ۾ مٽجي چڪو هو........ پکين جي قطارن مٿان جهڙ جا قافلا ٽپي رهيا ها..... هلڪي هلڪي هير ۾ روح جهمريون هڻڻ لڳس..........

ائين لڳس پنهنجي تحريرن آڏو چڙ تہ سرخرو ٿي پيو هو.........

پنهنجون تحريرون لکڻيون، ڪتاب، قول چڙ تہ هن جي گهر جي وسيع لان تي ضمير جي مداري آڏو جهمريون هڻي رهيون هيون........

اندر وارتا...!

هال ۾ تاڙين جي گونج.... آدرش ڪنڌ ڦيرائي ڏٺو هن ڪانسواءِ سڀ تاڙيون وڄائي رهيا هئا...... ۽ هڪ مهان اديب: مهمانِ خاص ڪهاڻي تي رايو ڏيندي چيو: هي ڪهاڻي ماڻهو جي اندر جو تعارف آهي. اسين اندر ۾ ڪٿي نہ ڪٿي ڪتل هوندا آهيون ۽ هي ڪهاڻي اندروارتا، ان ڪوٺ جو ڀرپور اظهار آهي. هي ڪهاڻي حياتي جي ڪتاب جو مُهاڳ آهي. ڪهاڻيڪار جا ڪردار الاهي ذهين، باشعور آهن.... اڇوتا ڪردار آهن.... پٽائي رحہ جي سِٽ ڀلي ٻڪ ڀرم جي جهڙا.... هال ۾ تاڙين جي ڀيهر گونج.... آدرش جي اندر ۾ ڄڻ فائر ٿي پئي لڳا... هڪ لِڱا محسوس ٿيس رڙيون ڪيان، چئي ڏيان تہ تاڙيون منهنجي لاءِ وڄايو ڪهاڻي منهنجي آهي.....!! دوست بهترين ڪهاڻي جو انعام وٺي آدرش ڏانهن وڌي رهيو هو...... آدرش دوست جي ياڪر مان پاڻ کي آجو ڪرائي ائين محسوس ڪيو ڄڻ تہ ڪنهن ننڍي نينگري معصوم ڳوناٺي ڇوڪري ڀيءَ جيڏي پوڙهي مڙس جو ياڪر ڇڏائي جان آجي ڪرائي هجي.... سوچيائين: سيئي نفرتون اظهاري ڇڏي.... پر سوچيائين منهنجي نفرت جو قد ڄامڙو آهي، دوستي جو ڀرم الاهي وڏو آهي.... پر اسين بي زبان نياڻي جيان پنهنجي وجود جا سيئي اختيار ڪڏهن ڪڏهن مڪمل طرح ٻين جي حوالي ڇو ڪندا آهيون؟..... ڪڏهن ڪڏهن ائين ڇو ڪندا آهيون اسين.... ! مداري جي ٻولي تي پوندا آهيون، مداري جي اشارن تي نچندا آهيون.... تماشبين خوش ڪندا آهيون.... ڪڏهن خواهشون اسان کي نچائينديون آهن، ڪڏهن سمجهوتا نچائيندا آهن، ڪڏهن سماج نچائيندو آهي، ڪڏهن دشمن تہ ڪڏهن دوست، ڪڏهن مجبوريون، بي وسيون، محروميون، مشڪلائتون، رويا، احساس... اسان بنا ڪنهن وقفي جي نچندا رهندا آهيون.... اسين پنهنجي پر ڪٿي آزاد آهيون!! اسين نچون پيا ڪڏهن

پيٽ گذر لاءِ تہ ڪڏهن خاندان لاءِ اسين رڳو نچندا وتندا آهيون، ڪڏهن پنهنجن لاءِ تہ ڪڏهن پراون لاءِ... ماڻهو تہ نہ ٿيا سين ناچو ٿياسين!......

رات جا ٽي ٿِيا ها، هن جي دوست سميت سڀ موڪلائي گهرن ڏانهن روانا ٿي چُڪا هئا... اڄ آچر جي رات آهي، ۽ چنڊ جي چوڏهين، ائين لڳي ٿو رات پنهنجي وجود تي سفيد چادر ويڙهي ڇڏي آهي..... ڪيڏي نہ چُپ آهي، رستا دم پٽن ٿا، مسئلن ساهي پٽي آهي..... دل چوي ٿي اڄ پوري رات خاموشي محسوس ڪيان ۽ مانار سان سرباٽ ڪيان تہ حد درجي جي سچائي پيڙاءُ آهي. ماڻهو سادگين، سچائين ڪي ڪيش ٿا ڪرائين. ائين ٿو لڳي اسين سڀ چور آهيون. سماج ٻيلو ٿو لڳي، قبرستان ٿو لڳي، سڀ سُمهي پيا آهن، رڳو چند روح ٿا جاڳن .... جو چوندا آهن، روح مرندا ڪونهن .... سچائي جي نسل اٽليپ ٿيندي پئي وڃي..... رات جي پيٽ ۾ هزارين ڪهاڻيون جنم وٺن ٿيون... رات بہ حياتي جي سِٽ ۾ اڌ دم جيان آهي .... رات شاندار نعمت آهي... ماڻهن سان گڏ مسئلا بہ ننڊ ڪن ٿا. ۽ جئين ئي سج اک ڪڍي ٿو. ماڻهو مسئلن جو تسلسل جوڙي اڳتي وڌن ٿا... ائين ٿو لڳي ماڻهو هُجڻ مجائن ٿا... رات پوري ٿي تہ ڏينهن جو پردو چاڙهيو ويو...... اڄ آچر آهي، پر الائي جي چو مسئلن جي موڪل ڪونهي!...... ماڻهو اندر جي قلعي ۾ قيد آهن. هر ماڻهو وقت اباري ٿو ۽ حياتي جا ڏونهان جهٽي ٿو..... ڪڏهن ڪڏهن ائين لڳندو آهي اسين سڀ ڪوئلي جا ڪاروباري آهيون. اسان جو اندر غار آهي، جتي ڪيئي ڏينهن جا مانارا آهن.... اسين هر روز ڏنگجون ٿا، هر دفعي وقت سان ٻوڙيون ٿا ۽ هر دفعي شڪست ڪير ٿو ڪائي..... اسين هر وقت ٻين کي الٽيميٽم ڏيون ٿا، ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي الٽيميٽم ڏنو آهي؟.... اسان جو وجود بندوق جهڙو آهي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي اندر ۾ ڦاٽندڙ پر اڪثر ٻين جا سينا چيريندڙ......

من ڪيڏو اباڻڪو ٿي پيو آهي، جو آرٽ اٽليپ آهي، نہ ڪو آدرشي ماڻهو ٿو ملي نہ ڪو تخليقي مصور جنهن کان ٻي وسي جي تصوير نهرائجي.... اسان جي گهرن جا نقشا بہ بنهہ سادا آهن، ڪيڏو نہ ڏونهون

آهي، ماڻهن جا اندر لالٽين جي اندر جيان ڪاراٽيل آهن.... نہ لائبريري آهي نہ آرٽ گيلري، نہ ناٽڪ منڊلي آهي ۽ نہ ئي ٿيٽر: جتي حياتي پرفارم ڪجي، هر ڪو پنهنجي مطلب جي ديو جو پوڄاري آهي، هر ڪو ڪم جي ڳالهہ ڪري ٿو ۽ پڇي ٿو.... محبت جا معيار ڪيڏا نہ بازاري ٿي پيا آهن، سطحي ٿي پيا آهن..... خوشيون بہ خالص ناهن رهيون، اخلاق، قدر، اڏوهي جي ور چڙهيل آهن. شين سان گڏ ماڻهن جي سوچ ۾ بہ ملاوٽ آهي.... ڪي ماڻهو تہ پنهنجي پاڻ لاءِ بہ ڄڻ اجنبي آهن.... سيئي رشتا ڇو جُڙتو لڳن ٿا، ماڻهن مان رشتن جي شناس ئي ڇڏائي ويئي آهي..... سڀ ماڻهون مشينون آهن ڄڻ... مان اڄ ڪانپوءِ ٻين لاءِ نہ لکندس... تخليق بہ تہ اولاد جهڙي ئي پياري ٿئي ٿي .....

پوءِ آءٌ پنهنجا ٻچا ٻين حوالي ڇو ڪيان؟...... پر.....

مان ايڏو سطحي ڇو ٿو سوچيان، باظرف ماڻهون تہ مشهورين، چاپلوسين کان مٿيرا هوندا آهن...... گُمنام جينيس جيان، اُهي شهرت جا نہ شهرت انهن جي محتاج هوندي آهي.... پر تخليق اظهار کان سواءِ اندر جي ڄر آهي...... هر ماڻهو چالاڪي ذريعي ٻين کي بيوقوف بڻائي پنهنجو ئي تعارف ڪرائي ٿو.... ماڻهو آخر ڦِري ڇو ٿا وڃن؟...........!

ان راز کي ڪير ڇو ڪو نہ پروڙي سگهيو آهي تہ نفرتن جي هزارين حصي ۾ بہ محبت پريل هوندي آهي.... نفرت جي ڍبي منجهہ ئي ڪنول جا خوبصورت گل ٽڙندا آهن.... ڪي ماڻهو بلڪ اڪثر ماڻهو چوندا آهن تہ اميدون نہ رکجن، اميدن جا ڏيئا هلڪڙي ڦوڪي سان گل ٿيو وڃن، پر اميد بنا ڪيئن ٿو جي سگهجي...ڪڏهن ڪڏهن اميدون پنهنجي مڪمل بي يقينين ڪانپوءِ بہ ڪبيون آهن.... اسان وٽ قابليت جاچڻ جا معيار بہ الاهي مدي خارج آهن، شعور بجاءِ چالاڪي تي جاچي وڃي..... محبت ۾ زندگي کي ماڻهو سمجهندو مس آهي تہ حياتي پوري ٿيڻ لڳندي آهي..... محبت کي ميجائڻ لاءِ تہ ست جنم بہ ٿورا آهن..... پر آءٌ واري ويڙهي سمنڊن جي گهراين تائين غوطو هڻندس.... آءٌ محبت سان گڏ حياتي جو مقصد

ماٺيندس.... آءُ بنا ڪنهن پرواهه جي هلندو ويندس.... پنڌ ڪندو ويندس بنا ڪنهن ٿڪ جي اڻ ڪٿندڙ منزل طرف.... آءُ هلندو ويندس..... پنڌ ڪندو ويندس....... پولارن تائين پنڌ ڪندو ويندس.............

سچ ڪي پُٺي...!

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي تازو هيڊ ماستري جو امتحان پاس ڪري ٽري پيس واري هيڊ ماستر نوجوان ڪي پري ڪان ايندو ڏسي اُس ۾ اخبار پڙهندڙ هڪ استاد سگريٽ اجهائيندي منهن ۾ پٽڪيو...

استاد ٽاءِ ڪوٽ وارو صاحب پهچي ويو ٿي............

ٻئي استاد اخبار مان منهن ڪڍندي، جواب ڏنو.........نئون آ، ٻہ ٿي ڏينهن جوش اٿس ڏسون، سائين! تہ... لڪن جي لوڏ ڪيستائين ٿي هلي...... جنهن مهل ٿو موقعو مليس......... ڇاڙي شروع.......... استاد قوم جا اڏيندڙ آهن............ استاد سماجي سائنسدان آهن.............استاد سڏا ٿي پون تہ انقلاب چند وکن تي آهي. رُڳي چٽي استادن تي آ ڇا ؟............. بابا سڄو نظام ئي اُلٽ لڳو پيو آهي. ڪير ٿو گهٽ ڪري............. جڏهن ڪان اهو هيڊ ماستر آيو آ، ڇورا بدتميزي تي لهي آيا آهن. سائين اوهان جو پيرڊ آ، سائين پڙهايو............ ڇڻ پٽي جا نوڪر هجون.

ٽرڙا ٽرڙا ڇورا ڪٽي ڪيا ٽن پرتي........... پينٽ سوٽ پاتيون وتندا هن بالم بٽيا............. پيٽان........... اسان جي سروس، هنن جي عمر ڪان بہ وڏي آ.......... هاڻي وري ٿيون هنن جا .... زيردست...... ايتري ۾ نوجوان هيڊ ماستر اچي پاسي مان لنگهيو........... استادن رسمي سلام ڪيو.......... ۽ اُٿي وچي استاف روم ۾ ويٺا.

هيڊ ماستر آفيس مان صحيح ڪري جئين ئي وزٽ تي نڪتو تہ اڌ ڪان وڌيڪ ڪلاس خالي هئا...... ۽ ٻار لاوارث.......... ڪي وڙهي رهيا هيا.... تہ ڪي وڏي آواز سان گوڙ ڪري رهيا هئا...... ۽ ڪجهہ ٻار چاڪ ڪٽي بورڊ تي "سخت گوڙ ڪندڙن جا نالا" لکي رهيا ها.......

نوجوان هيڊ ماستر ڪلاس روم ۾ داخل ٿيندي ئي گجگوڙ ڪئي..... ڪلاس آ يا مڇي مارڪيٽ آ. ڪهڙي استاد جو پيرڊ آ؟ ٻارن جو گوڙ چپ ۾ تبديل ٿي ويو.........

سائين انگريزي جو................ سر نور احمد جو....................

وچو سائين ڪي سڏي اچو................... ۽ خاموش ٿي هوم ورڪ وارو بڪ کولو...............

نوجوان هيڊ ماستر لڳاتار سيئي ڪلاس وزٽ ڪيا. سواءِ چند استادن جي.............. ٻيا استاد ٽولن جا صورت ۾ اسڪول جي ميدان تي ڪچهرين ۾ مصروف هئا. ڪجهه اخبار جو انتظار ڪري رهيا هئا. ته جيئن هڪڙا استاد پڙهي پوري ڪن. ته ٻيا شروع ڪن...... استاد اخبار ايڏي دلچسپي سان پڙهندا هئا. جو لڳندو هو اخبار ياد ٿا ڪن......

غوث ڏنا............

جيءُ.....................

سرور پٽيوالي کي ته ڏسو........................ چانهه ٿو ڪاڙهي. ڪي هڏا چاڙهيا اٿس جو پچڻ ئي نٿا....................

ڪير چئي سائين سچ پٽيوالن کي. سيئي ڪم چور. سست. ڪاهل....... ٽوٽي......... اتي تي چٽي هن سائين! ڪم جا نه ڪار جا دشمن اناج جا.................

اسلام عليڪم سائين!

وعليڪم اسلام.

هيڊ ماستر جيئن ئي اسٽاف روم ۾ داخل ٿيو...............

ڪي استاد مئل ساهه سان اٿي بيٺا............ ڪنهن هٿ ڏنو ته ڪنهن ياڪر پاتو.......................

هڪ استاد اخبار مان نظر چورائيندي................ هٿ جي ٽيڪ ڏيئي ائين اٿڻ جي ڪوشش ڪئي جئين ڏانداري سان چپر ٿو ڪٽي.........

چي: سائين!

اُٿيو سمجهجهو..............

سر ڪلاس خالي پيا هن.......................

استاد هڪ ٻئي ڏي نهارڻ لڳا........................

سائين فضل اوهان جو ائين ڪلاس ۾ پيرڊ آ................ توهان جو ڏهين ۾................ سائين مراد توهان جو نائين ۾ .... ڪجهه استاد ڪلاس ۾ هليا ويا..........................

هڪ استاد هيڊ ماستر کي ويهڻ جي صلاح ڪئي.....................بحث شروع ٿيو................ چند استاد ڪلاس وٽي ايندا رهيا، ۽ ويندا رهيا پر اڪثريت استادن جي بحث ۾ زور شور سان حصو ورتو................... ڄڻ سنڌ اسيمبلي جو اجلاس پيو هلي....................

ايتري ۾ ٻاهر اس ۾ ويٺل استادن جا چند گروپ بہ اچي اسٽاف روم ۾ هلندڙ بحث ۾ شامل ٿيا............................ صاحب نئون آيو آ، ڪيئي آيا سائين اهڙا............ اصل ۾ ڇا آهي نہ سر ڪرپشن جاتي ڪاتي وڌي ويئي آ...................... ڪو بہ مسيت جو ڪک ڪونهي، باقي هنن جي ڪاوڙ رڳو تعليم ڪاتي تي آ................ چي: استاد گوسڙو آهن، اسڪول بند آهن......... بہ ٿي ڏينهن تہ ججن لولو رد ڪيو...........پيٽا خدا جو قهر آ................. پنجين وڳي پيا اسڪول جا دورا ڪن......... آهي ڪو ملڪ ۾ راڻو راڻي..................

چانهہ آئي............... سيني پيتي...........

ڪميشن پاس هيڊ ماستر ڳالهائڻ شروع ڪيو.........

ڏسو اسان هن اسڪول ۾ پنجاهه کن استاد آهيون ۽ چند سئو شاگرد آهن..... پاڻ رڳو ايمانداري سان پڙهايون ته مهذب، خوشحال، امن پريو، تعميري سماج تعمير ڪري سگهون ٿا..........استاد ئي ڪنهن سماج جو ڪرنگهو هوندا آهن.........

سيئي استاد متفق ٿيا ۽ سنڌ جي تعليم جي تباهي تي اخباري، ڪتابي، ڪانفرنسي حوالا ۽ انگ اکر ٻڌائڻ لڳا...... ڳالهه تعليم کان ٿيندي فرقي واريت تي پهتي.......

ڪي شيعا، ڪي سني، ڪي صوفي ڪي ڪهڙي فرقي جا ته ڪي ڪهڙي فرقي جا......

گهنڊ لڳندا رهيا....... پيرڊ پهريون، ٻيون، ٽيون..... پر اڪثريت استادن جي سنڌ جي معيشت، سياست، راندين، قبائلي تڪرارن، سنڌي قوم جي تباهي جا سبب ۽ انهن جي حل تي بحث ڪندا رهيا..... ڪاروبار پلاٽنگ، ڪهڙو ڏنڊو ڪجي، ڪهڙو نه ڪجي پر......... سندن خاص عنوان هو.....

سنڌ جي تعليمي تباهي.....

هڪ استاد بحث جي واڳ پرائيويٽ اسڪولن جي زبردست نظام ڏانهن ڇڪي سيني جو ڌيان ڇڪايو. سائين اڄڪلهه ٿوري گهڻي تعليم وري به پرائيويٽ اسڪولن ۾ بچي آ......

سائين! منهنجو پٽ برائٽ فيوچر ۾ فرسٽ آيو آهي.............. ٻي چيو...... مون اسٽار پبلڪ اسڪول ۾ منهنجي نياڻي ٽاپ ڪيو آهي....... ۽ ٽئين چيو.... اڄڪلهه رائزنگ اسٽار اسڪول ۾ وڏي رش آهي..... جو ڊگري ڪاليج جا سيئي استاد اتي ٿا پڙهائين.....

هيڊ ماستر ڪنهن جي ٻڌي، ڪنهن جي ٻڌي...

پيرڊ لڳو... مانيٽر آيو..... سر! ڪريم اوهان جو پيرڊ آهي امتحان ويجهو آهن.... ڪورس صفا ناهي ٿيو.....

ها ابا تون هل مان اچان ٿو......هوم ورڪ چيڪ ڪر، هلي گوڙ بند ڪرائي مان اچان ٿو...........

ها سائين مان ڳالهه پئي ڪئي تہ..... چڱو جي پرائيويٽ اسڪول کليا، نہ تہ تعليم جو تہ مهڪارو هو...

هڪ استاد موليڏني ..... جيڪو استادن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيم جو چڱو مڙس هو... ان اخبار جي هڪ سرخي ڏانهن سيني جو ڌيان ڇڪائيندي رڙ ڪئي..........

اڙي بابا ڳالهه ٻڌو هن دفعي ووٽ منظور ڪي ناهن ڪرڻا...... استادن جي ڪنهن بہ حق لاءِ آواز نٿو اٿائي...رڳو بالا آفيسرن کي بليڪ ميل ڪرڻ ۾ پورو آهي..... اچي، سياست تي بحث شروع ٿيو... پيرڊ لڳو.......

هڪ استاد مسلسل ڪلاس وٺندو رهيو گهڻا ٽڻا بحث ۾ ئي رڌل رهيا.......

نوجوان هيڊ ماستر........... سيني کي پڙهائڻ ۽ سماج تبديل ڪرڻ لاءِ ليڪچر ڏيندو رهيو...

هڪ ڇانهہ، ٻيئن، ٽيئن....

رسيس ٿي................. هيڊ ماستر ڪلاس وزٽ ڪيا....

ساڳيا لاتون، ساڳيا ڇُڳهہ....

پنجون پيرڊ، ڇهون.....

هيڊ ماستر ٻيهر اسٽاف روم ۾ آيو....

استادن وري سَندين ڳالهين ۾ لڳائي ڇڏيو.....

هيڊ ماستر.... ڳالهائڻ شروع ڪيو.....

ڏسو اسان پنهنجو بنيادي ڪم نہ ٿا ڪيون.... دنيا جون قومون علم جا، ادب جا، فلسفي جا، سائنس جا، ٽيڪنالاجي جا.... تحقيق جا، ميڊيسن جا، انقلاب پيون آڻين ۽ اسين پنهنجي ئي پير تي پاڻ کهاڙي پيا هڻون.... هلي پاڻ نہ سگهون ڏوهہ گوڏن تي.... اسان

جيڪڏهن پاڻ قوم سان سچا ٿيون ته ڪو به ٻاهريون اسان جي تعليم تباهه نٿو ڪري سگهي....اسان ڪي حقيقت پسند ٿيڻو پوندو ۽ پنهنجي بيواجبين، سستين ۽ ناانصافين کي ميٽڻو پوندو..... پنهنجي حق وٺڻ لاءِ مهينن جا مهينا احتجاج ٿا ڪيون ۽ اسڪون نٿا اچون.... پاڻ سيني ڪي قوم جي ابوجهه غريب ٻي ٻهچ ٻارن ڪي پڙهائڻو آهي......

اسان حق وٺون ته ٿا، ڇا حق ادا به ڪيون ٿا... هڪ استاد ٻي ڪي ٺونٺ هڻي اٿڻ جو اشارو ڪيو...هڪ استاد منهن ۾ پٽڪيو ڇا رڳو تعليم جي تباهي ۾ استاد جو ڪردار آهي، ڇورا پڙهن ٿا...؟ ۽ والدين ۽ سماج ذميوار ناهي....؟ ڪي استاد اکين جا اشارا ڪرڻ لڳا..... جيئن جيئن هيڊ ماستر جي اصلاحي تقرير ڊگهي ٿيڻ لڳي، تيئن تيئن ڪي استاد ٻيهر اخبارن ڪي لڳي ويا، ته ڪي اوٻاسيون ڏيڻ لڳا، ته ڪي ڇهري جي ٽڪل تاڻرن سان بيزاري جو اظهار ڪرڻ لڳا.....

هڪ استاد کان رهيو نه ٿيو......

ڇي، سائين ڀلا سموري سماج جو استاد ٺيڪو کنيو آ ڇا....؟ اوهان جون ڳالهيون بروبر صحيح پر حمام ۾ سيئي ننگا آهيون......

هر ڪو گناهگار آ سائين......

هيڊ ماستر بيزاري وچان چيو پر اسين استاد سماج جي تقدير مٽائي ٿا سگهون.... يقين ڪيو ڦرون، ڌاڙا بدامني، دهشتگردي، لٽ مار، سماجي بيچيني ، افراتفري شايد اسان استادن جي ڪري آهي..... ڇو جي يا ته اسان پڙهايون نٿا... جي پڙهايون به ٿا ته رڳو درسي ڪتاب..... جڏهن ته اسان ڪي درسي ڪتابن سان گڏوگڏ شاگردن ڪي سماجيات، مارڪيٽ، مذهب، سيرت نگاريءَ، ڪردار نگاريءَ، مستقبل جي تياري، شخصيت سازيءَ، جديد ايجادون، سائنس، سماجي خدمت جو شعور پڙهائي انفراديت بجاءِ اجتماعيت جي پرچار سيکاريون ۽ انهن ڪي مهذب ۽ خوشحال سماج جو ڪارائتو ۽ هڏڏوڪي ٻين ڪاڻ جيئڻ وارو معتبر ۽ مهذب شهري بڻائڻو آهي. نه ڪي غريب عوام جا ڪيسا

تڪيندڙ ڊاڪٽر ۽ پُٽيون روڊون ۽ پليون ٺاهيندڙ ڪرپٽ انجنيئر ۽ عوام حقن جي استحصالي ڪندڙ ڪامورو............

ايتري ۾ اٿين پيرڊ جو گهنڊ لڳو...... تہ مسجد جي منارن مان لائوڊ اسپيڪرن تي اذانون اچڻ شروع ٿيون....

۽ اڳ ۾ ئي هيڊ ماستر جي تقرير مان مڪمل بور ٿي ويل مڪيہ استاد ڪرسيون ڇڏي اٿي بيٺا ۽ ڇوڙ لڳا.....

سائين هاڻي موڪلائي ناهي..... نماز جو بہ ٽائيم ٿي ويو آهي...... سڀاڻي گڏ آهيون.....

ڪراچي...

هاڻي تہ ڦٽ بہ ناسور ٿي پيا آهن.... منهنجي وجود ۾ آري ڪير پيو وهائي ..... اڄ ڪراچي ماءُ جي مامتا جي من ۾ بي شمار ميار جاڳي پيا هئا..... پنهنجي وجود ۾ وهندڙ اجگر سمنڊ جي لڳاتار چولين جي قطارن جي مڌر آواز ۽ موسيقي گاڏڙ گولين جي گونج ۽ ايمبولينس جي ڪوڪاٽن ڪراچي ماءُ جي اندر ۾ ود پئي وڌا.... ڪراچي ماءُ خوبصورت صبح جهڙو اڇو اجرو پٽ امن گذريل ڪيتري عرصي کان وٽي گهر ماڻ جلاوطن هجڻ سبب ڪراچي امڙ جو گهر ڪاٽڻ لاءِ اچي پيو....

چي: ڪيڏي نہ سچ آهي، رڄ آهي، راڪاس آهي، سمنڊ ماڻهن جا هوندي بہ ماڻهپو ڦڙو قطرو مس بچيو آهي.... ماڻهپو ڏنڏليل عڪس جيان ائين پيو پاسي جئين جهڙيالي ۾ اڻ لکو سچ..........! منهنجو پٽ "امن" ماضي ۾ ڪراچي تي شهنشاهن جيان راڄ ڪندو هو ۽ آءُ ننيڙي ڪير پياڪ ٻار جيان سڪون ڏيندڙ لولي ٻڌي سڪون سان سُمهي رهندي هيس..... اهي هڙيئي رنگ، خوشيون.... منهنجي اندر ۾ جهير ٿا ڏين..... روڊن تي ٽڪ ٽڪ ڪري هلندڙ شاهي ٽانگن جو رومانس ..... ٽرام جي لکن جي لوڏ...... شام ڏارا سمنڊ جي پيٽ ۾ ڳاڙهي سج جي لولي جو ٽٻي هڻڻ ۽ اتان سفيد سفيد ٻگهہ پکين جي ٽولن جو گذرڻ..... منهنجا اهي ٻاڪڙا هوٽل.... ادبي محفلون... پارسين جون خوبصورت عمارتون ۽ هر ڏسا، هر ڏيک، هر منظر هر وک امن، پيار، پاٻوهہ، خوشي ۽ خوشحالي جي خوشبو.......

اڄ ڪراچي جي مامتا جو جسم زخمن سان چُور چُور ۽ روح زخمي پرند جيان جيئڻ ۽ مرڻ جي ڪشمڪش ۾ هو.... چي: آءُ تہ سڄي ملڪ کي پنهنجي ٿڃ تي پياريان! آءُ تہ وطن جو چهرو آهيان، جيڪا طاقت ۽ توانائي ٿي واپرايان اها ديس جي هر جيوگهرڙي تائين زندگي ٿي پهچائي..... آءُ تہ سڄو جهان ٿي پاليان...... پوءِ آخر چو منهنجي ئي اکين ۾ مرچ وجهي منهنجي روشنين جو قتل ڪيو ٿو وڃي..........! هي منهنجي اندر ۾ ڪير ماڻهو گهڙي آيا آهن.......... جيڪي

منهنجو اندر چاڪ ٿا ڪن............هي گلابن جي پوک ۾ ڏاند ڪنهن ڇڏيا آهن؟ هن عمارتن جي جهنگ ۾ ماڻهپو ڪٿي دفنائجي ويو آهي؟ ماڻهپو دفنائيندڙ هي ڪفن چور ڪير آهن.... هي قبضا گير ڪير آهن.......... ماءُ جي پيرن هيٺان تہ جنت هوندي آهي.......... هي دوزخ برپا ڪندڙ ڪير آهن.......!؟

منهنجو پٽ امن، ڪنهن اغوا ڪيو آهي؟ ڇا منهنجي پٽ ”امن“ کي پڻ ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ ماريو ويندو.... هي ٽارگيٽ ڪلر ڪير آهن؟

مان تہ پنهنجي وجود ۾ بنا ڪنهن رنگ ۽ نسل جي فرق جي مختلف مذهب، ذات پات ۽ پانت پانت جي ماڻهن کي روزگار، گهر، مال ملڪيت ڏنو آهي پوءِ هي احسان فراموش ۽ منهنجي پٽ ”امن“ جا اغوا ڪندڙ ڪير آهن؟!

منهنجو هاڻ ٿو ڦاٽي منهنجو پٽ ”امن“ ڪٿي آهي؟........... هي گولين جا آواز، لاقانونيت، ڌاڙا........... هي لاشن جون قطارون، بم ڌماڪا ۽ ايمبولينس جون ڪوڪون .... گاڏين، دڪانن، مارڪيٽن ۽ ملڪيتن کي باهيون..... هي تباهي هي دانهون.... اِنهي دونهين ۾ گم ٿي ويل منهنجو موپي پٽ ”امن“، ڪٿي آهي ”امن“؟ امن.. امن... امر... امر.. امر.... امن.... ڪراچي ماءُ جي اکڙين جا بچاءُ بند “امن” جي سڪ جي سيلاب لوڙهي ڇڏيا.... مان امن کي ڪٿين موٽايان ......! امن جنهن جي وجود هجڻ سان هرسو مسرتون ئي مسرتون هونديون هيون.... امن جو چهرو ڪيڏو نہ وڻندڙ هيو... ”امن“ کانسواءِ من ڪيڏو مونجهو آهي..... امن جيئڻ جي آس هو يقين هو ۽ سهارو هو.... امن جو هجڻ روزگار، خوشحالي، ترقي، سڪون، محبت، پريت جو هجڻ هو.. امن ناهي تہ ڪجهہ بہ ناهي. امن انسان جي تعميري جبلت آهي، ازلي خواهش آهي جيڪا سيني تخريبي ديو ۽ شيطانن کي شڪست ڏي ٿي.... امن زندگي آهي....... امن ڪٿي آهي؟ ڇا هو امن کي موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيندا، جي امن مري ويو تہ آءُ بہ ڪٿي جيءَ سگهنديس.... امن تہ آب حيات آهي! امن روح جي راحت آهي..... امن آسرو آهي، ڏڍ آهي...... امن اطمينان آهي..... امن پيار آهي، پريت آهي..... مونکي امن موٽائڻو پوندو

امن ڪانسواءِ هر من اداس آهي، هر دل ويران آهي..... جي مان پريشان ٿيندس تہ ملڪ پريشان ٿيندو.... پر مان ڇا ڪيان آخر ماڻ آهيان.... امن منهنجي آنڊ آهي .... امن ڪنهن جي چنبي ۾ آهي..... آءُ آخر بيوسي جي تصوير ڇو ٿي آهيان.....اِهي ڪير ماڻهو آهن منهنجي وجود اندر فرقي، نسل، ذات پات جي بنياد تي جهيڙا ٿا ڪرائين ۽ منهنجي اندر ۾ چاقو ٿا هلائين.... اِهي ماڻهو ڪير آهن جيڪي پنهنجي مفاد خاطر منهنجو اندر ٿا پيلن.... آءُ تہ سوني جهرڪي آهيان..... پر منهنجو آڪيرو، واهيرو وٺاڻ امن ڪٿي آهي..... امن... امن

ڪراچي ماءُ جي گهر جو در کلي ٿو ۽ اندر هڪ اڌ مٺو لاش مثل، رت جي داغن سان رڱيل سفيد لباس پهريل، ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿيل اچي هيٺ ڪري ٿو....

اڙي هي تہ منهنجو پٽ امن آهي!؟ هي زخم، رت..... منهنجا ٻچا آءُ تہ تنهنجي سڪ ۾ سڪرات جهڙي ڪيفيت مان پئي گذران.... منهنجو ساهہ ڪي سرير ناهي...... تون ڪٿي هئين.... تنهنجي غير موجودگي ۾ منهنجا سيئي رنگ، خوشيون، سڪون عذاب ۽ ازيت ۾ مٽجي ويا هئا..... تنهنجي هي حالتِ زار ڪنهن ڪئي آهي؟

”امن“ سڀ توانايون ميڙي هٻڪي هٻڪي ڳالهائي ٿو امان ! مان ڏهاڪن ڪان وٺي اغوا ٿيندو رهيو آهيان..... خوار ڪيو ويو آهيان، ڪن سمجهوتن تحت چند گهڙين لاءِ تو ڏانهن موٽايو ويندو آهيان.... ۽ وري ڪنهن نئين عذاب، سازش، مطالبي جو انتظار ڪندو آهيان تہ ڪڏهن ٿو اغوا ٿيان...... دربدر ٿيان..... مان گذريل گهڻي عرصي ڪان وٺي وقتاَ بہ وقتاَ اغوا ٿيندو رهيو آهيان...... صليب چاڙهيو ويندو رهيو آهيان...

پٽ آخر تون ڪيستائين اغوا ٿيندو رهندين ....؟ سندس امڙ ڪراچي هاڻي امن ڪي پنهنجي ٻاجهاري جهولي ۾ جهلي سوال ٿي ڪري..... تون مڪمل آزاد ڪڏهن ٿيندين..... منهنجا ڪُل سڪون ۽ سر تو سان سلهاڙيل آهن....... تون ئي منهنجو جيئندان آهين....... مان هاڻي وڌيڪ تنهنجي جدائي جي پيڙاءَ برداشت نٿي ڪري سگهان.... پٽ! منهنجي رڳ رڳ ۾ ساهہ ٻاري ويئي آهي..... منهنجو وجود ساهہ جي

بڻي تي پيو آهي..... آوي جواندر ٿي پيو آهي.. ۽ شمشان ٿي پيو آهي جتي ماڻهپي، انسانيت، سماجي قدرن جا لاش پيا سڙن......

منهنجي اندر منجهان لاش ڍوئيندڙ ايمبولينس جا آواز پيا اچن.....

منهنجو اندر ميدان جنگ ٿي پيو آهي پٽ! جتي هر ڪو پنهنجي مفاد جي جنگ پيو وڙهي.. اُهي ڪير ماڻهو آهن، جنهن توکي مونکان ڌار ڪيو آهي؟.... اُهي ڪير آهن جنهن منهنجي جهولي لنگڙي لولي ڪري..... اُن ۾ آڱار پريا آهن......

آءُ آتشدان ٿي پئي آهيان ٻچا.... منهنجي اندر ۾بارود پريو ويو آهي.... ائين لڳي ٿو هڪ ڌماڪي سان ڦاٽي پونديس......

ٻاهر زوردار فائرنگ جو آواز...... ۽ ايمبولينس جا ڪوڪاٽ .....

"امن" ڪراچي امڙ جي آغوش مان زخميل جسم سان اٿڻ لڳي ٿو.......

نہ ٻچا نہ هاڻي آءُ توکي ڪيڏانهن بہ وڃڻ نہ ڏينديس آءُ توکي پنهنجي اندر ۾ لڪائي ڇڏينديس.... تون ڪجھ گهڙين لاءِ اچي وري مهينن جا مهينا گم ٿي ويندو آهين......

امان ماڻهو وحشي آهن.... پنهنجي خصيص مطلب خاطر مون کي توکان ڌار ڪندا آهن.... فائرنگ جو آواز ويتر تيز... پوليس موبائيل جو آواز .... گوليون کائيندڙ ماڻهن جون رڙيون ۽ ڪيهون.... امان مون کي وڃڻ ڏي.... نہ تہ اهي خوني مون کي ڪُهي ڇڏيندا.... هميشہ لاءِ مان توسان وچن ٿو ڪيان امان! آءُ هڪ ڏينهن پنهنجي مڪمل جوين سان تو ڏانهن موٽي ايندس ۽ هميشہ توسان گڏ رهي پوندس فائرنگ جو آواز وچي ٿو اسان جي گهر جي ويجهو ٿينديو..... انکان پهرين جو منهنجا قاتل، منهنجي وجود جا ويري پهچي وڃن.... مون کي هڪ دفعو ٻيهر وڃڻو پوندو..... امن سٽ ڏيئي اٿيو ۽ ويندي مهل دروازي تي بيهي امڙ کي آخري پيغام ڏنائين تہ امان مان تمام جلد واپس ايندس ۽ پوءِ پنهنجا سڀ سور جدايون ختم ٿينديون.... نہ پٽ امن نہ وڃ منهنجي سيني ۾ باھ جو مچ ٻري ٿو... اچ منهنجي وجود سان ويڙهجي وڃ.... اچ مان توکي پنهنجي جيءُ ۾ لڪايان......

نہ امان ماٺ واپس ٿيس تہ هي خوني مون کي ماري ڇڏيندا..... ماٺ تو خاطر جيئڻ ٿو چاهيان..... جيئڻ ٿو چاهيان ...... ماٺ موٽي ايندس..... توسان وچن آ امان..... ماٺ موٽي ايندس........ ماٺ موٽي ايندس..........

ڊرامو

سيڪنڊ اسٽيٽمنٽ

پهريون ڏيک: (شام جو پهر، جهڙيالي موسم هڪ جوڙو بينچ تي ويٺو آهي، ٿڌڙي هوا هلي ٿي).

ڪردار: پريت، وشال

پريت: پنهنجي محبت جي هي ڪائين جهڙيالي آهي وشال!؟

وشال: شايد پنجين...

پريت: ستين... وشال! مردن کي محبت جا ايونٽ اڪثر ياد ناهن هوندا... نہ پنهنجي پريnءَ جي سالگرهہ جو ڏينهن ياد ڪري سگهندا آهن، نہ ئي پهرين ملاقات...

وشال: ها... ائين تہ بلڪل آهي... پريت! ائين نٿو لڳي تہ جهڙيالي ڪنهن محبوب ئي پينٽ ڪئي هجي، اهڙو خوبصورت منظر تہ ڪوئي محبوب ئي ٺاهي سگهي ٿو...

پريت: جهڙيالي محبت جي مستي آهي...

وشال: پريت!

پريت: جيءَ...

وشال: پاڻ پنهنجي آکيرو ڪڏهن ٺاهينداسين...

پريت: نہ تنهنجي گهر وارا راضي آهن؛ نہ ئي منهنجي گهروارا... ظاهر ڳالهہ آهي پاڻ ٻنهي وٽ ٽيون رستو آهي... فيصلو پنهنجي هٿ آهي... يا هٿ ملائي هميشہ لاءِ هڪ ٿي وڃون يا...... پر توهان تہ محبت ۾ حاصلات جي نظريي جا پوئلڳ آهيو نہ.......

وشال: يقينن، محبت حاصلات ئي آهي... جز ڪل نہ ٿيندا تہ سڄي حياتي اڌ ڪنل وجود جيان لڇندا، لوچيندا رهندا... حياتي ٽڪ ٻڌي بيهي رهندي...

پريت: ماڻهو چوندا هن وشال!... محبت ماڻھ ڪانپوءِ شدتون ڏيون ٿي ويندبون آهن. اميدن جا قافلا اڏ پنڌ ۾ ئي ڦرجي ويندا آهن. محبتن جا معراج ڏرتي هاٺا ٿي پوندا آهن. ماڻهو رڳو زال مڙس ٿي پوندا آهن... پوءِ نه جهڙيالن جا رومانس رهندا آهن ۽ نه احساس جي محسوسات. نه انتظار جا مزا رهندا آهن ۽ رسڻ ۽ مڃائڻ.. زندگي تڙپ جو پيٽو لنگهي ضرورت ۽ سمجهوتي جي پاتال ۾ پيهي ويندي آهي.. ائين لڳندو آهي وشال! هٿ مان ڪا شيءِ ڪري پيئي آهي.. زندگي پنجرو ٿي پئي آهي... هٿن مان چاهت جو ڪبوتر اڏري وڃي ڪائنات جي اونهائين ۾ گم ٿي ويو آهي... عورت خوف ۽ وسوسن جي غار هوندي آهي وشال! مونکي ڊپ ٿو ٿي، پاڻ ڪٿي هڪ ٿي محبت جا پيمانا ڇلڪائي نه وجهون... گهٽائي نه وجهون ....

وشال: خوف جبلت آهي، محبت حقيقت آهي.... محبت پنڌ آهي ۽ حاصلات منزل.... جيڪي ماڻهو محبوب ناهن ماڻي سگهندا، اهي ڪٿل ڪٿل ۽ اڻپوري تصوير جيان هوندا آهن... جنهن ۾ يا رنگ ڦڪا هوندا آهن يا...... اهڙن ماڻهن جي اندر ۾ محرومين جي ڇر وهي ايندي آهي..... جيڪا احساسن، اميدن جا ڪچا گهر پاڻڻ شروع ڪندي آهي.... ۽ پوءِ پريت! اندر جو سمورو ڳوٺ آهسته آهسته ڳُرڻ شروع ڪندو آهي.... حاصلات بچاءُ بند آهي پريت!... آءٌ اڪيلائين جي ڪُن ۾ ٻڏڻ نٿو چاهيان.... محبت عظيم اعتماد آهي، محبت آهڙ جو مينهن آهي، جيڪو وهم، وسوسن جا غبار ڌوئي حياتي کي فطرت جهڙو خوبصورت ڪري ڇڏيندو آهي.... مان اڌ وجود آهيان پريت! مونکي توسان ملي پورو ٿيڻو آهي.... ائين سوچ آءٌ غزل جي پهرين سٽ آهيان، تون بين، مان ٽئين.... ائين سڄي حياتي پورو غزل مطلع کان مقطع تائين پاڻ لازم و ملزوم آهيون ...

پريت: محبت احساسن جو سودو آهي وشال! محبت اعتماد جي الاهي سنهي ڌاڳي سان ٻڌل هوندي آهي.... شال نه ماڻهو جو اعتماد

ڪوٺو ٿئي.... ڪڏهن ڪڏهن محبت جي انڌ ۾ اسان ماڻهن جا اصلي چهرا نہ پسي سگهندا آهيون.... پوءِ... اڳتي هلي زندگي جو ڪڙو سچ کير ۽ پاڻي جا فرق سمجهائيندو آهي... انڪان پهرين رڳو کير ئي کير هوندو آهي....

(بيرو بہ چانهہ جا ڪپ ڪٽي اچي ٿو)

وشال: چانهہ جو ڍُڪ پي------ پريت! هميشہ پهريان احساس خوشي ماڻڻ چاهيندا آهن.... آءٌ حتي الامڪان چاهيندس تہ تنهنجي مُرڪ ميري نہ ٿي......

پيون ڏيک :

پنجويهہ سالن ڪانپوءِ-----------

گهر جو ڪمرو. وشال جي اکين جي عينڪ گڏ پريت ويٺي آهي....

پريت: وشال! عيني جي مستقبل جو مسئلو آهي، پسند جي شادي جي تہ اسان جو مذهب بہ اجازت ڏي ٿو.... پنهنجي اڪيلي اولاد آهي، حياتي پر جي ڪمائي آهي، محبت سماج ڪان مٿانهين هوندي آهي.... جي اها ارسلان سان شادي ڪرڻ ٿي چاهي تہ ان ۾ ڇا برو آهي، ٻئي هم عمر، هم ڪلاس ۽ ساڳي شعبي ۾ ليڪچرر آهن.... حياتي جو پنڌ بخوبي ڪري ويندا ....

وشال: پريت! تنهنجي ڳالهہ صحيح آهي، پر اسان جي خاندان ۽ برادري ۾ ذات ڪان ٻاهر رشتو ورتو تہ ويندو آهي؛ پر ڏنو ناهي ويندو!..... ٻيو تہ ٿيو پر ادا وڏو بہ ڀونچال پيدا ڪري ڇڏيندو.... اسان جي لاءِ سماجي مسئلو پيدا ٿي پوندو....

پريت: پاڻ ٻيئي بہ تہ مختلف ذاتين جا هئاسين.... گهروارا راضي نہ ٿيا تہ.... ڪورٽ مئرج ڪئي سين...

وشال: (بيچين ٿيندي) پنهنجو دور ٻيو هو.... بعد ۾ پنهنجا مائٽ ٺهي ويا هئا...

پريت: مان عورت آهيان وشال! محبت کي آخر تائين نڀائڻ ۾ سمجهڻ چاھيان ٿي، عيني جي ارسلان سان سٺي انڊراسٽينڊنگ آهي....

وشال: توهان ٻنهي سمجهو منهنجي سماجي زندگي آهي، اٿڻي ويهڻي آهي... آءُ ڪيترين سوالن جا جواب ڏيندس، توهان سمجهدار آهيو.... عيني کي سمجهايو.. هو اڃان ٻار آهي......

(وشال اخبار ويڙهي ٿو پريت هلي وڃي ٿي، وشال لائيٽ آف ڪري ٿو)

(صبح ٿئي ٿي)

پريت: وشال...!!! وشال! رڙ ڪندي ڪمري ۾ داخل ٿيئي ٿي....

وشال: (ڇرڪ ڀري اٿي ٿو) ڇا ٿيو خير ته آهي!؟

پريت: وشال! خير ڪونهي............. عيني ڪمري ۾ ڪونهي!!

(پردو ڪِري ٿو)

(ڊرامو ختم)

بودلو....

سڀ مرضيون تنهنجيون هلنديون ڇا؟..... ايترو نواب صاحب آهين ڇا؟

نہ ڪنهن ڇيو.

پوءِ اڇين ڇو نہ ٿو........

نہ اچڻ جي بہ ڪي سبب ٿين ٿا...

خبر آ.... سُستي ٿيو ڇا.....

نہ سڪ تہ مونکي بہ الاهي لڳي آهي..... پر.....

پر ڇا......

سڀ ڳالهيون ٻڌائبيون نہ آهن...ڪجهہ ڳالهيون سمجهي وجبيون آهن.......

اهو تہ مان ڄاڻان ٿي......

پوءِ اجايو ضد ڇو ٿي ڪرين.....

پر، مان هڪ ڀيرو توکي روبرو ٻڌڻ چاهيان ٿي.... جيئن گوتم ٻڌ جا ڀڪشو گوتم کي ٻڌندا هُئا، وڏي گيان سان، وڏي ڌيان سان..... جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ توکي آخري دفعو ٻڌو هئم..... پنهنجي عمر کان بہ وڏيون ڳالهيون ڪيون پئي تو... گهڻو عرصو گذرڻ ڪري ڪجهہ ڪجهہ وسري ويو آهين.... مان توکي دهرائڻ ٿي چاهيان.... تنهنجي ڇهري جو سبق پڪو ڪرڻ ٿي چاهيان....

وقت سان ڇهرا ڌنڌلائجي ويندا آهن..... ماڻهوءَ جون ترجيحات متبيون رهنديون آهن.... ماضيءَ ۾ جيئڻ وڏو عذاب آهي.......

پر توکي اچڻ ۾ رڪاوٽ آهي ڪهڙي... ڪجهہ تہ خبر آهي.... ڪجهہ ڄاڻڻ چاهيان ٿي... يہ ايئن ڇئو ڪٽي ڊسمبر ۾ ايندس، ڊسمبر ۾ نکري پوندو آهيان، ڊسمبر ۾ منهنجو رنگ صاف ٿي ويندو آهي، ڊسمبر جي ڏُپ مزو ڏيندي آهي....

نہ اهڙي ڳالهہ نہ آهي....

هي ڳالهہ بہ نہ آهي،هو بہ نہ آهي....

پوءِ ڳالهہ آهي ڪهڙي جيڪا لڪائين ٿو....

اچي ڪيان چيا؟

ڪهڙو تون اندر ۾ دٻايل، اڻ اظهاريل ڪيفيتن جو اظهار ڪنديئن....

پنهنجي وچ ۾ شايد ڪجهہ بہ نہ هو... شايد انڊراسٽينڊنگ هئي، ڪلاسميٽنيس، دوستي... بس.... ان کان اڳتي....

ڪي احساس جا رشتا بہ تہ هوندا آهن.... ڪي اڻپوريون خواهشون بہ تہ هونديون آهن. ماڻهو جي اندر جي ڪنهن اڪيل ڪري ڏني آهي... ڪي دل مان نڪتل جملا نڙي جي پند تائين ٽڪي پوندا آهن، ڪي احساس جا وهڪرا زبان جي پٽ تي وگهري ويندا آهن؛ ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو ڳالهہ ڪرڻ هڪڙي چاهيندو آهي، پر ڪري ٻي ويندو آهي. ڪيترين ئي ڳالهين جا ڳلا اسين گهٽي ڇڏيندا آهيون.... ڪي ڳالهيون تہ تڪراري گهٽيءَ جيان هميشہ جي لاءِ بند ڪري ڇڏيندا آهيون. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو ڪيچ جا پنڌ بہ ڪري ٿو وڃي ۽ ڪڏهن ڪڏهن جملن ۾ بہ سهڪي پوندو آهي ـ ڪڏهن ڪڏهن هڪ جملو چوڻ لاءِ سوين جملا ڳالهائڻا پوندا آهن ـ پوءِ بہ اهو جملو ادا نہ ٿي سگهندو آهي.... يا ماڻهو چوڻ ئي ناهي چاهيندو.....

مطلب تون مونکان اعتراف ڪرائڻ ٿو چاهين....؟

ڇا جو اعتراف؟

ڇا ڪجهہ شيون اڻ چيون سنيون نہ لڳنديون آهن..... شروع ڪري اڌ ۾ ڇڏي ڏيڻ....

۽ ها متان ايئن سمجهين تہ تون منهنجي طلب ٿي پيو آهين...... ايئن بلڪل بہ ڪونهي....

پلي ايئن نہ هجي پر مان توکي سمجهي بہ ڀيهر سمجهڻ الائي جي چو ٿو چاهيان....

پر ڪجهہ رشتا سمجهائي ناهن سگهبا ـ شايد انهن کي سمجهائڻ لاءِ اظهار جا، ٻولي جا گهاڙيتا ڪٿي پوندا آهن ـ اهڙن رشتن کي محسوس ڪبو آهي، اهڙن رشتن جو احترام ڪبو آهي، اهڙي رشتن کي ملهائبو آهي.... سمجهہ ۾ ئي ناهن ايندا... ڪڏهن ڪي معاملا، ڪي مسئلا، حياتي پر ڪجهہ رشتن جيان اڻ سمجها ئي رهندا آهن.....

انهن کي اڻ سمجهو ئي رهڻ ڏبو آهي...

ڪنهن بہ ڪتاب کي مڪمل سمجهي وٺبو، تہ اهو ڪتاب ڀيهر ڪٿي پڙهبو....

مان تہ توکي آهستي آهستي سمجهڻ ٿي چاهيان... مان تہ توکي پڻائيءَ جي رسالي جيان حياتي پر ورد ڪرڻ ٿي چاهيان.... مان تہ چاهيان ٿي ـ مون وٽان هر شيءَ کُٽي وڃي.... پر تنهنجو سمجهڻ نہ کُٽي....

جيئن تون هر پيپر ڪرڻ کانپوءِ اڪثر عادتن چوندو هئين. وڏي تياري هئي.... ٽائيم گهٽ هجڻ ڪري گهڻو ڪجهہ رهجي ويو..... هي رهجي ويو هو رهجي ويو.... رهجي وڃڻ سٺو هوندو آهي سي ايس ايس پي.... جيئن ڪنهن جو ڪنهن وٽ رهجي وڃڻ........

حياتي جي ننڍي وٿي ۾ گهڻو ڪجهہ رهجي ئي ويندو آهي.....

پوءِ مان اڃي چا ڪيان؟

مان اڃي هڪ بند ڪيل باب کي نہ ٿو کولڻ چاهيان....

ڪڏهن ڪڏهن بي سبب بہ اڇبو آهي. ڪيتري عرصي کان چوانءِ ٿي.... پر توکي هر ڳالهہ جو جواب ڪپي...... مونکي توسان ڪي راز عمر پر شيئر ناهن ڪرڻا.... الائي جي چو مونکي ايئن لڳندو آهي، پاڻ گڏ پڙهڻ کان پهريئن بہ ڪٿي مليا آهيون... شايد مونکي وسري

ويو آهي... مونکان اڪثر خوبصورت خواب جڏي شاگردن جيان وسري ويندا آهن.... مونکي ايئن ڇو لڳندو آهي تہ تون منهنجو ئي ڪو وجود آهين..... پر مان ميان نہ ٿي... ڪي ماڻهوءَ توهان جي زندگي ۾ ايندا آهن... توهان جي شخصيت سنوارڻ، شخصيت ساز ماڻهو. جيڪي توهانکي توهانجي شخصيت جو تعين ڪري ڏيندا آهن، توهانکي توهانجي معنيٰ ٻڌائيندا آهن...تہ توهان ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون صلاحيتون آهن، توهانجي هجڻ جو احساس ڏياري، توهانجي پنهنجي ذات جو شعور ڏيئي... چُپ چُپاتا، توهانجي زندگي مان پولارن جا پنڌ ڪري، نظر جي حد کان تروراا تروراا ٿي ـ اکين کان اوجهل ٿي ويندا آهن. توهان کان شين جيان هٿ مان ڇڏائجي ويندا آهن. پوءِ ڳولئي ناهن لڀندا، اتفاق سان بہ نظر تي ناهن چڙهندا. جيئن سماعتون انهن جي آواز کان سڪي مرنديون آهن، تيئن اکين جا اوسيئڙا ويندا آهن وڌندا.... ڪي ويجها ئي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سُپرين....

ڪوهہ ڄاڻان ڪهڙا پرين....

مطلب اڃان ان ڪي وساري نہ سگهيو آهين نہ....

نہ بلڪل نہ....

جيڪي ماڻهو ساهن ۾ سِبيل هوندا آهن.... اهي ڪٿي وسرندا آهن....

پوءِ تنهنجي زندگي ۾ منهنجي ڪهڙي حيثيت آهي.....؟ سيڪنڊ چوائس.... مونکي ثانوي حيثيت قبول ناهي...

شايد، محبت ڪٽڪ جي ماني جيان هوندي آهي، جنهن مان ڪڏهن بہ منهن ناهي پڇندو....

پر ڪي خال ماڻهو هڪ حياتي جيتري تمام محدود وقت ۾ پري ناهي سگهندو... سچ تہ اهو آهي، ڪن ماڻهن جا خال پربا ئي ڪونهن.... انهن جي جڳهہ ڪير بہ وٺي ناهي سگهندو... انهن جي جڳهہ هميشہ خالي رهندي آهي... ها! اها الڳ ڳالهہ آهي تہ ڪي تو

جهڙا روح ان خلا کي پرڻ ايندا آهن..... آسيس ملندي آهي.... ڪن ماڻهن جي ڪي هڪجهڙايون هونديون آهن... ماڻهو سک لاهيندو آهي... گهاءُ ڀرڻ جي ڪوشش به ڪندو آهي... پر هوندو پورائو آهي.. شايد ها، شايد نه..... ها ۽ نه جي وچ ۾....

پوءِ منهنجو ڪهڙو ڏوهه...؟

منهنجا به ته ڪي خواب آهن... ڪي آئيڊيل آهن... خبر اٿي، سموري زندگي ماڻهو پنهنجي آئيڊيل جي تلاش ۾ هوندو آهي. اهو ماڻهو به reserved ملي ته، من اپاڻڪو ٿي پوندو آهي.... ماڻهو بي شمار آهن، پر ڳالهه روح ملڻ جي آهي... مان سمجهيو شايد مونکي آئيڊيل ملي ويو آهي... منهنجو مئچ... جنهن کي مون به سال سمجهيو، سوچيو، ڪي خواب اُڻيا.... خبر اٿي سَمجهيل ماڻهو ڇڏڻ ڪيترا اوکا هوندا آهن.....

پر تون ته منهنجي زندگي ۾ ليٽ آئي آهين..... ۽ چوندي ته پاڻ هيائين ته مان تنهنجو پيار نه آهيان... مان تنهنجو ڪلاس ميٽ، وڌ کان وڌ سٺو دوست.... جنهن جي هئي ته فقط انڊراسٽينڊنگ....

پوءِ به مونکي سمجهائي سگهنديئن ته... جيڪو هڪٻئي جا چهرا پڙهي وجي، جيڪو ڪلاڪن جا ڪلاڪ چپ ويهي به گهڻو ڪجهه ڳالهائي وجي... چاهيندي به، اوهان ان کي پنهنجي سوچ مان ڪڍي نه سگهو... ان کان پل به پري نه رهي سگهو... جنهن مان اکيون ڊوڙائي نه ڪن ... اچي ته خوشي محسوس ٿئي، وڃي ته اداسي... موڪلون ڪري ته، ميسيج ڪري اچڻ جو پڇجي.... ڪو ان جو نالو ڪٽي ته خوشي ٿيڻ باوجود، خوامخواهه ڪاوڙ جو اظهار ڪجي.... ڪنهن سوال پڇڻ تي جي ڪو رکو جواب ڏي ته ڪاوڙجي... حيرت واري نگاهن سان ڏسي ڪلاس ۾ وڃي اڪيلو ويهجي.... جي احساس ٿيڻ ڪانپوءِ پرچائڻ اچجي نه ـ منهن ٻي پاسي ڪري ڪجهه نه ڳالهائجي.... فقط پٽ ڏانهن بي سود ڏسبو رهجي... آخرڪار ڪاوڙ ۾ ايترو چئجي ايترو مصروف

آهين تہ ٻي دفعي توسان ٻُسڪس نہ ڪبو... بس ڳالهہ ايتري نہ...بس خوش....

۽ جڏهن ڪلاس ۾ آخري ڏينهن موڪلائڻ مهل چيم :

حياتي رهي تہ ملبو......

تو چيو.... بس..... فقط ملبو......

ايتريون ڳالهيون ياد اٿئي....... نہ.... بس چند ڳالهيون.....

مون تہ ايم اي جي نصاب سان گڏ توکي بہ سٺ سٺ پڙهيو هو. وڏي نفاست سان تنهنجا نوٽ ٺاهيا ها... تنهنجا ڪهڙا آدرش آهن، توکي ڪهڙا ڪتاب لڳا آهن، تنهنجي پسند، ناپسند، تنهنجيون ڪمزوريون.... نہ گرمي برداشت، نہ گهڻي سردي، سردي ايندي بيمار، گرمي جو ڪچو... تنهنجو مرڪڻ.....

پر مان بہ توکان وڌ، توکي سڃاڻان.....

مونکي بہ تنهنجي بهادري سان، بي باڪي سان چاهہ آهي.... انڪري ئي ان ڏينهن ۾ فيصلو ڪيو هيم تہ تنهنجي آنر، گريس، فقط تنهنجي محبوب جي امانت سمجهي توهان ٻنهي جي حياتي مان نڪري ويندس.....

توهان مونکي ٻڌائڻ ۾ الاهي دير ڪري ڇڏي..... تہ تنهنجي من ۾ ڪو ٻيو آهي... ۽ توهان ان کي تر جيترو بہ وساري نہ سگهيا آهيو..... ۽ نہ وساري سگهندو....

ظاهر ڳالهہ آهي; مان ان ماڻهو سان ڪيئن ٿي زندگي گذاري سگهان، جيڪو اڳواٽ ئي ورهايل آهي - ان پهريئن محبت ۾ جيڪا ڪنهن ٻي جي حياتي جو حصو ٿي چڪو آهي......

پوءِ بہ شايد ڪي گنجائشون نڪري اينديون آهن، تو جهڙا ماڻهو پوءِ بہ...... الائي جي ڪيئن ڪنهن جي من ۾ پنهنجو مقام ٺاهي وٺندا آهن.... شايد اهو انهن جي روين، اخلاق جو ڪمال هوندو آهي..... انهن

جي سچائيءَ جو نتيجو هوندو آهي... ڇو تہ اوهانجي زندگيءَ ۾ سچا ماڻهو بہ ايندا رهندا آهن....

يا توجهڙن ماڻهن جو ڪجھ بچي ويل پيار جيڪو اسان جهڙن ماڻهن جي حصي ۾ ايندو آهي... مان فيصلو نہ ٿي ڪري سگهان.... مان توکي چاهيو هو يا چاهت ڪان مبرا ٿي ڪو روح جو رشتو ڳنڍيو هو. جنهن ۾ نہ جنس جي لالچ هئي. نہ گڏ رهڻ جو خواب..... شايد اهو ٻيو ڪجھ هو.. جنهن کي شايد مان لفظن جو روپ نہ ٿي ڏيئي سگهان..... تو جيان ليڪ هجان ها تہ متان بيان ڪري وجان ها..... پر سي.ايس.ايس.پي....ڪڏهن مها اديب بہ ڪي احساس پنهنجي سموري صلاحيتن باوجود اظهارڻ ڪان عاري هوندا آهن... جڏهن ٻولي ڪٿي پوندي آهي نہ سي.ايس.ايس.پي تہ ماڻهو روئي ڏيندا آهن.اداس ٿي ويندا آهن... چپ ڪري ويهي رهندا آهن.....

مان تہ وري بہ........

پر شايد مان ان نتيجي تي پهچي سگهان ۽ پنهنجي رشتي کي ڪو نانءُ ڏيئي سگهان.....

تون ايڏي بہ سادي نہ آهين.... ها اها الڳ ڳالھ آهي تہ رٺائي آهين.... شين کي تھ تائين سمجهڻ چاهيندي آهين. انڪري تو Candida جي سماجي، روحاني پناھ چوائيس کي ساراهيو هو تہ عورت فقط محبوبہ نہ هوندي آهي، اها زال بہ آهي، ماءُ بہ آهي. انڪري، ان ۾ مامتا جو جذبو محبوب واري جذبي تي اڪثر حاوي هوندو آهي. شايد انڪري توکي Hamlet جي محبوبہ Ophilia سان همدردي هوندي هئي تہ جڏهن عورت ٻن مقدس رشتن وچ ۾ چونڊ جي آزمائش ۾ پوندي آهي تہ هو ٻنهي سان برابري جو انصاف ڪري پاڻ جيون جي دستبرداري قبول ڪندي آهي. شايد تون Ophilia واري ڪامپليڪس ۾ ڦاسي پئي آهين. ڇو تہ عورت جي درد کي تون ئي بخوبي سمجهي سگهين ٿي.... شايد انڪري توکي Jan Austenجي

ناولPride & Prejudice جي هيروئين ۾ هِن جي پينرن کي مڙس ڳولڻ جي نمائش ۾ پيش ڪرڻ واري عمل تي اعتراض هو ته عورت فطري طور سکيو گهر ته تلاش ڪندي آهي، پر روحاني سڪ به.....محفل ڇڏي اچڻ واري هيروئن جي انا توکي ڪيڏي وڻي هئي....

پر،بودلا مان ته توکي سپني ڪردارن کان اتم ڏنو آهي... اهڙو ڪردار، جنهن کي سموري حياتي اهو نه ٻڌائجي ته هو ڪيتري مئچوئر آهي - ان ۾ ڪيتري فقيري آهي. ان ۾ ڪهڙيون صلاحيتون آهن. اها پنهنجي سياءُ ۾ جوهر ۾ آهي ڇا؟

ماڻهن ۽ ڪتابن ۾ فرق هوندو آهي سي.ايس.ايس.پي.... ڪتاب هڪ دفعو لکبو آهي... ماڻهو روز لکجي رهيو هوندو آهي.... مونکي تون هڪ اينالائسز ۾ ڪيئن ٿو سهيڙي سگهين؟

ٻي ڳالهه ته،مان توکي ايڏو سيريس الائي جي ڇو نه ورتو هو.....

مون کان وڌ.....

شايد........

مونکي اها ئي تنهنجي ادا وڻندي آهي.... جو تون ڳالهين کي لفظن جي روپ ڏيڻ بجاءِ اکين سان اچاري ويندين آهين....

جڏهن سڀ خبر اٿئي ته پوءِ ڇو ٿو منهنجي واتان چورائين.....

واقعي ڪي واسطا هوندا آهن - جيڪي حياتي ڀر بي نام رهندي به پنهنجو طعين ڪندا رهندا آهن..... ڪڏهن ڪڏهن ڪي شيون واقعي ئي ناهن سمجهي سگهبيون.... شايد ماڻهو انهن کي سمجهڻ جي صلاحيت رکندي به سمجهڻ ناهي چاهيندو. شايد ڪي رشتا سمجهڻ کانپوءِ پنهنجي اهميت وڃائڻ شروع ڪندا آهن.... رشتن جو نهڻ ڪائناتي مظهر آهي ڪي ماڻهو اوهانجي سموري حياتي ۾ رهڻ کانپوءِ به توهانکي پنهنجو ناهن ڪري سگهندا..... جڏهن ته ڪي ماڻهو لمحن ۾ توهانکي پنهنجو ڪري وٺندا آهن ۽ سالن تائين پيا سمجهبا آهن. ڪن ماڻهن سان اوهان ڪي غير مشروط سمجهوتا

ڪري حياتي زندگيءَ جو رڻ جهاڳيندا آهيو ۽ ڪي ماڻهو توهانجي حياتي ۾ نہ هجڻ باوجود اوهانجي روح ۾ ڪنهن بي گهر مسافر جيان ترسيل هوندا آهن. توهان انهن کي ڪنهن پوائتي خواب جيان وسارڻ چاهيندا آهيون. پر هو ڏنڌ پچاڻان سج جيان اڀري ايندا آهن. اوهان ڪٿي انهن جو ذڪر ٻڌندا آهيو ڪو انهن جو نالو ڪڻندو آهي... تہ توهان جو ساهہ پرجي ايندو آهي. من اساٿيل شام جهڙو ٿي پوندو آهي. منظر اوهانکي اوپرا لڳندا آهن. اوهان روئڻ چاهيندا آهيون، روئي نہ سگهندا آهيون..... پر، اهڙن ماڻهن لاءِ ڪي اڻ لکا ڳوڙها پاڻ هُرتو نڪري ايندا آهن. اهي ڳوڙها ئي تہ ڪنهن کي پنهنجي مڪمل سچائين سان چاهڻ جي گواهي هوندا آهن.. وڏي ڳالهہ تہ اها آهي اوهان ڪي غم روئي نہ ملهائي سگهندا آهيو نہ ڪي خوشيون.... ۽ ڪيئي دفعا تہ اهڙا ماڻهو سالن جا سال دل تان لهي ويندا آهن.... ڪي پل وسري ويندا آهن.... ماڻهو بي گُندرو ٿي پوندو آهي..... محبت ڪي وساري ويهندو آهي.ڪي زماني جون مصروفيتون، نوڪري، ٻار، گهر، آسائشون ڪي سمجهوتا.... پر پوءِ بہ اهي مور ماڻهو من جي ڪنهن ڪنڊ مان،ڪنهن روح جي جزيري مان،ڪنهن مختصر خواب وسيلي،ڪنهن ڊائري جي پنن ورائڻ سان،ڪنهن خوبصورت شام،ڪنهن جهڙيالي‌ءَ مهل اوهان جي ذهن جي پڌر تي نروار ٿي ويهندا آهن.ماڻهو کي پنهنجي ويساري تي ملامت ٿيندي آهي. بودلا !

ويسارا عارضي ٿيندا آهن. مستقل محبت ٿيندي آهي.

خبر اٿئي، هن سموري ڪائنات جو مرڪز محبت اٿئي.... اهي ماڻهو وڏا ڀاڳوند هوندا آهن؛ جيڪي محبوب ماڻيندا آهن.

ڪاش! سي.ايس.ايس.پي. پاڻ پهريئن ملون ها.... تہ منهنجي نصيب ۾......

ڪهڙو نصيب.....

بقول تنهنجي مان تہ..... پوءِ بہ بودلا! تو اسان جهڙي ماڻهن کي خبر ئي نہ پوندي آهي.... ۽ ماڻهو لاشعوري طور ويندو آهي ڪنهن جي من ۾ لهندو..

توکي اها ڳالهہ ياد آهي... هڪ ڏينهن ڪاريڊور جي پٽ تي ڪتاب سيني سان لڳائي اداس ويٺي هُئين... مان امتحاني ڪمري مان اٿي اچي تنهنجي آڏو ايئن اچي بيٺو هُيس، جيئن پُوڄاري بت آڏو بيهندا آهن......

الائي ڪهڙي حُجت هُئي توسان.....

چيومانءِ.......

پيپر جو ٽائيم ٿي ويو آهي،هتي ڇا ٿي ڪرين...

مان نہ ڏيندم، تياري ناهي.....

توهان ڏيئي اچو....

پوءِ مان پهريون دفعو.....هڪ منٽ لاءِ تنهنجي اکين ۾ ڏٺو هو..... تُنهنجي تياري هوندي آهي. پاڻ تي يقين نہ هوندو اٿئي، اٿي هل پيپر ڏي.....

نہ مان نہ ڏيندم.....

پوءِ تياري ڪرين ها نہ،توکي ڪنهن روڪيو هو......

اٿي بہ هاڻي...... شاباش...... ٻڏي نہ ٿي ..... ٽائيم وڃي ٿو.....

تون پوءِ بہ ويٺي رهي هُئين....

مان چيو نہ، تون ڪرين سگهين ٿي پيپر..... اٿي اٿي، شاباس....

....

پوءِ پلا مان بہ نہ ڏيندم پيپر.......

تون منهن خراب ڪري ڪلاس روم ۾ هلي ويئي هُئين......

۽ ها.... جڏهن پريزنٽيشن گروپ جي اڳواڻ ٿي هُئين مان حسب معمول ڪلاس مان absent هُيس.... تہ تون...گروپ جا سڀ ميمبر ڪنفرم ڪري هڪ نالو خالي ڇڏي ڏنو هو..... خبر اٿئي هن سنسار

۾.. بيشمار ماڻهن... ايئن ڪيترائي نالا خالي ڇڏي ڏيندا آهن...... ڪڏهن ڪڏهن ڪي جايون خالي ڇڏيون آهن... ڪڏهن ڪڏهن اهي خال پرڻ جي اميد تي حياتين جا ڪيئي سج لهي ويندا آهن.... انهي خالي پٽيءَ جا اوسيئڙا وارن ۾ چاندي آڻي ڇڏيندا آهن.... ان خالي پٽيءَ جو به پنهنجو درد آهي، پنهنجو رومانس آهي..... اِهي خالي پٽا به معني خيز لڳندا آهن.... انهن جا پنهنجا نَشا، پنهنجون ڪيفيتون، پنهنجون اُداسيون هونديون آهن... پوءِ جڏهن مان به ڪلاس ۾ موٽي آيو هئس.... هڪ استاد توکي ڊائس تي سڏائي گروپ پورو ڪرڻ جو چيو هو..... تون هَٻڪي هَٻڪي منهنجو نالو ڪنيو هو ۽ ڪلاس ۾ هوڪرا پئجي ويا هئا..... ڇڻ ته پنهنجوcouple ناهيندڙن ڪي پڪ ٿي هئي.... انهن هوڪرن، سيٽين، نعرن مهل مان تنهنجي چهري کي چتائي ڏٺو هو..... تنهنجي ان بااعتماد تاثراتن کي لفظن جي اڻپورن انگوڙن ۾ ڪيئن ٿو لاهي سگهجي.......

ڪيتريون ڳالهيون ياد ڪري ڪيتريون ڳالهيون ياد ڪندين..... ماضي ۾ جيئڻ ڪيڏو نه مشڪل ٿئي ٿو سي.ايس.ايس.پي

شايد ڪي ماڻهو توهانجي زندگيءَ ۾ ايندا ئي مهمان ٿي آهن..... مهمان، مهمان ئي هوندا آهن سي.ايس.ايس.پي.... مهمانن ڪي آخر ڪار هڪ ڏينهن وڃڻو هوندو آهي..... انهن کي ڪيترو ترسائبو...... ڪڏهن خوشي پڄاڻان اداسي کي محسوس ڪيو اٿئي.... عيد جي شام، شادي جي پُڄاڻي، ۽ ڪنهن ماڻهو جي موڪلاڻي...... ماڻهو ننڍڙو ٻار هجي ته روئي ڪڍ لڳي پئي.....

واقعي بودلا!

ڪي ماڻهو من جا مهمان هوندا آهن.اوهان جي روح ۾ انهن جون اوطاقون هونديون آهن... انهن ماڻهن بنان اڻپورو جيئڻ هڪ احساس جو سفر شروع ڪندو آهي جيڪو سفر اندر ڪي رهڙيندو رهندو آهي. افسردگين جي ڪيفيت پئدا ڪري ننڊ مان ڇرڪ ڏياري اٿاري

ويهاريندو آهي. پوءِ ماڻهو ڪنهن ٻي محبوب دوست، ڪتابن، جاب، ڪچهرين ۾ پناهه ڳوليندو آهي.....

پر بودلا! ڇا اهو ضروري آهي ته جنهن کي اوهان روح سان ياد ڪيو اهو به اوهانکي ياد ڪندو هوندو؟

شايد......

سي ايس ايس پي اهي ماڻهو ڪيڏا نه خوشنصيب هوندا آهن، جيڪي اوهانجي زندگي ۾ پهريئن ايندا آهن، انهن سان ڪهڙي ريس.....
ڪاش! مونکي به تو جهڙي روح جي رياضت قبول ٿئي ها.... پاڻ تي ضابطو آڻيندي به توڏانهن تانگهه ٿيندي رهندي هئي.... پر تو منهنجا سڀ رستا هڪ هڪ ڪري بند ڪري ڇڏيا...... تو جهڙي انسانن سان ماڻهو ڪيترائي سمجهوتا ڪري سگهي ٿو.... ڇو ته تنهنجا ڪي آدرش آهن.... ڪي مقدس خواب آهن.... تنهنجي پهريئن محبت به قبول، ڇو ته ان وقت مان تنهنجي زندگي ۾ نه آئي هيس.... مان ڪيتري به ڪوشش ڪيان.... تنهنجي پهريئن پيار جي جڳهه نه ٿي وٺي سگهان.... ڇو ته تون ان کي هڪ پل به وسارڻ لاءِ تيار نه آهين...... تون شادي به ڪري ڇڏي.... ڪيڏو تڪڙو آهين سي. ايس. ايس. پي.... هاڻي تون ٻڌائي ته منهنجي لاءِ ڪهڙي گهڻي بچي ٿي....... مونکي توکي گهڻو ڪجهه چوڻو هو.... تنهنجي ذات تي جڻ ته مون ڪيئي ناول لکيا هئا.... پر سڀ احساس تنهنجي پهريئن پيار کي ارپيان ٿي.... تنهنجي ٻارن کي ارپيان ٿي.... ائين به ڪي راز، ڪي من جا ڀيد، ڪي غم، ڪي خوشين، خواهشن جا ماڻهو جي اندر ۾ ئي مقام هوندا آهن. تو جهڙا ماڻهو قسمت وارن کي ملندا آهن..... خبر ٿي نه هڪ ماڻهو جا، ڌرتي جي هن گولي تي محدود اختيار هوندا آهن. ماڻهو چاهيندي به پنهنجا مَن ناهي ماڻي سگهندو.... ها باقي اهو اعتراف ڪيان ٿي........ توسان هڪ رشتو رهندو، پر مان ان کي ڪو عنوان نه ڏيئي سگهنديس... اهو انام رشتو هوندو يا ڪا انڊراسٽينڊنگ آءِ ڊونٽ نو.... آءِ ڪانٽ ايڪسپريس ان وردس...... پر تون ڄاڻين ٿو

منهنجو پيار ڪو ٻيو آهي..... جيئن تون ڪنهن سان سچو آهين، ايئن مان بہ..... ان رات فون تي جڏهن تون ٽاپڪ تي ڊسڪس ڪندي ڪندي اچانڪ پنهنجي سموري زندگي جو ڪتاب مون آڏو کولي رکيو هو تہ زندگي ۾ پهريون دفعو مان ڪنيز جي ڪچي ٿانو جيان تنهنجي اعتراف جي پاڻي ۾ ڀُرندي رهي هيس... نہ چاهيندي بہ، تنهنجو سهارو نہ سمجهي مان فراز ڏانهن مائل ٿي ويئي هيس..... مان ڪيترائي ڀيرا توڏانهن واجهايو..... پر تنهنجي دل جي قلعي تي تنهنجو پهريون پيار قابض پائنيم..... مان هر ڀيري ڀُري... ڀيهر جڙندي رهيس.....

مان بار بار پڙهڻ نہ ٿي چاهيان سي ايس ايس پي.....

مان تنهنجي شادي جي منائي ڪي ڪيتري وقت کان هٿ ۾ گهڻي دير تائين رکي، توکان لڪائي ڪلاس جي دري مان اڇلائي هئي... پوءِ بہ احساس جا رشتا ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ زنده رهندا آهن، جي حياتي ۾ ڪٿي آمهون سامهون ٿياسين بہ، تہ در گذر ڪري ڇڏيندا سين، ڏنو اڻ ڏنو ڪري ڇڏيندا سين.... تون ايئن ضرور ڪجانءِ نالا متائي اها ڪتا لڪندو رهجانءِ، ڇو تہ اهڙين کهاڻين جا نہ ڪڏهن انت ٿيندا آهن نہ پڄاڻيون.....

....هي سمورو جهان رشتن جو الجهي ويل سُٽ ئي تہ آهي. جنهن ۾ تو مان جهڙا سوين، هزارين، لکين ڌاڳا هڪ ٻي کان هٿ ڇڏائڻ جي باوجود، هٿ ناهن ڇڏائي سگهيا..... مختلف ڳنڍين ۾، هڪ ٻي کان پري، مختلف وڪڙن، وٽن، ۾ ويڙهيا پيا آهن.... سي. ايس. ايس پي...... احساسن جي واٽ جا هزارين موڙ آهن،هزارين چوراها.... ڪا خبر نہ ٿي پئي تہ ڪهڙي واٽ ونجي.... احساسن جا رشتا نہ ساٿا ٿيندا آهن نہ ئي انهن ڪي اَڇا پوندا آهن...ڪنهن سچ چيو آهي تہ موت ماڻهو ڪي هڪدم نہ پر ڪيئي دفعا ايندو رهندو آهي..... مان هڪ ڏينهن ڪلاس ۾ ان ڏينهن بہ شايد مري ويئي هيس، جڏهن توکي شادي جي بوسڪي واري وڳيءَ ۾ تنهنجي ميندي لڳل ريٽي هٿن ۾ پنهنجي خواب ڪي ڳاڙهو رتو پارائي تحليل ڪري ڇڏيو هيم.....!!

پٽرائڻجي ويل اڪيون....

ٻُڌ...

چئو...

ڪِرائي جي پَٽ سٽ ڪر تہ..... سياڻي آخري ڀاڻ ماري اچون......
مانَ.... بي الله.. ٻچو ٻَچي پَئي.....

ڪنهن ڪان گهران۔؟ نظري تہ ماڻهن کي پاڻ۔ گُهر ان ڪان جيڪو ڏيئي نہ پچاري.. اوڌر بہ ساون کي ملندي آهي.

تون وڃي تہ ڏسجان ...... ڪڏهن ڪڏهن گڳ مان لڪ ٿي پوندو آهي...

تنهنجو تہ دماغ ڪم ڇڏي ويو آهي.. چري ٿي پئي آهين.... جنهن کي ڊاڪٽرن لي دوا ڪيو آهي......

مان ماءُ آهيان..... اميد ڪيئن ٿي پلي سگهان!؟ ماءُ جي اميد قبر ڪان ڊگهي ٿيندي آهي.

پاڻ غربت هوندي وسان تہ ڪونهي گهٽايو... پُٽ پنهنجي حصي جو آهي تہ بيماري ان کي ڪون ماريندي.... درگاه پري آهي.... اڇ وڃ جو ڀاڙو ڪٿان ايندو؟

مڙيئي ڏس ڪنهن کي..... الله وڏو آهي.. ٻچڙي کي درگاهہ تي ڪٽي هلون.. هٿ پير هٽي رڳو ڪرايو هٿ ڪري اچ.. باقي پٽ تي سمهي، ننگر پاڻي پي گذارو ڪنداسين... ڳالهہ نو راتين جي آهي.. مان بِي الله....

رات گذري تہ ڪنهن کي منٿ ڪيان ٿو .پر اسان کي اوڌر بہ ڪير ڏيندو؟ اوڌر بہ سُکين ستابن کي ملندي آهي، ڪنهن آسري تي ملندي آهي.... ڪو سچ ڪوڙ ڪرڻو پوندو آهي.... پاڻ کي اوڌر ڪير ڏيندو ...... پوءِ بہ سياڻي ڪنهن کي ڏسان ٿو...... رات رڻ ۾ ڳوٺ جو پنڌ ٿي پئي ٿي. ماءُ جون اکيون آسمان سان همڪلام ٿيڻ لڳن ٿيون..... پيٽ پالڻو هجي تہ پِني بہ پالي وجون... سچ

نڪرڻ کان پهريئن ئي مراد ڳوٺ ۾ نڪري وڃي ٿو..... ۽ آخرڪار ڪجهہ پئسا اوڌر تي وٺي واپس گهر پهچي ٿو...... معصوم ٻچڙي کي کڻي درگاهہ تي پهچن ٿا..... گهڙيون پاسو ورائين ٿيون، هڪ ٻيو ڏينهن بہ گذري واڳون شام حوالي ڪري ٿو.....درگاهہ جي اڱڻ تي بي شمار بيوسين جا هٿ پنهنجي پنهنجي نبل، ڪمزور، مرضن ۾ وڪوڙيل پيارن کي هٿ پڪا لوڏي رهيا هجن ٿا. ڪنهن کي ڪهڙا مرض تہ ڪنهن کي ڪهڙا مرض.... سيئي مسئلا، سيئي مرض دعائن جي ڏاڍن، اميدن جي آسن سان ٻڌل.... هڪ ٻي کي آٿت.... درگاهہ جي در تي ڳچي ۾ ڪپڙو ويڙهي پنهنجي پيارن جي صحتيابي لاءِ دعائون پندڙ پوڙهيون عورتون.... درگاهہ جي ڪنڊ ۾ قران پاڪ جي تلاوت ڪندڙ ماڻهو... درگاهہ جي مجاور جون آٿتون ۽ آسرا..... اگر بتين جي خوشبو.. چندي جي وڏا ڪلف لڳل پيٽي، درگاهہ جي دروازي تي ڇُمجي چمجي لَسا ٿي ويل پٿر، جاري ۾ جهيٽا ٻرندڙ ڏيئا ۽ انهن جو متاثر مريضن جي بيمار بدن تي مکڻ، درگاهہ جي دري ۾ لوڻ جي لوٽي مان، لوڻ جي چپٽيءَ جو زبان کان هيٺ لهڻ..... درگاهہ جي چوپاري کان پُنيرا موٽندڙ زائرين جا قافلا... درگاهہ جي سرينهن جي چوٽي ۾ ٻڌل علم پاڪ ۽ مجاور جي ڪوٺي سان گڏ جهونو ٻير. ٻير سان گڏ قبرستان، قبرستان ۾ ڪبڙ جي پوڙهي وڻ جو مُڙي وڃي ٽڏڙين گڦائن ۾ پٽ تي تڏي وڇائي سمهندڙ جهونو مُجاور ۽ پرسان پاڻي جا ٽڏا مَٽ.... آزيون، درگاهہ جي مسجد ۾ عشاءَ جي آذان.... ننگر جي تقسيم.... ننگر بطور شفا.... ۽ قبرستان ۾ هانءُ ڏاريندڙ خاموشي.... خوابن جي قتلام، مختلف نفسياتي مونجهارن ۾ وڪوڙيل آسن سان سمجهوتا ڪندڙن، چپ، ٻڙڪ بہ ٻاهر ڪڍندڙ جنن، پرين، ديو، تعويزن ۽ آسيبن جي اثر هيٺ چُپ چپ ڪري، رکي رکي درد وچان رڙيون ڪندڙ نوجوان ڇوڪريون ۽ عورتون.. امڙ جون آٿتون.... شُڪارا پري ڪچي نند

مان اٿي ويندڙ سندن مائٽ..... الله ٻاجهاري کي ٻاڏائيندڙ مائٽ..... اڌ رات جو ڪنهن مهل مسجد جي در تي ته ڪنهن مهل پنهنجي پيارن کي سهارا ڏيئي درگاھ جي در تي رسائيندڙ هٿن جو ٻاڏائڻ... درگاھ ڪان پرڀرو لوڪ ڪان لڪائي ڀوءَ تي ڀنيهڪار ڏيئي روئي هانءُ هلڪو ڪري ايندڙ پيءُ جا بس نه ڪندڙ ڳوڙها.... درد وچان دانهن، آهن، ڇرڪ، روئاٽ تي بار بار ڦٿندڙ ننڍ.... اُڪ، مڇر ٻي چيني..... ڪنهن ڪنهن مهل ڏکڻ جي هوا جو ٿڌڙو جهوٽو...... ۽ پيڙاءُ کي جهٽ گهڙي جي ننڊ....... عصر ويل اڌڪو ڏيئي اٿندڙ پيءُ جو بيمار پٽ کي سنڀارڻ...... ٿَڪي پيل نندڙي دل ۽ ٿڌو ٿي ويل وجود..... خالي ڪيسو.... درد کي ڳيت ڏيئي...... ڪلهي تان ڪپڙو لاهي.... معصوم ٻچي جي چوڏاري ويڙهي ڪلهي تي رکي..... تازو ئي ٿڪي ستل ماءُ کي لوڏو..... ۽ هلي پوڻ.....

ڇا ٿيو؟

منهن تي آيل مضبوط هٿ......

۽

پوپان پوپان اچڻ جو اشارو..... وڏي وڏي ٻرانگهن سان درگاھ جي حد مان نڪرڻ.... ماءُ جون سُوالي نگاهون... ماءُ جون اميد اجان قائم.... متان ٻچڙي کي اسپتال کنيون ٿا وڃون...... متان ٻي هنڌ... ڪنهن مهل سڄي پاسي منهن تان ڪپڙو لاهي، ڪنهن مهل ڏُکي کٻي پاسي ڏانهن منهن تان ڪپڙو هٽائي ڏسڻ جي ڪوشش...... اڏائي اڏائي مٽن جو وزني ٻوريون کٽي ڪُڏائيندڙ مزدور پيءُ جي ڪُلهن تي ايترو بار جيئن ڪنوات جي ڪلهن تي اٺ جيترو بار..... پنڌ ئي پنڌ... واريءَ جو پنڌ...... پوپان سوالي اَکيون...... واپس گهر تائين پنڌ....... ڇِڳل کٽ تي رکيل معصوم لاش..... ماءُ جا اپ ڏاريندڙ پار...... ۽ پت سان ٽيڪ لڳائي ويهندڙ پيءُ جو پٿرائجي ويل اکيون.....!!

پيرادو

سچ زمين جي سيني تي جيئن ئي روشني جو پلئه وڇايو......تر جي ونگاريل ٽريڪٽرن ٻن واريءَ جي دڙن جي وچ واري زمين ۾ ڪيڻ گهمائڻ شروع ڪئي......رات اڳواٽ ئي سموري تر ۾ پيراپيٽ جو پڙو گهمايو ويو هو تہ علائقي جا سمورا نوجوان نيت پٽ ڏيڻ لاءِ وارياسي پٽ تي پيرا پيٽ ڪرائين - جيئن ئي صبح جُوان ٿي تہ واريءَ جي دڙن تي پڪا پوڙها، نوجوان ويا گڏ ٿيندا. چوڌاري واريءَ جي دڙن تي ويئي ڳئہ وڏندي.... دڙا ماڻهو جي ڪپڙن سان ويا رنگين ٿيندا.... جيترا وات، اوتريون ڳالهيون.... ڳالهين جا ڳوٺ ٻڌجي ويا.....

چوري والو واري آڪهہ ڪان ٻاهر ڪونهي.... پٽاريءَ هُئي بہ پنهنجي مهينن ۾.... چاچي ڪيهر ڪانپ ڪيندي چيو.....

جندل الله نہ پلائي تہ چور ڳئون ڏاڪٽين ڪس وچي ٿمي......

واهور پيرو ڪاٿي وڃايو؟

ادا پيرو ڏنگو ڦِڏو ،انڌو مندو لڱندو ويو...مڙس ڪاهڻ وارا ٿي هِن - هڪ ڪي ٽائر آ،هڪ جو دڦ،ٿيون پيرن اگهاڙو....هوا پير لٽي چڙيا ها....پر مڙسن پيري جي جند ڇڏي ڪون...وڃي گهٽ جهليائون.....پر چورن جي ڪاٿيءَ تکي.....

پوءِ.......

پوءِ وڃي ريل جو بند ڏنو اٿن....

خيرا! آهي تہ بخشڻ جاڳريءَ جو تڪڙو..... پوءِ....

بس ادا ڪِسني........

سچو ڏينهن هو زمين تي.... ان ڏينهن ئي ٻنو جهلي... مس اڃي رات چِرڪي گهر پهتو هو.... بس پوءِ پوئين رات جيئن ئي اک لڳي اٿس تہ هنن ڪئي آ الله ٺُهار.....

هائو يار........

ڪُتن جي بہ باهوڙ هُئي....... مان ڳنايو.. صدوري ڪي بہ اُٿايم.....
مان چو ابا ٻاهر نڪري واڙي ۾ مال سنڀار..... ڪُتا ڇو ٿا ڀونڪن؟؟!
چي: ابا ملڪ ۾ چوري جو نانءُ ئي ڪونهي ،ڪتن ڪو اوپرو ڪتو ڏٺو هوندو.... ڪت جي بہ موسم آ.......
ادا!
جوان مڙس هِن.......
مونکان سُمهيو ٿئي ئي نہ..... مينهن ڀٽاريءَ جي ٿلي بہ وڏو وهم..... ڇڳو جي اٿي وڃي....ليٽ ٻاري ڏٺم تہ ڀٽاريءَ جو رسو سوڙهو ٿيڻ ڪري، گهٽو پئي ڪاڏئين.... اجو وڃي پاڻ ڍلو ڪيو ٿم....
اڃان موٽي آلهيو مس آن تہ ايڏانهون توهان آري پاسي ڏانهن ڪُوڪڙي ٿي..... مان تہ ڀريئن هڪل سڃاتي..... بخشڻ جي هئي.....
ايئن ئي جندل ست ڏيئي اٿيو.....
آيا سي ڙي آياسي.......پئجي ويئي......
پنهنجي تہ پيڙهين ڪان وٺي ڀريئن ڪوڪڙي جي وات آ ادا..... پوءِ ملڪ اٿي پيو.... جنهن ڪي جتئون آئي لٺ، ٻانو بندوق ڪٽي اٿي پيو... پئي بندوقون ڇڏيائون... پر، پوءِ پتو پيو تہ بخشڻ ڪي مال سنڀارڻ ۾ ڪُجھ دير ٿي ويئي هئي.... چور ڀريئن نڪري ويا ها.....
هائو ادا!
پوءِ رات پنڌ جو نبيرو..... پر ٻيلي گهبراءِ نہ خدا بخش تر جي ذات انسان جو پيرو ڇڏيندو ڪون. چوندا هن خدا بخش ڪي چور جي پيري جي ڏپ پوندي آهي...... چور ٻلي ست پر پائي اچي؛ پر پُٺي وڃي پٽيندس. چاچي الله جوائي ٻيڙي ڏُڪائيندي چيو..
الله جوايا تنهنجي ڳالھ اڳتي پر ٻيلي ڪنهن ڪنهن مهل لِڪ بہ ڪندو ٿي.......
ضرور زمانو آهي ادا،ست-طرفي دشمني ڪي بہ ڪي مڙس منهن ڏين....
نہ نہ ان ڳالھ ۾ خدا بخش بہ دفعا مڙس ماٺهو آهي.... مهل بہ ملهائي ڄاڻي..

تڏي جو به مڙس ماڻهو آڳلي ڪٽڪ اچي مهمانن جا لهنس ته به منهن ۾ وڪڙ نه وجهندو....

هائوير، تر ۾ خدا بخش جو نالو ته گاڏي ئي ناهي ڪٽندي.....

او ميان پيو ته هن جي پيرا پرڪائي جا سوين قصا پر ورهين کان زمين تان گم ٿيل لسي جو وٿو گم ٿي ويو هو... سو هي پئي آيو رستو ورتي، گدڙ جي پيري تي نظر پوندي ئي، ٻي ڏينهن وچي گدڙ جو پيرو گدڙ جي گور ۾ وڌائين، گورکوتائي وٿو وچي ڪڍايائين....

رسول بخش پيو ڳالهه ڪري ته هڪ چوري وچي ڪيائون. پيرن تي ڳوٺيون ويڙهي، مٿئون ڏاندن وارا ڇڪا چاڙهي، دڦ به ڪندا ويا، چال به مٽايائون، پيري وڃائڻ لاءِ جنگهن سان تارا ٻڌي، گهسيٽا به ڪندا ويا....وڏي ڳالهه اها ته ان چوري ۾ هڪ نئون ڇوڪرات لقمان به گڏ هئن.... نئون نئون اٿيو هو... پهريئن چوري هيس.... خدا بخش کان پيرو ڪرايائون......

پيرو جاچيندي...... اتي ئي ڦهڪو ڪرايائين....

چي: نئون پير آ، پر پيڙهي رسول بخش وارن جي مان آ، پوءِ جي رسول بخش جو ماروٽ لقمان آ، ته به خاصو جي ڪو نئون چور سماڻو اٿن ته به خاصو.....

خدا بخش اچي چورن کي ڳڪ ڪيو.....ڪا چوري ڦٻڻ ئي نه ڏين.... اصل وچي واهر کي ٿمر تي بيهاري... ڪيئي دفعا چورن اڳ وريس، وڙهيس، دهمان دڙڪا، دشمنيون پر خدا بخش پيرو ڪرڻ نه ڇڏيو.....

چاچا اها به خدا جي ڏات چئبي..... جو ماڻهو، ماڻهو جي وک، ڪُر، پير، چال، چنبو لَڪي وچي چور جي ڪلهي تي هٿ رکي.... جمعي مُڇ ناهيندي چيو

پر يار جواني جي جوبن ۽ پوڙهائپ ۾ زمين آسمان جو فرق آ.... هاڻي خدا بخش ۾ اها رَڏي نه رهي آهي... اکيون به وبهجي ويون اٿس، پير پاڪڙن ۾ اٿس.... ويتر زمانو به ظهير ٿي ويو آهي، اڳيون وقت ڪاٽي رهيو آهي.

پيريءَ کي سئو سوراخ.....

پر چاچا پوڙهو اڻ ٻہ ڪنوات لهي.....

نہ با، نہ هاٿي اُهي چور رهيا آهن؛ نہ ساڌ... نہ اها زبان، هاٿي تہ ابا ماڻهو ست زبانو ٿي پيو آهي.. اڳي چور ٿَرَ ۾ چوري نہ ڪندو هو... اوڙي پاڙي جو خيال ڪيو ويندو هو.... مجبي هئي تہ موٺائبي هئي.... چوري هئي، ڏاڍ نہ هو.. هاٿي تہ تيل جي جاءِ تي پاڻي ٿو ٻري....... ماڻهو صبح جو هڪ تہ شام جو ٻي ڳالهہ ڪندو....ماڻهو ڦرندي دير ئي نہ آهي ....ماڻهو جهٽ تولو آ، تہ جهٽ ماسو......

ميدان تي پٽڙو تہ لڳي ويو آهي......

پر خدا بخش دير ڪئي.....ڪٽڻ ويا اٿس.....

مڙس جهونو آ......

ادا هو ڏس اچي نہ ويا.....چاچي الله جوايي اکين مٿان هٿ جو ڇپر ٺاهيندي چيو...

هائو ٻيلي.....

وڏي واڪي اعلان ٿئي ٿو......

اتريان،ڏاکڻيان،اوپاريان،اولهائان سڀ لهو ميدان ۾.....شلوارون ڪُنجي پنين تي ڪيو.....

پهريئن ٽولي گهمڻ کانپوءِ....خدا بخش پير ڏنا....

ٻي ٽولي،ٽيئن ٽولي آخرڪار سڀ ميدان تي پيرين اگهاڙا گهميا ـ جيئن ئي پهريئن ٽولي گهمي چڪر پورو ڪيو تہ، ٻي ٽولي گهمائڻ کان پهريئن ٽريڪٽر سان پٽڙو گهمائي پيرن جا نشان مٽايا پئي ويا.....آخر ڪار علائقي جا سڀ نوجوان گهمي مٿي چڙهي بيٺا تہ...سيني ماڻهن جي نظرن خدا بخش جي ڇهري کي چنبڙ جيان ڏسڻ شروع ڪيو...اجهو ٿو خدا بخش چور جو نالو هتي ٿو ڪٽي....يا ياڳئي کي پنهنجي جاءِ تي ٿو ٻڌائي.....

خدا بخش پاڳيءَ چور جو نالو ڪڻندي وراڻيو.....سواءِ چند پيرن جي هر پير ۾ چور جو پير ٿو لڳي. ايئن ٿو لڳي هر ڪنهن ڪا نہ ڪا چوري ڪئي آهي. ڪنهن جو نالو ڪٽي ڪنهن جو نالو ڪٽان. ايئن سمجهيو ڪٽي بخشڻ جي ڳئون جو پيرو چند گهرن ڪان سواءِ مان هر دَر اڳيان وچايو آهي....!!

مان انسان ٿيندس

اڄ ڏنڊ ،جهڙيالي ۽ سخت سيءُ باجود هيڊ ماستر صاحب ساجهر اسڪول پهتو هو.پٽيوالا ڪلاسن ڪي گهوٽ جيان سينگارڻ ۾ جنبيل هئا. ڪنهن ٻهاري ڏيئي چٽڪار پئي ڪئي، تہ ڪنهن ڪجي جي ڦرهن سان ڇارا پئي لاٿا، تہ ڪي وري فرنيچر جي چند ڦوڪ ۾ رڌل هئا.ڪجھ رستي تي چوني سان آڏر ياءُ لکڻ ۾ مصروف هئا. ڪلارڪ بہ گرم ڪپڙن ۾ ويڙهجي سيڙهجي پهتل هئا ۽ ريڪارڊ سيٽ ڪرڻ ۾ پورا هئا.استاد صاحبان بہ معمول جي ابتڙ ٽائيم تي هڪ هڪ ٿي پئي پهتا ۽ پهرين سَٽ حاضري رجسٽر تي صحيح ڪرڻ لاءِ پئي ڪيائون......اسيمبلي لاءِ گهنڊ وڳوٻار گڏ ٿي قطارون ناهي بيٺا،قرآن پاڪ جي تلاوت ڪانپوءِ ترانو پڙهيو ويو جنهن ٻارن استادن ۽ هيڊ ماستر کي سلام ڪيو تہ هيڊ ماستر ٻارن سان مخاطب ٿيندي چيو: اڄ ڪيڏا سهڻا لڳو ٿا اسڪول يونيفارم ۾_بابا جيئن تہ توهان کي خبر آ،اڄ جج صاحب سيڪيورٽي رپورٽ جي سلسلي ۾ پنهنجي اسڪول جو دورو ڪندو_ ڪلاسن ۾ گوڙ نہ هجي،هڪ استاد جو پيرڊ پورو ٿئي تہ يڪدم ٻي استاد کي سڏي اچڻو آهي_جج صاحب سوال پڇي تہ ڪوشش ڪري صحيح جواب ٻڌائڻا آهن.

هاڻي قطار ناهي ڪلاسن ۾ هلو................

ٻارن جي وڃڻ ڪانپوءِ استاد بہ پنهنجي پنهنجي پيرڊ وٺڻ لاءِ ڪلاسن ۾ هليا ويا ۽ ڪجھ استادن اسٽاف روم جو رخ ڪيو... اڄ اسڪول جو نقشو ئي مٽيل هو...

پٽيوالي جي ديد دڳ ڏانهن هئي... جئين ئي جج صاحب جي ڪار کي ايندو ڏٺائين...سڌو وڃي صاحب جي آفيس جو در کولي چيائين:

سائين جج صاحب اچي ويو.............

ٺيڪ آ،استادن کي ٻڌائي،ڪلاسن ۾ ڪنٽرول ڪن.....

پٽيوالو هر ڪلاس جي در آڏو بيهي هڪ ئي جملو ورجائيندو ويو....

سائين جج صاحب پهچي ويو اٿوءَ هوشياري وٺو ـ ٻار ڪتاب کولي پڙهڻ لڳي ويا.....جج صاحب ، هيڊ ماستر ۽ جج صاحب جو گن مين آفيس مان ٿيندا سيڪيورٽي معاملن تي ڳالهائيندااچي ڏهين ڪلاس ۾ داخل ٿيا تہ سڀني شاگردن ڪورس جي انداز ۾ اٿي سلام ڪيو....۽ جج صاحب وعليڪم سلام چئي سڀني کي ويهڻ جو اشارو ڪيو.....

سڀ ٻار جج صاحب ڏي اچرج وچان نهارڻ لڳا..... جج صاحب روايتي سوال پڇڻ ڪانپوءِ هڪ ٻار ڏي آڱر جو اشارو ڪيو ۽ پڇيائين:

ها پٽ تون وڏو ٿي ڇا ٿيندين؟

سائين ڊاڪٽر!

ڀورن جو ماڻهن جو؟ ڪلاس ۾ ٽهڪڙو

ماڻهن جو سائين

هممم،ماڻهن جي ڳري فيس ذريعي کل تہ نہ لاهيندين ؟ ڪي ڦورو ڊاڪٽر ٿيندين؟

نہ سائين مان ڊاڪٽر ٿيڻ ڪانپوءِ غريب مريضن جو علاج فري ڪندس!.........

همممم،سڀ ائين چوندا آهن،بعد ۾ ڦري ويندا آهن....

ها بابا تون ٻڌاءِ؟

سائين مان انجنيئر ٿيندس...

گڊ،پر ايماندار انجنيئر ٿجان ـ ائين نہ ڀُتيون ڀُلون ناهين ۽ پيلا روڊ اهي بہ ڪاغذن ۾!...........................

ها ڇوٽو تون ڇا ٿيندين؟

سر مان فوجي ـ ويلڊن

ها ننڍڙا تون ؟

سائين مان استاد ٿيندس.....

همم،گوسڙو استاد تہ نہ ٿيندين نہ؟

نہ سائين ـ

ها بابا فرض شناس استاد ٿجان_ پنهنجي قوم کي هڏ ڏوکي ۽ ايماندار استادن جي شديد ضرورت آ.....

ها بابا تون؟

سائين مان؟

نہ هو جيڪو دري جي پرسان ويٺو آهي_ ها ،ها تون.....

سائين مان پوليس آفيسر ٿيندس.....

زبردست،راشي پوليس آفيسر ٿيندين يا فرض شناس؟

سائين فرض شناس....

ڏسون.....

تون مشڪي؟

مان وڏو ٿي گهوٽ ٿيندس! ڪلاس ۾ ٽهڪڙو....

جج مسڪرائيندي... همممم،اهي تہ سڀ ٿيندا.

ها ،تنهنجو نالو ڇا آهي.....؟

سر بلال، تون ٻڌاءِ؟

سائين مان ڊي سي ٿيندس.

واهہ واهہ..... تون؟

مان سائين سياستدان ٿيندس ۽ ملڪ جي خدمت ڪندس......

ڏسجي،جيتري ٻين ڪئي آ،پنج ئي آڱريون پيٽ ۾_ پٽر هضم،لڪڙ هضم.....

نہ سائين مان بي ايمان سياستدان نہ ٿيندس......

۽،ٽوپي وارا تون؟

سائين مان عالم ٿيندس

ها،عالم ٿجان ۽ حقيقي مذهب جي پرچار ڪجان.....

تون ؟

سر مان ڪرڪيٽر......

سائين مان دڪاندار...

مان،سر،پائليٽ....

سائين مان مختياركار....

گڏ، ها مفلر وارا تون ڇا ٿيڻ پسند ڪندين؟

سائين ! جيڪو نصيب ۾ لکيل هوندو....

ها،پر سخت محنت ڪندين تہ نصيب بہ پلو ٿيندءِ نہ....

جي سائين...

ڏسو ،آءُ جڏهن ايل .ايل. بي ڪندو هئس تہ ڪاليج ٽائيم ڪانپوءِ ٽيوشن پڙهائي،پڙهائي جا خرچ پورا ڪندو هئس ۽ سخت محنت ڪيم تہ آخر ڪار جج جو امتحان پاس ڪيم _تعليم غريب ماڻهن جي دولت ٿيندي آهي. غريب ماڻهن وٽ هڪ ئي هٿيار آهي ۽ اهو آهي تعليم ۽ ميرٽ. جنهن وقت جو قدر ڪيو ۽ سخت محنت ڪئي تہ اهو منزل ضرور ماڻيندو:

جي سائين!

ها بابا توهان ڇا ٿيندوءِ ؟

مان وڏو ليڊر ٿيندس....عوام دوست ليڊر ٿجان.

سائين مان صحافي ٿيندس...

صحيح آ،پر قلم جي حرمت جي پارت اٿئي،صحافت انتهائي نازڪ فيلڊ آهي....۽ ،هي جيڪو توهان سان ڊيسڪ تي گڏ ويٺو آهي.....سر،مان وڪيل ٿيڻ چاهيان ٿو....تون،آءُ پنهنجو ڪاروبار ڪندس...،مان وڏو زميندار ٿيندس....

هاڻي آخر ۾ تون ٻڌاءِ.........او جيڪو ڪُنڊ ۾ ويٺو آهي....نہ نہ تون نہ .... جيڪو آخر ۾ ڪنڊ ۾ ويٺو آهي....

سائين ذري گهٽ هر شعبي ۾ ماڻهن جو رش آهي; پر ماڻهپي جو ڪال آهي،انسانيت جي اُٽاٺ آهي....ان ڪري مان ڪجھ ٿيڻ کان پهرئين ”انسان ٿيندس....!“

احساس!

هلو.... ها، امان کي فون ڏي.....

هلو... امان ....!

جي ابا .....

امان طبعيت ڪيئن آ ....

ها ابا.... هاڻي ڪجهه ٺيڪ آهي ....

امان... بلڊ پريشر جي گورين سان هيٺائي جون گوريون به موڪليون اٿم..... رات جو هڪ کير سان کائيندي ڪر ....

ها ابا ....

ٻيو امان!....ڳالهه ڪنجي ٿي شايد ڳوٺ ۾ سگنلس جو مسئلو آ..... سياڻي ڪال ڪندس.....

ابا.... توکي ڏني ڏينهن ٿيا هِن....اکين کي سڪ لڳي آ ابا..... ساهه تي ڪهڙو اعتبار.... ٻچا!.... هن ڀيري گوريون ڀلي نه موڪلجان...... تون چڪر ڏيئي وڃجان!!!!!!...

امداد...!

اڄ رات ننڊ نيڻن کي پنهنجو ڪري ئي نہ پئي.......... امدادي راشن جو ٻاچڪو مرچن جي لپ ٿي پيو هو ڄڻ... ڇا آهي پوءِ؟........ وڏيرو خانڻ بہ تہ پنجاهہ بيگ راشن جا وٺي آيو آ.............. چي: توهان غريب پِنِي، سر تغاري کڻي بہ پنهنجو ٽبر پالي سگهو ٿا، اسان تہ نہ روزي ڪمائڻ جهڙا نہ پنڻ جهڙا............ سو وچي پنهنجو بلو پاڻ ڪيو!..................

هڪ ٻاچڪو ئي تہ وٺي آيو آهيان............. ائين بہ منهنجا پورا پنج ايڪڙ وونئڻ برساتي پاڻي هيٺ آهن.......... ان حساب سان مان بہ حقدار ٿيس نہ.............

هو خانو ٺيڪيدار بہ تہ ڏهہ ٻاچڪا وٺي ويو آ.......... پر يَر منهنجو گهر تہ نہ ڪريو آهي............ منهنجو سارين جو فصل بہ بچي ويو آ.......... پگهار بہ کٽان ٿو....... ائين بہ، اڄڪلهہ جي زماني ۾ ڪير مسيت جو ڪک آ..........؟! مختيارڪار کان ويندي منسٽر تائين.......... سڀئي امدادي مال ڳڙڪائين پيا .... مان بہ هڪ بيگ ئي تہ ورتو آ......... ڪهڙو ڏوهہ ڪيو اٿم...............

جيڪڏهن مان مستحق آهيان............ پوءِ هي اڻ تڻ ۽ اندر ۾ اڌ ماٺ ڇا جو؟ ڇا مان غلط ڪم ڪيو آ..........؟!

سڄي ڳوٺ وارا تہ راشن وٺي آيا آهن زميندار سکيا، زمينن وارا، پگهاردار .... پيو تہ ٺهيو........

خير جانب وارا تہ وري بہ حقدار آهن.............

حرام ۽ حلال جو تہ ليکوئي ناهي.......... رڳو آ نفسا نفسي..........

پر مان ڪنهن جو حق تہ نہ کسي آيو آهيان.......!؟

خير هڪ بيگ جي کهري ڳالهہ آهي...........

ڪئين ڪيان................؟

راشن بيگ ڪنهن حقدار کي ڏيان...........

ڏجي.................

نہ ڏجي..............

ڏجي...............

ائين ٿو لڳي ھي راشن وٺي ماڻ پنهنجي نظرن ۾ پاڻ ڪري پيو آهيان!!! ماڻهو تہ سمهي پيا آهن پر ھي چنڊ، تارا ۽ رات جڻ منهنجي بي واجبي جا تماشائي ٿي پيا آهن

پلي بک پرم جي شل مَ وڃي شان.......

پڪي بہ تہ انسانن کان پلا آهن.....

حريص انسان!...........

ماڻهو نہ، ماڻهو جو ظرف وڏو ھجڻ گھرجي...........

ماڻهو پلي سيني جي نظرن ۾ ڪِري پوي، پر پنهنجي ضمير جي نظرن ۾ نہ ڪِري..........

ڇا آءُ واقعي ڏوھہ ڪيو آھي................

ها شايد............. بلڪہ پڪ سان وڏو ڏوھہ، قومي، اخلاقي مذهبي، سماجي ڏوھہ..........

آءُ اھو ڏوھہ نہ ڪندس..............

سپاڻي ھي راشن جو بيگ ڪنهن حقدار جي حوالي ڪري پنهنجي اندر جي آڏو پنهنجي ضمير جي آڏو پنهنجي سماج آڏو سرخرو ٿيندس........ ۽ ڪيھہ جهڙو ھلڪو ٿي پوندس!..................

انگ اگهاڙا ٽري ٻار...!

چندو ۽ چاندي راڻي نالي مينگواڙ ڪي ٻہ ڏيءَ پٽ هئا. جيڪي جاڙا پئدا ٿيا هئا. ماءُ انهن کي جنم ڏيئي وجي موت جي اگهور ننڊ سمهي پئي. پاڙي جون عورتون انهن جو پيءُ چندو ۽ چاندني کي پالڻ لڳو. جڏهن چندو ۽ چاندني 8 سالن ي عمر ۾ پهتا تہ انهن جو پيءَ راڻو ٽي.بي جهڙي موذي مرض ۾ وڃي ڪجهہ مهينن اندر زندگي جي بازي هاري ويو. هاڻي چندو ۽ چاندني يتيم ٿي ويا. پيٽ جي دوزخ کي ٽڏو ڪرڻ لاءِ سرندي وارن وٽ ڪڏين ۾ ڪم ڪرڻ لڳا جتي لوئيون. کيس ۽ ڪٿا ناهيا ويندا آهن. اڄ انهن جو ڪم ڪندي پهريون ڏينهن هو. چندو کان ڪم ڪندي غلطي ٿي پئي تہ ڪڏي جي مالڪ هٿ ۾ پڪڙيل ڌاڳا ڪتڻ وارو اوزار هو ۽ اهو تيز ڌار اوزار چندو جي هٿ ۾ زور سان هنيائين. چندو کان اپ ڌاريندڙ دانهن نڪري ويئي ۽ چاندني کي پاءَ جي هٿ مان وهندڙ رت ڏسي وجي پاءُ جي چاتيءَ سان چنبڙي پئي. آخرڪار سور ۽ سختين جا ڏينهن گذاري جيڪي مزدوري جا پئسا مليا. انهن مان گذارو ڪري چندو شيون خريد ڪري پنهنجي سفر پورو ڪري وڻن جي پوبان لڪي ويو ۽ رات ڪاري چادر اوڍي پرپاسي جي هر شئي کي ڪاري اونداهي هيٺ لڪائي ڇڏي ٿي ۽ ٽر جي واري جي ددڙن جي پوئين پاسي ڌانهن طوفان جو آواز اچي ٿو ۽ اهو آواز ايترو تہ خطرناڪ هجي ٿو جو چاندي ۽ چندو هڪ ٻي کي ڀاڪر پائي رڙيون ڪرڻ لڳن ٿا ۽ روئي رڙيون ڪري جهونگارين ٿا.

اوسين آهيون ٽر جا لاوارث ٻار،
نہ ابو نہ امان تنهنجو آسرو اي يتيمن جا يار،
ڪر ڪا سار سنڀار اي ٻاجهارا رب ستار،
اسين ٽري لاوارث ٻار آهيون آسري تنهنجي.

طوفان پهنجو تباهيون مچائي هليو ويو ۽ چاندي سڏڪا ڀري چندو کان پڇڻ لڳي، چندو ڇا اسين واقعي ڇورا ٻار آهيون؟.... هن هيڏي

ساري سنسار ۾ پنهنجو ڪم سهارو ڪونهي؟ چندو وڏو ساهه پري ڇپن جا بند ٽوڙي ڇوڙ لڳو چانڊني پنهنجي قسمت جي چانڊني ۾ ڪڏهن به چانڊاڻ ڪونه ايندي. پنهنجي زندگي ۾ ڏکن جا ڪوڙ ڪڪر دردن پري برسات وسائيندا پر هوا جي هڪ خوشگوار جهٽڪي ڪان به ٽپندي سسڪندي رهندي پنهنجي سورن پريل زندگي ۾ ايئن ڳالهيون ڪندي ڪندي چانڊني جي ڇهري تي ننڊ جا خمار ڦيريون پائڻ لڳن ٿا. ۾ آخر ننڊ جي ديوي چانڊني کي ورائي وجي ٿي. چندو به آسمان ڏانهن تڪيندي سُمهي پوي ٿو. صبح جو جهر ڪيون سجاڳ ٿيندي ئي گوڙ ڪن ٿيون ۾ چندو جي اک کلي وجي ٿي، چانڊني به ننڊ مان سجاڳ ٿئي ٿي بنا نيرن ڪرڻ جي ڪڏي تي ڪم ڪرڻ لاءِ هليا وڃن ٿا. اڌ ڏينهن بنا ڪنهن ساهي جي ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ چندو ڪجهه گهڙيون آرام ڪرڻ چاهي ٿو. پر بي قياس ڪڏي جو مالڪ چندو جي ڳل تي ٿلهي هٿن سان چماٽ وهائي ڪڍي ٿو ۽ ٿلهيون اکيون ڦوٽاري ڇوڙ لڳي ٿو ڇورا جي ڪم ڪرڻو اٿئي ته بنا ڪنهن ساهيءَ جي ڪر. نه ته مونکي توجهڙا ٿوڻي مزدور نه کپن. لالچ جي ٻيڙي تي سوار ان وحشي مالڪ کي چندو جي بي وسي نظر ڪو نه ٿي اچي ۾ چندو جي اکين مان ڳوڙهن جا وهڪرا نديون ڪري وهن ٿا. ڏکن جو سڄو ڏينهن گذاري جڏهن شام جو ڪڏي جو مالڪ چندو جي تري تي چند روپيا رکي ٿو ته چندو جي سڪل ۾ ڏبري منهن تي خوشي جا جهومر جهمر ڪرڻ لڳن ٿا ۾ پيڻ چانڊني کي ساڻ ڪري دڪان تان ڪا شئي خريد ڪري پيٽ جي گهرج کي پورو ڪن ٿا.گهر اچي رات ٿيڻ ڪان پهريائين ٿڪاوٽ جي ڪري ٻنهي کي ننڊ ورائي وجي ٿي. رات جو ڪجهه پهر گذرڻ ڪانپوءِ ڏگهي قد جو هڪ شخص جنهن جي پوري بدن تي باهه ٻري رهي هوندي آهي اچي ٿو. چندو ڊپ وچان ان کان پڇندو آهي. تو.... توتو.... تون. ڪ ڪ ڪ ڪير آهين. اهو همراهه وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي چئي ٿو........ ”آئون ٽر آهيان“ ٽرا! چندو هٿ ٻڌي عرض

ڪري ٿو اي ٽر مون کي بخش ڪر مون کي نہ ساڙ مون کي معاف ڪر! ٽر چوڻ لڳيس ٿو اي لاوارث ڇوڪرا تون مون کان نہ ڊڄ آءُ بہ تو وانگي لاوارث آهيان. هي ڏس منهنجي بدن تي باھہ ٻري رهي آهي. سالن کان منهنجي بدن تي مينهن جو هڪ ڦڙو بہ ناهي وسيو مون تي رهندڙ ماڻهو ظالم ٿي پيا آهن، ٽر جهڙي پُرامن ڌرتي تي ايڏو انياءُ، ٻِتا قتل، ظلم بربريت.... هر ظلم تورڻ کان بہ ڳرو ٿي ويو آهي. هاڻي آئون پنهنجي مظلومن جا بي گناھہ بار نٿو جهلي سگهان. اي ڇوڪرا تون خدا آڏو هٿ کڻي دعا گهر، تہ جيئن خدا مونتي مينهن وسائي ۽ منهنجي سڙي ويل بدن تي ساوڪ ئي ساوڪ ٿي پئي. چندو تجسَس وچان ان ڏي ڏسي ٿو. ٽر جي چوڻ باوجود دعا لاءِ هٿ نٿو کڻي آخر ٽر تنگ ٿيندو چندو جو ڳلو پڪڙي ٿو ۽ چندو رڙيون ڪري ننڊ مان اُٿي ويهي ٿو. چندو جي رڙين تي چانڊني بہ سجاڳ ٿي پئي ٿي. چندو

چانڊني کي چوڻ لڳي ٿو اٿي چانڊني هن ٽر مان ڀڄي هلون نہ تہ هي ٽر پاڻ کي ساڙي ڇڏيندو ۽ پوءِ ٻئي اٿي ڀڄڻ لڳن ٿا. سڄي رات ڀڄڻ ڪانپوءِ بہ ٽر کان ڪونہ ٿا نڪري سگهن ۽ کڏي جو مالڪ ٻنهي کي پڪڙي وٺي ٿو چندو دانهن ڪري ٿو. آهي ڪو جيڪو اسان کي هن ظلمي مالڪ کان بچائي! آهي ڪو آهي ڪو ۽ چندو جا آواز ٽر مان ٿيندا آسمان ۾ وڃي گم ٿي وڃن ٿا.

پريت...!

ڇا احساس پوڙها ٿيندا آهن.....؟ محبت جي منزل به ٿيندي آهي. ڇا.....؟.... هِن جي محبت شام جهڙي خوبصورت هُئي، جنهن ۾ سڀئي احساس مي رقصم هوندا هئا.... هِن جو ساٿ يارن جي ٽولي جهڙو هو جتي سڀ سور، هڙيئي ڏک، دل ۽ دماغ جا جُملي عذاب پنهنجا پنڌ مٽائي سک، سانت، سُرور، سُر ۽ سنگيت جهڙي دلڪش دنيا ڏانهن هلي پوندا هئا.... هوءَ ! هُئي ته ڄڻ اڪيلو به مِيلو هيس، هاڻي جڏهن هو ناهي ته هجومن ۾ هوندي به اڪيلو آهيان....!! هن جو ساٿ جيون ۾ هڪ منفرد رنگ هو ڪلا هو.... ماڻهو الائي جي ڇو اڌ پنڌ تائين سنگت ڪندا آهن!!.....؟ پر هِن سان ته زندگي ساٿ نه نڀايو.... ماڻهن جي بيوفائي ته سمجهه ۾ اچي ٿي، پر جي حياتي ئي وفا نه ڪري ته ڇا ڪجي.....؟؟.... اڄ سارنگ جي من ۾ پرينءَ جي سار اڪير، سنپار ديرو ڄمايو هو.....

ڪيڏي چُپ آهي..... رڃ جهڙي سانت.......

من! توبن ڄڻ اڌ اڌ آهيان ڀڳل ٽٽل رستا، ڳوٺ، ماڻهو ۽ ماحول تقريباً ساڳيو ئي ته آهي. رڳو کوٽ آهي تنهنجي.....

تنهنجو وجود ته منهنجي اماس راتين ۾ چوڏهين جي رات جهڙو هو..... تون جي ناهين ته ڊسمبر جي وشال راتين جا سرد احساس ۽ پوهه جا پارا به جولاءِ جا ڪاڙها ٽا پاسن...... تنهنجو عدم وجود هڪ ڏکي اذيت آهي.... گهٽ ٻوسٽ آهي......

اڄان اسان جي محبت بانبڙا مس پاتا، اڄان ته ان کي جوڀن ۾ اچڻو هو.... اڄان ته اسان جي محبت ان پکي جي ٻچڙي جيان هئي، جيڪو پَر به ناهي لهندو اڄان ته اسان کي تمام ڏکي اڏار ڪرڻي هئي......

پرين! تنهنجي عبادت تنهنجي معصوم محبت جو عڪس هئي. تنهنجي محبت مون لاءِ عنايت هئي، انڌاري من لاءِ سنهري مشعل هئي. پنهنجا خواب ڄڻ......

تنهنجي مرتيبي تي، پنهنجو پاڻ تي ضبط ڪري، مون تنهنجي عزت چا رَکي، جڏهن ڪنهن تنهنجو ڏک روئي ملهائڻ جو حق بہ ڪسي ورتو...... سماج قيد خانو آ جڻ! جتي احساس واڙيل آهن.......

تو ڪانپوءِ، تو سان ابدي ميلاپ جي شديد خواهش پاڙيندي حياتي کان بہ موڪلائڻ چاهيو پر شايد نصيب جا ڏانوڻ هِن جو چِنن ئي نٽا جي اچي توسان ملان.......

تون جي ناهين تہ جڻ بهار ناهي...... وجود اٿهوند جي احساسن ۾ جڪڙيل آهي......

مُحبت ۾ حاصلات ڪٽي بي معنيٰ ئي سهي...... پر پرين ! حياتي ئي نہ هجي تہ يادون ڪڏهن ڪڏهن اکٺ عذاب لڳنديون آهن ....

اڄ سارنگ ڪي مَن جي سڪ پڪين جي ولر جيان ورائي ويئي هئي..... سائين! پنهنجي محبت ۾ تہ نہ گناهہ جا اولڙا هئا ۽ نہ ئي جسم جي بُک..... الائي جي ڇو جسم سان گڏ پنهنجو روح بہ اکين کان اوجهل آهي.......

اڄ سارنگ پنهنجي محبت جا لمحا، پل پل ميڙي پنهنجي محبوب جي لازوال محبت جي ڪلاسڪ تصوير پئي اُٽي..... اسان جي محبت تہ صبح جي پهر جهڙي ٿڏيريڙي، رات جهڙي خاموش، چنڊ تارن جهڙي خوبصورت، فطرت جهڙي وٽندڙ ڏکڻ جي سرور بخشيندڙ هير هئي، جنهن جي لهڻ شرط ماروئڙا سک جي ننڊ ڪندا آهن.....

ماٺهو ايڏو جلدي ڇو گذاري ويندا آهن پرينءَ !..... اڄ سارنگ جي اندر ۾ ڳوڙها سيلاب جي صورت اختيار ڪري اکين جا بچاءَ بند ڀُسائي رهيا هئا..... محبت تہ زندگي جڻ رنگينين، شعائين ۽ مسرتن سان ٽمٽار ڪري ڇڏي هئي..... هر ڏسا، هر پل، هر واهڻ تنهنجي محبت جي خوشبوءَ هوندو هو ۽ آهي... چارسو تنهنجي ئي سار جا نغارا ٿا وڄن. ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ آءُ تنهنجي محبت جي نگري مان محبتون پنڻ آيو آهيان... پر پرين! منهنجي ڪشڪول ۾ رڳو

تنهنجا افق جهڙا عڪس، ڇهندڙيون وجهندڙ احساس ۽ يادون ۽ اڻ ميا احساس آهن......

اڄ رات ڪيڏي نہ ٿڏڙي ۽ خوبصورت آهي..... هو ڏِس چنڊ جي ڪڪڙ ماءُ پنهنجي تارن پٽن سان جڳ پئي جرڪائي..... چوڏس روشنيون آهن..... چپ آهي.... پر آواز آهي... رڳو تنهنجي محبت جي نغارن جو...... تون اِنهي روشن آڪاش جي اونهائين ۾ ڪِٿان محبت جون روشنيون پئي ورهائين.....

خودڪشي جي ڪيان ها پرين! تہ تنهنجي يادن جو واس ڪئين وٺان ها..... زندگي مِٺي آسائين! پر توڪانسواءِ جڏهن تہ منهنجي زندگي جي پيالي ۾ ڪنهن زهر پري ڇڏيو آهي.... تنهنجو ساٿ مِناس هو پرينءَ!

يادن جي گهيرٽ ۾ رات جو اڌ پهر اچي ٿيو هو رات پنڌ ڪندي ڪندي ...... اڌ پهر ڪان ٽپي باڪ جي ويجهو پهچڻ واري هئي..... سارنگ جي اکين جا ڇپر پاڻ ۾ ياڪر پائي هڪ ٿي ويا...... ۽ پوءِ خواب ۾ پرينءَ سان ڪچهرين ٿهڪن ۽ ملاقاتن جو اکٽ سلسلو..... جنهن جڻ پت جهڙ ڪانپوءِ بهار آڻي ڇڏي.... ۽ هر سو پرينءَ ! جي يادن، احساسن جا گلاب ٽڙي پيا..... اڄ رات جو خواب حياتي جي نويد هو جڻ.... رهيل جيون گهارڻ جي ڏِ هو جڻ...!

مختصر ڪهاڻيون...!

ٻہ مانيون

بازار ۾ گهنجيون، هٿ رومال ۽ ٽوپيون ڪپائيندڙ پورهيت ڪي جڏهن بُک اچي ورايو تہ ڳوليندي ڳوليندي هڪ سستي هوٽل جي ڪائونٽر تي ويٺل... مالڪ کان پڳهر اُگهندي مخاطب ٿيو: ماني جو ڇا حساب آ سائين...

ستر رپيا في ماڻهو........

رعايتي رعايت...

ان کان وڏيڪ کهڙي رعايت ڪيون....... ٻين هوٽلن تي تہ في ماڻهو هڪ سئو ويهہ رپيا آهي......

ٻڌتر...... سوچ...

ٻلا سائين هڪ ماني گهٽي جي آ......؟

ست رپيا ......

پوءِ ٻلا ايئن ڪيو..... ٻہ مانيون ڏيو......

پئسو ڪونهي

مِٺي اسپتال جي ميدان تي ڪيترائي سوال پڇڻ ڪانپوءِ آخر ۾ ٽي وي جي نمائندي دَمي جي بيماري ۾ سهڪندڙ سُڪي هڏ ٿي ويل ٿري کان سوال پڇيو: چاچا پنهنجو اڃا تائين علاج ڇو نہ ٿا ڪرايو....؟ مڙهي سهڪي کان آجو ٿي جواب ڏنو:

پئسو ڪونهي !!!.........

اُساٽ

انهي عذاب جي حياتي کان ته پلو اٽس جو پيءُ جي گهر لولو کائي مري ويجي...

ادا ٻيو گهر پرڻايوس... جيستائين ماءُ پيءُ اٽس ته ٺيڪ نه ته...... هونئن به اجان جوان جماڻ ارڙهن سالن جي ته مس ٿيندي...مڙس برادري تڪرار ۾ مري ويس.... ويچاري کهڙي زندگي جي آسيس ماٽي.....

بس ادي جيڪا قسمت...... پُٽ نه هجيس ها ته پرڻايونس ها .....

تضاد

ڏي حال ڪيئن ٿو هلي پيپر ....
ڪاپي جي ڏم آ ....
پوءِ اوهان ڇا ٿا ڪيو...
بس سهڻا ڇا ڪيون.... سمورو نظام خراب آهي ....
اسان واري سينٽر جي اسان اهڙي سختي ڪئي آهي جو هيڪڙ ٻيڪڙ شاگردن ڪانسواءِ سيئي وينا ٿي ڇت جا ٿي اَر ڳڻيندا .....
اڇا .....
ها .....
اڇا ٻي ڳالهه ٻڌ ....
ڇئو....
شهر واري سينٽر تي آن نہ..
ها، ها
اِتي بلاڪ پنجين ۾ منهنجو ڀائيٽيو وينو ٿي.... ان جي پارت هجيئي...!!!

اڃي پڳ مَ پس

ڪامريڊ وارو ڪيو ڪاپي بند ڪرايون...

پريشر گروپ ٺاهيون... جلسا جلوس ڪيون... پريس ڪانفرنس ڪيون.... هڙتال ڪيون..... جيستائين ڪاپي ڪلچر هوندو،قوم جو مستقبل اسري نہ سگهندو.... سگهارو تعليمي نظام ئي ڪي ڪارگر نتيجا ڏيندو.... نہ تہ قوم ڪڏهن بہ بحرانن مان نڪري ڪين سگهندي.. جهالت جي دلدل ۾ ئي ڦاٿل رهنداسين....

وارو ڪيو ڪجھ ڪيون......

هن سال ڇڏيو ايندڙ سال لائحہ عمل جوڙينداسين......

چڱائي جي ڪم ۾ دير ڇو.. هن سال ڇو نہ؟

ڇڏ ان ڳالھ کي، ويندو ڪر... ٻيا اشو بہ جام آهن....

پوءِ بہ ٻڌون تہ سهي....

هن سال منهنجي پٽ جا پيپر آهن...!!!

ڏڪار

ٿر جي ڏورانهين ڳوٺن ۾ بُک، بيوسي ۽ بيماري وگهي مرندڙ ٻارن کي ڏسي موٽندي۔ قومي اڳواڻ ٿر جي حالت زار تي ڳوڙهن پريو تبصرو ڪندي. رياست تي پرزور ڇوهه ڇنڊيا...... چيائين پئي؛ ڇا سرڪار وٽ ايتريون ايمبولينسس ناهن؛ جو ڪٽي هي تڙپندڙ ٻارڙا مٺي اسپتال تائين پهچائين........

پوئين سيٽ تي ويٺل ڪُل وقتي ڪارڪن..... قومي اڳواڻ جي ڏگهي ليند ڪروزر گاڏي جو سراسري جائزو وٺندي......... دل ۾ حساب لڳايو................

هن ليند ڪروزر بدلي ڪيتريون ايمبولينسس خريد ڪري سگهجن ٿيون..........!!؟

وزن

هوٽل جي بيئنچ تي ٻه شاعر بحث ۾ رُڌل هئا، هڪ چيو تنهنجو غزل فاعلاتن، فاعلاتن فاعلاجي وزن تي آهي... جڏهن ته ٻيو بضد هيو ته سندس غزل فاعلاتن، فاعلاتن فعولا تي آهي......

بحث تيز ٿيو ڳالهه وچي ٺَپا ٺُپي تائين پُهتي.... دانهن ڪٽي ٻئي ٺاڻي تي پهتا......

جي سائين... توهان جو ڇا مسئلو آهي؟

سائين! هڪ شاعر وارتا ٻڌائڻ شروع ڪئي.......

مان هن دوست کي چوان پيو ته هن جو غزل فاعلاتن، فاعلاتن فاعلا تي آهي. جڏهن ته سندس خيال آهي ته غزل فاعلاتن، فاعلاتن فعولا جي وزن تي آهي!....

ان خسيس ڳالهه تان گرم ٿي دست گريبان ٿيا آهيون....... اها هي حال حقيقت.......

سپاهي مان ترقي ڪري ايس. ايڇ. او ٿيل عملدار........ واري واري ٻنهي شاعرن ڏانهن ڏسندو ئي رهجي ويو......

ATM مشين

آخري تاريخن ۾ کيسو خالي ڏسي.......
A.T.Mمشين جي وات ۾ پلاسٽڪ ڪارڊ داخل ڪندي،
پرائيويٽ اسڪول جي استاد Code دٻايو.............
موجوده بيلنس 485 رپيا.................
هن، 450 لکي. انٽر دٻايو......................
مشين جي پيٽ ۾ ڪُرڙاٽ پئجي ويا..............
اجهو پئسا نڪتا.............
پر، جهٽ گهڙي ڪانپوءِ.............
رڳو ڪارڊ مُنهن ڪڍيو........
پرائيويٽ اسڪول جي استاد کي ٻچان لڳي...........
ائين لڳس.............
ڄڻ ته، ATM مشين ڪرڙاٽ نه پر، هن تي کلي رهي هُئي.........
۽ اهو سمورو لقاءُ..........
A.T.M مشين جي نرڙ تي لڳل ڪئمرا ۾ قيد ٿي ويو................

سَرلان...!

ديدي!

جي ڪيائين سُندرتا.

ديدي اوهان ايڏا نِراش ڇو رهندا آهيو؟ اوپرا اوپرا، هر پل هڪ اُلڪو ويچار........ وِياڪل وِياڪل......

سندرتا........!

جي ديدي..........

هو ڏس آسمان جي اڱڻ ۾ تارا دائرن ۾ ورهايل آهن؟........ ۽ ڇا چنڊ قيد آهي............ ڪڪرن تي پهرو آهي؟

نہ ديدي........!

هوا جي پيرن ۾ ڏانوڻ وڌل آهن..........؟

نہ ديدي........!

ڇا پکين جي اُڏار لاءِ ڪي محدود پيٽا نڪتل آهن؟

نہ ديدي........!

پوءِ اسين انسان ڇو ڪونہ آزاد آهيون..............؟ ڪاش! آءَ پکين جي روح ۾ پيوست ٿي پنهنجو وطن ڏسي اچان ها.........

ڪاش! آءَ آزاد هِير هجان ها............. جو هوا جي ويزا ناهي ٿيندي .... پکي پاسپورٽ ڪان آجا آهن. آءُ ڪو جُهڙ، تارو، چنڊ هجان ها........ پولارن جا پنڌ ڪري پنهنجي وطن جو درشن ڪيان ها......... جيڪر آءَ واريءَ، مٽي هجان ها...... هوا جي جهولن ذريعي اڏري ڌرتي ماتا جي سيني سان چنبڙي پوان ها.......... پر ماڻ انسان آهيان سندرتا.......... انڪري قيد آهيان .... سرلان ڏُنيهڪار ڏيئي روئڻ لڳي.......... سندس سڪ ۽ اُڪير جي درياءُ جا ڪپر اٿلي پيا........ ۽ سندرتا جي جهولي ۾ ڪنڌ رکي سڏڪي ۾ پئجي ويئي ۽ سندرتا جڻ ديدي جو درد پروڙي ورتو.

وطن کان دربدر ٿيل ماڻهو ٻوٽي کان ڇنل گلاب جيان هوندا آهن سندرتا، فرق صرف ايترو آهي گلاب تمام جلد مرجهائجي ويندو آهي، پر اسين جلاوطن روز سُسندا ۽ سُڪندا رهندا آهيون هن درد نہ پُتو ٿيندو آهي نہ ان کي سُرو لڳندو آهي. ان پيڙاءُ جي حياتي بہ حياتي جيڏي طويل ٿيندي آهي. ان بيچيني کي تہ ابديت حاصل آهي. .... ديس جي ياد ڪاتي جي وجود ۾ پيوست ٿيل ڪِل جيان چڀندي رهندي آهي.

ڪيڏو انياءُ آهي جڏهن پنهنجا گهر اوپرا ٿي وڃن ۽ ماڻهو کي پنهنجي ڌرتي لاءِ پنجٽيهہ سالن تائين ويزا لاءِ انتظار ڪرڻو پوي............. اسان دربدر ٿيل ماڻهو بہ سندرتا! نوٽڻ راند جهڙا ٿي ويندا آهيون، جنهن ۾ ٻوٽ جي چرپر جا سيئي حق ٽئي واسطا رانديگر وٽ هوندا آهن ۽ ڪڏهن تہ ماڻهو نوٽڻ کان بيزار ٿي ٻوٽين ۾ آڳار سان ڪڍيل پيٽن کي اڪيلو ڇڏي بيزار ٿي اُٿي هليا ويندا آهن. پيٽا جي پنڌ ڪري سگهن تہ ڪڏ لڳي پون ۽ ڏانوڻ ٿي پون- پيٽا تہ سڏ بہ ناهن ڪري سگهندا.......... ڪيڏا بي اختيار هوندا آهن. ديس بَدر ماڻهو .... ڄڻ پنڌ ڪندا ڪندا طويل سُرنگهہ ۾ گهڙي آيا آهيون ۽ لنگهہ وٽ سرنگهہ ڪِري پئي آهي.......... اسان جو ساهہ تہ ٻوساٽجي ٿو....... پر موت نٿو اچي، سڪرات جهڙي حيات ٽا گهاريون.........چوڌاري ڌاري ٻولي، بازار ۾، رستن ۾، سوارين تي ڌاريا ماڻهو، عجيب ٻوليون.......... هاءِ منهنجي منڙي سنڌي ٻولي ماءُ جي لولي .... وطن جي ياد ان ماءُ جي درد جهڙي هوندي آهي جنهن جا ٻچا وڃائجي ويندا آهن .... هڪ دفعو پنهنجي مارن سان ملان، پنهنجا گهر، شهر، ٻوٽ ڏسان............ هِتي تہ ڄڻ سُڪي نوٽ ٿي ويل وٽن ۾ نهيل آڪيرن جهڙا آهيون.... اوپرا اوپرا

ديدي اوهان جي ويزا تہ ٿي وئي آهي تہ پوءِ ايڏا اداس ڇو آهيون...........؟

الائي جي ڪڏهن اهو سڀاڳو سج ڳني ڪيندو، جڏهن آءٌ پنهنجي ڌرتي ڏانهن سفر ڪندس ۽ سنڌو درياءُ جو درشن ڪندس، لاڙڪاڻو گهمندس.......... قلندر شهباز ۽ ڀٽائي رح سرڪار جي ڪشادي اڱڻ ۾ ويهي ڀٽائي جي راڳين جا آلاپ ٻڌنديس.............. موهن جو دڙي تي ويهي پنهنجي شاندار تهذيب تي فخر ڪنديس..............

جتي لُڪ لڳي، جتي اڪ ٽپن
سو ديس مسافر منهنجو ڙي
منهنجو اتر، لاڙ ٿر، ڪوهستان، وچولو، منهنجو منڇر، ڪينجهر.

ٺٽو مڪلي، مومل ماڙي......... جڏهن مينهن پوندا تہ آءٌ چيڪي مٽي جي واس وٺنديس، رهڙڪي وينديس. سڪ جي اڌ سِير ۾ آهيان......... الائي ڪڏهن ڳپر تي پهچنديس.......... پنهنجي منڙن ڀائرن، مائٽن سان رهاڻيون ڪري اکين جي سڪ لاهينديس........

سيڪندڙ جو پنڌ ڏينهن جون مسافتون پار ڪندي آخر اُهو سج بہ اڀريو جڏهن سرلان ڪجهہ گهڙين ۾ اباڻي ديس لاءِ اُسهڻ واري هُئي تہ ڀاڙي جا سڀ سنڌي الوداع ڪرڻ ۽ ملڻ لاءِ اچي سرلان جي گهر گڏيا. ائين پئي لڳو ڄڻ هڪ قيدي جي اڄ رهائي ٿي رهي آهي ۽ سڀن جي اکين ۾ آلاڻ هئي ۽ اکين ۾ ياد جا ٿاڪيل اوسئيڙا ڄڻ ڪورس ۾ چوندا هجن، پيغام ۽ نياپا، سلام ڏيندا هجن:

اي منڙي هوا سنڌ ڌرتي جي
منهنجي مارن کي تون سلام ڏجان
موهن، مڪلي کي تون پيار ڀريا
سلام ڏجان

سرلان نياپا، پيغام ۽ سلام وٺندي اچي ديس لاءِ اسهندڙ ريل گاڏي ۾ ويٺي............جيئن ريل ڪوڪ ڪئي ۽ ڦيٿن جا چيڪاٽ ٿيا .... منظر متجڻ لڳا.............. سرلان کي الوداع ڪرڻ آيل مائٽن ڳوڙها اگهندا ۽

ريل نظر اچڻ تائين هٿ لوڏيندا رهيا .... جيئن ريل هلڻ لڳي، ڇڻ سرلان جي خوشي ٻيڻي ٿيڻ لڳي......... ۽ من ۾ سنڌي ڪاڏا ٿهري، ٻُسري، سرنهن جو ساڳ چرڙا ڪائڻ .... ميل ملاقاتون ڪرڻ جا خواب تعبير ٿيڻ لڳا.............. پنهنجي وطن ڏانهن واپسي، پنهنجي گهر ڏانهن واپسي، پنهنجي مارن ڏانهن واپسي جو احساس ۽ خوشي حياتي جو محترم احساس آهي، جنهن کي دنيا جو ڪو به ادب سگهاري انداز سان اظهاري ناهي سگهيو. شايد ان محسوس ٿيندڙ اظهار لاءِ اجان اهڙا معتبر لفظ تخليق ئي ناهن ٿي سگهيا........... اڄ هرپل، هر عمل ڪنوار جيان سينگاريل پئي لڳو....... سرلان کي ائين پئي ڀاسيو ڄڻ ته دنيا جي سيڻي پڃرن ۾ قيد سمورن پکين کي هڪ ئي وقت آزاد ڪري هوا ۾ اڏاريو ويو آهي.... تان جو لاهور اسٽيشن ويجهو ٿيڻ لڳي......... سرلان جي دل جي رفتار ٽرين کان به تيز ٿيڻ لڳي، خوشي جي طوفان سان گڏ اکين جي آسمان مان ڪڻ ڪڻ ٿيڻ لڳي...... ٽرين اچي لاهور اسٽيشن تي بيٺي .... ماڻهو سامان سنڀاري لهڻ لڳا هر پاسي ميلاپ جا جذباتي منظر ها......... سرلان جي آس وندين اکين پنهنجي پائرن، پيارن جي تلاش شروع ڪئي....... جيئن ئي پاءُ جي سرلان تي نظر پئي ڊُڪي اچي هڪ ٻئي سان ڳچي لڳا............. سڪ ۽ خوشي جي طوفان ۾ سرلان جو ساهه پکيئڙو اڏرندو اچي لاڙڪاڻي لٿو........... ۽ جسم پاءُ جي ٻانهن ۾ ڍَرڪي پيو......... سرلان جي لاش کي هڪ رات لاهور مردي خاني ۾ ترسائڻ کانپوءِ واپس انديا نيو ويو........... ائين لڳو ڄڻ ته ڪيترن ئي ڏينهن کان اڃايل هرڻي رڻن جي مسافري ڪٽڻ کان پوءِ پاڻي جي تلاش ۾ پٽڪندڙ روح سان پاڻي جي ٽوبي جي ڪناري تي پهچي اڄ جي آس اندر وسنديڻ ۾ سانڍي روح کان موڪلايو.........!!

تضاد

گائيڊ مان آخري سوال ڪيو وٺ تہ پُهچائي نڪرون: 12 بجي سيمينار تي بہ پهچڻو آهي. ڏاڍو زبردست عنوان رکيو اٿن.
”تعليمي تباهي ۽ اسان جو مستقبل!........“

هڪ سٽ ڪهاڻي

1. فيس بڪ جديد ادبي سنگت آهي.

2. سڀ کان بهترين شراب چانهه آهي.

3. هتي، انقلاب آسان قسطن تي وڪري لاءِ موجود آهي.

4. هُن مُصورن جي بازار وچ ۾ بيهي وڏي واڪي اعلان ڪيو، جيڪو بيوسي جي تصوير ٺاهي ڏي هٿ مٿي ڪري!!......

5. بڏ ياڻو! "امن" ڇا لاءِ "جلا وطن" ڪيو اٿن؟!

6. مادي افراتفري: ڄڻ قلندر جي ميلي ۾ بم جو اطلاع.
7. ادب بهترين پناهه گاهه آهي.

8. .... پئسا گهٽا پيا اٿئي جيب ۾.....؟؟!

نئين دور جي مارئي....!

نہ تنھنجي محبت تي شڪ آھي... نہ سچائي تي....

پوءِ.... ڪورٽ ميرج ڪانسواءِ تہ ڪو ٻيو ڏگ سُجھي ئي نٿو..

نہ شيراز!

پنھنجي محبت حاصلات ڪان مٿانھين آھي... اھا ڪھڙي محبت آھي تہ.... ٻن دلين جي ميلاپ لاءِ ٻن خاندانن... ٻن ڳوٺن جي عزت جي بلي چاڙھجي...

شيراز!..... مونکي معاف ڪجانِ پاڻ ٻنھي جو پيار پلي پيٽو بہ ڪيون تہ بابا جي شفقت جو پُڙ ڳرو آھي، ڌرتي جي گولي تي موجود ھڙيئي پريمين جو پيار گڏائجي تڏھن بہ امڙ جيجل جي پيار جي پير مٽ بہ ناھي، ماں پنھنجن جي عزتن جا جنازا نہ ٿي ڪڍي سگھان... پيار پيار ڪي ڏوڪو ڪيئن ٿو ڏيئي سگھي؟!... پيار تہ امن جي علامت آھي، پيار تہ تحفظ جي تمثيل آھي، پيار تہ ھڪٻئي جي عزتن جو احترام آھي، پيار قرباني آھي شيراز!... تنھنڪري ماں ھڪ محبت ماٹڻ لاءِ....بي شمار سچا پيار قربان نٿي ڪري سگھان.....!!

بچل ڪلينڪ

سائين !

جي ...

بي اولادي پنهنجي پسگردائي ۾ وڌندي نه وڃي... جو اوهان وٽ عام مرض وارا مريض گهٽ پر ليبارٽري ڪيس وڌن ٿا ڏينهون ڏينهن وڌندا.... خاص ڪري سِيمن اينا لائسس !....

پنهنجي رپورٽ جو معيار جو اهڙو آ ......

ڊاڪٽر صاحب هي ٽيسٽ ڪرائڻي آ ....

ها بابا

ڇوڪرا

جي سائين

سائين کي باٽل ڏي، سمجهائينس به

....

سائين اسان هون ڳوٺ جا، پوءِ ڪا اهڙي جاءِ... جڳه ته ڪونهي.... پيو توهان چئو ٿا ته ڏهن منٽن اندر ليبارٽري ۾ پهچائيون، نه ته نتيجو صحيح نه ايندو وي......

نه نه بندوبست آهي....

ڇوڪرا .....

هنن کي ڪمرو ڏيکار.......

....

سائين !

پوءِ رپورٽ

رپورٽ سياڻي اڍائي سئو جمع ڪرائي ڇڏيو......

ڊاڪٽر پرچي پڙهي ......

ڇوڪرا

جي سائين
اَدي کي ڪمرو ڏيکار...... سمجهائيس بہ صحيح.....
سائين گهڻا پئسا؟
اڍائي سئو رپيا ....
زال مڙس .....
پرچي .....
ڇوڪرا ....
سائين سائين !
ادي کان پرچي وٺ.... باٿل ڏينس.... سمجهائيس بہ...
ٺيڪ سائين ....
ادا هيڏي آءَ هي ڪمرو ٿي ....
ٺيڪ .....
بابا رپورٽ سياڻي ڪٽي وڃجو......
ها سائين رپورٽ جي خير آ..... ڪٽي وٺنداسين.... پئسا گهڻا.... اڍائي سئو....
اچي سائين .....
پنجاهہ بقايا تہ وٺو....
سائين رکي ڇڏيو پنجاهہ جو پڇ مٿي.... پنجاهہ جي ڪهڙي ڳالهہ آ ....
ٻيو جوڙو...
سائين هي ٽيسٽ هتي ٿيندي، هاها بابا هتي ئي ٿيندي......
ڇوڪرا !
ها سائين !
سيمپل لاءِ...... مريض کي سمجهائي بہ ڇڏ .....
ها سائين .....
اچ ادا .....

رپورٽ ۾ دير لڳندي آهي..... سياڻي ڪٽي وڃجو....

جي سائين.... ٺيڪ آ .....

....

ڊاڪٽر صاحب! هڪ ڳالهہ تہ ٻڌو.....

ها ٻڌاءِ.....

سيمن اينالائسز ٽيسٽ جا پيشنٽ پاڻ وٽ وڏي ناهن ويا...؟!! ٻيو تہ ٻہ ٽي مهينا ٿي ويا آهن، هڪ مريض بہ واپس ناهي آيو رپورٽ ڪڻڻ.....!! رپوٽن جي ٿوڪري پرجي ويئي آهي.......

مان بہ ڳالهہ تي پريشان آهيان ....

ڪهڙي ڊاڪٽر صاحب؟ !

سڀئي رپورٽون بہ نارمل آهن !!.......

پارٽي....

فون ڪال:

ادا

جيءُ

بابا کي ڊاڪٽر کان چيڪ اپ ڪرائڻو آهي، پوءِ

ها، پر هن مهيني ته بجيٽ شارٽ آهي. اڳيئن مهيني ڏسنداسين.

في الحال ساڳي دوا هليايو، ڊاڪٽر چيو هو ڪو خاص اشو ناهي....

فون ڪال:

هيلو

اڙي يار ڪاٿي آهيو؟ ها، ڪڏهن آهي پارٽي جو پروگرام. ڪهڙي هوٽل تي؟ ها، ها، في ماڻهو گهڻو خرچ ايندو؟ ها، سمجهان ٿو آمريڪن سسٽم، اڇا.... اڙي يار اُئين به ٿي هزارن جي ڪهڙي ڳالهه آهي...سنگت سان ڪچهري ڪئي ڏينهن ٿيا آهن ويهنداسين، ماني کائينداسين، پوءِ نڪاءَ ڪنداسين وڏو مزو ايندو..........!!

اُت ڏونگر ڏاري ويندا سين

رات نري رهي آهي چوڌس چپ آهي، مانار آهي. جي سمهي نٿي تہ رڳو عبدالقدير گهانگهري جي اذيت. سندس درد مسلسل جاڳي ٿو جڏهن جگر رت بدران پٿريون ناهي تہ ڪير ٿو جي سگهي. سندس بيماري غربت ڪان وشال آهي. سندس پيءُ جي اکين ماڻ خواب ٿمن ٿا.... ۽ پٽ جي حياتي جي وڻ تي جڻ بهار ۾ بيهر خزان آئي آهي.... جڏهن مون جهڙي غريب جي گهرن ڏانهن اجگر بيماريون رخ ڪنديون آهن تہ محتاج ماڻهو ڪري بہ ڇا سگهندا آهن..... رڳو موت جي انتظار ڪانسواءِ...... عبدالقدير جي ماءُ جي پوڙهين اکين ۾ ايم. بي. بي. ايس جي چوٿين بهار ۾ پهتل موپي پٽ لاءِ اڻ ميا خواب ٿاڪيل آهن..... ۽ ٻاروتڻ ڪان جواني تائين جا سيئي پل.... ان جا لاڏ ڪوڏ ..... ٻاتيون ٻوليون..... هڪ هڪ منظر اکين جي ماڪين ۾ سانديل آهي.....اولاد تہ ساهہ ڪان بہ مٺي ٿيندي آهي.... مرڻ جي مند تہ اسان ٻنهي جي آهي.... اسان تہ من ۾ پٽ جي سيج جا نظارا پئي ڏٺا آهن.... هاڻي پٽ جو جنازو..... منهنجو هانو ڦاٽي پوندو.... حياتي جا سڄا پنڌ نااميدين ڏانهن وڃن ٿا.

عبدالقدير جي من ۾ ڪيئي سوال آهن...... ايم. بي. بي. ايس خواب محنتون، روشن مستقبل، ڪئمپس ، اسٽڊي.... هاسٽل...... ڪلاس فيلوز... استاد..... جي. ايم. سي.... سيئي منظر جڻ ماضي ٿيندي نظر اچن ٿا..... سيئي خوبصورت عڪس ڏنڊلائجڻ لڳن ٿا.... ائين لڳيس ٿو اهي سڀ خوبصورت پل، ساٿ ۽ احساس ڇڏي هو ڏور آسمان جي انتهائن ۾ گم ٿي ويندو. سندس اکين ۾ ڇرلهي ٿي اچي، پر رڙيون ڪري، ان ڪري نٿو روئي جو سندس پريشان حال والدين وڌيڪ پريشان نہ ٿي وڃن..... من ۾ ڪيڏي مونجهہ آهي...... جي ايم سي لاءِ دوستن سان گڏ ٺهڪ ڏيڻ لاءِ...... شرارتون ڪرڻ لاءِ.........پاڻ مسيحا هوندي پنهنجي مرض جو نہ مون وٽ علاج آهي، نہ منهنجي اداري ۾ نہ ملڪ ۾....... اسان وٽ هٿيار تہ آهن، پر

بهترين اسپتالون نہ آهن پيو تہ ٺهيو اسان گلن جهڙي ٻارڙن کي ارڙيءَ کان تحفظ بہ نٿا ڏيئي سگهون، ڪيڏو ڪرب آهي اندر ۾! منهنجو مستقبل منهنجي نصيب سان ٻڌل آهي. هزارين اهڙن مريضن وانگي، جيڪي ٻيوسيءَ جي تصوير ٿي موذي مرضن ۾ جُڙي رهيا آهن. ائين ٿو لڳي اندر ۾ ڪيئي نانگ گهڙي آيا آهن. جيڪي مسلسل ڏنگي رهيا آهن. ۽ سمورو وجود زهر نگر ٿي ويو آهي.

چوندا آهن تہ مايوسي موت آهي. ساهہ جي آخري سلسلي تائين جيئڻ جي اميد ڪبي آهي. وري بہ شابس آهي ميڊيا وارن کي، جو منهنجي استادن ۽ ڪلاس فيلوز جي اطلاع تي علي محمد اليڪشن جي نفسا نفسي ۽ وٺ وٺان هوندي منهنجي اسٽوري ڪئي آهي..... شل! منهنجي ملڪ جا سڀ صحافي اهڙا ٿي پون تہ، ڪيترين ئي مايوس ٿيل اکين ۾ اميد جا ڏيئا جرڪي سگهن ٿا. جان محمد نہ رڳو منهنجي اسٽوري ڪئي آهي، پر هو فنڊنگ ۾ پڻ ڀرپور ساٿ نڀائي پيو.....هيءَ دنيا اهڙن انسانن جي ڪري قائم آهي، جيڪي انسانيت لاءِ سوچين ٿا.

اڄ اداري جا سڀئي شاگرد اپاڻڪا آهن. ڪلاس ان رومانس سان نہ هليا. سيني جي اندر ۾ عبدالقدير گهانگهري جي بيوسي ۽ لاچاري جا عڪس ۽ اولڙا آهن. ڪلاس ميٽ جو رشتو احساس جو رشتو هوندو آهي..... ۽ عجيب منڙو رشتو آهي.... ڪيڏي پنهنجائپ ٿي ويندي آهي.... ۽ عجيب منڙو رشتو آهي.... اهڙي پنهنجائپ ٿي ويندي آهي، جو جڻ ايامن جو ساٿ هجي. ايترو اُنس هوندو آهي جو ڪلاس ميٽ ڀائرن جهڙا ٿي ويندا آهن. اڄ ڪلاس ۾ هڪ ڀاءُ ڪونهي، هڪ دوست ...... هڪ محبوب ڪونهي..... ڪورم پورو ناهي....... ۽ ان جي اڄ جي اميد بہ تہ ناهي......!!

اڄ علي محمد، ڪجهہ استاد ۽ شاگرد دوستن جي ايم سي جي آڊيٽوريم ۾ عبدالقدير بابت تاثراتي رپورٽ سيني شاگردن ۽ ڪجهہ استادن سامهون پروجيڪٽر تي هلائي..... ۽ ان کان پوءِ تقريرون ٿيون:

هڪ اردو اسپيڪنگ ڪلاس ميٽ ڇوڪري، جيڪا انسانيت جي خدمت جي جذبي سان ٽمٽار آهي، تقرير ڪندي چيو تہ: اسين ادارن ۾ رڳو ڊاڪٽر ۽ انجنيئر ٺيڻ ۽ ڊگريون ڪمائڻ ناهيون ايندا، اسين انسان ٺيڻ ايندا آهيون..... ۽ جي اوهين اخلاق ۽ انسانيت جي جذبي کان خالي ڊاڪٽر آهيو تہ اوهان جي ڊاڪٽري ڪنهن ڪم جي ناهي..... 80 لک گڏ ڪرڻ ڏکيو ڪم ناهي..... اسين گڏ ڪري ويندا‌سين اهي پئسا... ڦڙو ڦڙو ٿي درياءَ ٿهندا آهن ۽ واريءَ جا ننڍڙا ننڍڙا ذرڙا ملي وڏا صحرا ٺاهيندا آهن.... جڏهن سڀ پن پاڻ ۾ ملي هڪ ٿيندا آهن تہ ڇانورا جوڙيندا آهن.... اٿو...... جاڳو پاڻ سڀ گڏ ٿي عبدالقدير گهانگهري جي ڪاڙهي جهڙي زندگي ۾ بهار آڻيون..... هڪ ٻي شاگرد تقرير ڪندي چيو تہ: ”دوستو! بيمار عبدالقدير آهي“، اسان جا جذبا نہ اسان جي همٿن جا جگر ختم ناهن ٿيا. دوستي ملهائڻ جو موقعو مليو آهي اڄ. اڇو تہ هڪ مثال قائم ڪيون. حياتيءَ جا اختيار تہ رب ٻاجهاري وٽ آهن، پر ڪوشش اسان جي هٿ آهي. اميد تہ توهان سڀ اسان کي 80 لک، جيڪي عبدالقدير جي علاج لاءِ گهربل آهن، گڏ ڪرڻ ۾ ساٿ نڀائيندا، عبدالقدير جي پيءُ روئيندي مدد جي اپيل ڪئي.

هڪ استاد چيو تہ: ”عبدالقدير کي جگر جي هڪ اهڙي بيماري آهي، جيڪا هزارن مان ڪنهن هڪ مريض کي ٿيندي آهي..... جنهن تحت جگر رت ٺاهڻ بدران پٿريون ٺاهيندو آهي ۽ اهي پٿريون جسم جي مختلف حصن ۽ اندروني عضون ۾ ڦاسي انهن کي بلاڪ ڪنديون آهن، ان ڪري عبدالقدير جا ٻئي گردا انهن ننڍڙين ننڍڙين پٿرين سبب خراب آهن ۽ جگر جو هڪ حصو بہ متاثر آهي“. هاڻي گردن ۽ جگر جي ٽرانسپلانٽيشن، جيڪا انڊيا ۽ ٻين ترقي يافتہ ملڪن ۾ ممڪن آهي. ان تي 80 لک رپيا خرچ ايندا جي اوهان همٿ ڪيو ۽ اتساهہ سان، سچائي سان فنڊنگ ڪيون تہ اسين پنهنجي

مستقبل جي هڪ بهترين ڊاڪٽر جي حياتي بچائي سگهون ٿا ۽ هڪ نئون باب لکي سگهون ٿا.

آخر ۾ علي محمد تقرير ڪري ساٿ نڀائڻ جو وچن ڪيو..... ۽ چيائين ته، ”اسين اڪثر اهو چوندا آهيون ته اسان جي سماج ۾ سوشل سينس جي اڻاٺ آهي. خود غرضي آهي، خودپسندي آهي.... “هڪ شاگرد ٻي جي ڪن ۾ پڇڪيو، 80 لک مشڪل آهن..... وڏي رقم آ.... ٻيو ته.... سماج ڪهاڙيل روين سان ڀريل آهي“.

هڪ شاگرد اٿي بيٺو ۽ علي محمد کي مخاطب ٿيندي چيائين، ”سر! اوهان چيو ته .... ماڻهن ۾ زبردست سوشل سينس آهي..... رڳو ايماندار ۽ ذميوار ماڻهن ۽ پليٽ فارم جي کوٽ آهي .... اسين ڪروڙين رپيا گڏ ڪري سگهون ٿا.....“

علي محمد جي تقرير کان پوءِ سڀ شاگرد، ڪجهه استاد ۽ جان محمد سکرشهر جي گهٽين ۾ نڪري پيا، سوشل ميڊيا تي پيج ٺاهيو ويو. ڪي ڪروڙ پتي 100 رپيو ڏين ٿا ته ڪي ڪک پتي لکن جو اتساهه شاگردن کي سماجي روين جو تجربو ٿئي ٿو. اهي ماڻهن جي سوچ جو عمل جو اڀياس ڪن ٿا. ان فنڊنگ مهم دوران ڪيترائي خوبصورت واقعا ۽ ڪهاڻيون جنم وٺن ٿيون. مثال قائم ٿين ٿا، جنهن ۾ هڪ سلام ان ماءُ کي به پيش ٿئي ٿو. جنهن پنهنجي پٽ جي ڪلاس ميٽ لاءِ سونوهار ۽ ستر هزار رپيا ڏنا. ڪيڏي نه عظيم ماءُ آهي.... مائرون ته سڀ عظيم هونديون آهن. جڏهن سماج ۾ احساس جاڳي پوي ٿو ته سڀ نراسايون ۽ نااميدون سمهي پون ٿيون. پهرين ڏينهن رڳو 20 هزار گڏ ٿين ٿا. ڪجهه دوست همٿ هاري ويهن ٿا. 80 لک وڏي رقم آهي ۽ ماڻهن جو تعاون ننڍو، ڪيئن پئسا گڏ ٿيندا؟ پر ڪجهه پر اميد دوست دوستن کي ٻيهر فنڊ وٺڻ لاءِ قائل ڪن ٿا.... ۽ هڪ دفعو ٻيهر نون جذبن سان سيٺي ڪروڙ پتين، زميندارن، سرمائيدارن، سياستدانن ۽ واپارين ڏانهن نڪري پون ٿا.

چوندا آهن ته جڏهن ارادا اٽل هوندا آهن. ته پوءِ سسيون پنهون ماڻينديون آهن. ڪجهه ڏينهن ۾ 50 لک گڏ ٿي وڃن ٿا ۽ منزل جا نشان واضع نظر اچڻ لڳن ٿا. عبدالقدير جي مرجهايل چهري تي حياتي جي آس جاڳي پئي ٿي. ان سڄي صورتحال ڪور ڪندڙ صحافي پنهنجي ending words ۾ چوي ٿو، "جڏهن دوستين ۾ سچائين، سهارن، ايمانداريئن ۽ نيڪ نيتن جا سگهارا عمل شامر ٿي وڃن ته 80 لک ته ڇا 80 ڪروڙ ارب ۽ ڪرب به گڏ ڪري سگهجن ٿا.... ناظرين.... 80 لک ٿي ويا آهن ۽ عبدالقدير کي پرڏيهه علاج لاءِ اماڻيو ويو آهي. عبدالقدير جي چهري تي مرڪ آڻيندڙ جي. ايم. سي. جا شاگرد جس لهڻا. اچو ته رڳو جيئي جيئي.... جي سڪٽن نعرن بجاءِ جي ايم سي جي شاگردن جيان عملي ڪم ڪري ڏيکاريون ۽ حياتيون کسڻ بجاءِ بچايون، ڪارنامن جا مثال قائم ڪيون. رڳو شاگرد نه ٿيون پر سچو سماج ٿيون، ڌرتي ٿيون، وطن ٿيون.... ڪئمرامين سعيد سان علي محمد جي. پي. ايم نيوز سکر.....!


مان انسان ٿيندس (ڪهاڻيون)
محمد دين راڄڙي
سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد 93
محمددين راڄڙي جون ڪهاڻيون "ڦاٽڪ"، "ٽوپو"، "آخري شو"، "ڳولا" ۽ "اندر وارتا"
وجوديت جي پيرايي تي لکيل آهن جنهن ۾ مايوسي کان اميد ۽ اونداهه کان روشني ڏانهن ڪيل
سفر ڏيکاريل آهي. ڪهاڻي سرلان سگهارن مڪالمن سان سعادت حسين منٽو جي ڪهاڻي
"ٽوبا ٽيڪ سنگهه" جهڙي نه سهي، پر ان جو تسلسل ضرور آهي. ڪهاڻي "اندر جو سڏ"
نفسياتي مونجهارن، انساني فطري تقاضائن ۽ حيواني جبلت، نفسياتي پهلوئن تي پيهر نئين سر
سوچڻ تي مجبور ڪري ٿي ۽ پنهنجي پٺيان ڪيئي سوال ڇڏي وڃي ٿي
مشتاق گبول
حيدرآباد
محمد دين راڄڙي ڪهاڻي جي ڪهاڻي آهي. پنهنجي اردگرد جي نون ۽ سهيوڳي صورتحال تي
لکيل ڪهاڻيون پڙهڻ ٿيون ته ساڻس لهه وچڙ ۾ ايندڙ هر فرد ۽ هر واقعو سندن ڪهاڻين جو
حصو آهي. اهي ڪهاڻيون جيڪڏهن ٻاهرين ماحول جون آهن ته انهن جي ٽريٽمنٽ راڄڙي
صاحب جي اندر جي ڪهاڻي آهي يعني ايئن محسوس ٿيندو ته ڪهاڻي جو ٻاهريون ڍانچو
معروضي حالتون آهن ته انهن ڪهاڻين جو اندريون ماس/ ڳر/ تت محمد دين راڄڙي جون
اندريون حالتون آهن. هو ڪهاڻين ۾ احساس داخلي اوتيندو آهي تنهنڪري ئي شايد ڪهاڻين
۾ رس چس آهي ۽ ڪهاڻي پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ وٺي هلندي آهي
ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري
سنڌ يونيورسٽي
محمد دين راڄڙي سنڌي ادب جو هڪ اهڙو نوجوان تخليقي لکاري آهي، جيڪو پنهنجي دور
جي معروضي حالتن کي سمجهندي، پنهنجو نئون دڳ تلاشي ٿو، هُو رڳو رائج الوقت نظرين جي
پوئواري نٿو ڪري، پر بحيثيت تخليقڪار جي، پنهنجي شعوري آئيڊيالاجي جنمي ٿو، ڇو ته رڳو
نظرين جي پوئواري ڪرڻ سان ادبُ تخليقي ۽ فڪري آزاديءَ کان محروم
ٿي ويندو آهي ۽ مقرر ڪيل پابندين جو هيراڪ ٿجي ويندو آهي.
محمد دين راڄڙيءَ جو تخليقي ادب، سندس اُنهيءَ شعور جو
عڪاس آهي. سندس فڪشن لٽريچر ڏانهن ئي هڪ نظر ڪجي ته
سندس "خيالات جي سائنس" مخصوص نظريات بنديءَ کان ٻاهر
نڪرندي، پنهنجي ئي سماج سان گهري رشتيداري جوڙي ٿي، پنهنجي ئي
سماج جي ڏکن ڏکن، المين ۽ گوندرن، خاموشين ۽ حادثن جي نفسياتي
ڪلچر جي اوڪ ٻوڪ ڪري ٿي، جنهن کي ميٽا آئيڊيالاجي وسيلي
ئي سمجهي سگهجي ٿو، سندس ڪهاڻيون سنڌي سماج جي رڳو
عڪاسي نٿيون ڪن، پر سنڌي سماج جي اندر موجود ناڪاريت
خلاف تنقيدي زاويا به بخشين ٿيون
خليق ٻگهيو
مورو